
٢٨٦

نسب نامه

هي نسب نامه بنهي اولاد لاءِ لکيل آهي. ته هنن کي خبر پوي ته
اسان جو نسب ابًا وجدًا ڪهڙو آهي. هت حضرت امير المؤمنين
حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنه کان شروع ٿي آخر ۾
مون راقم عاصي فقير عبدالغفار غاروجي نسبًا تائين لکيل آهي


حضرت حاجی محمد صفی اللہ صاحب رضی اللہ عنہ
حضرت ولی اللہ صاحب
حضرت امین اللہ صاحب
حضرت عزیز اللہ صاحب
حضرت عظیم اللہ صاحب
حضرت حبیب اللہ صاحب
عبد الفتاح
عبد اللطیف
عبد الجبار
عظیم اللہ صاحب
عبد الباقی صاحب

تمهيد

هت اهو خيال هرگز نه ڪجي ته اسان هيڏن وڏن بزرگن جو اولاد آهيون، بس اسان چڱا رهندا سون. هرگز نه ... هنن بزرگن رضوان الله تعالیٰ عليهم اجمعين جن کي رب تعالیٰ سندن نيڪ عملن ۾ بزرگي عطا ڪئي. اسان جيڪڏهن سندن پيروي ۾ عمل ڪيو ته بهتر ورنه پاڻ کي سندن اولاد چوڻ ۾ شرم ڪرڻ گهرجي. مولانا سعدي رحمت الله عليه هي رباعي اهڙي مضمون ۾ چئي آهي.

پسرِ نوح با بدان بنشست | خاندانِ نبوتش گم کرد
سگِ اصحاب کهف روزی چند | پئ نيکان گرفت مردم شد

يعني حضرت نوح علیٰ نبينا عليه السلام جو پٽ ڪافرن

ساڻ شامل ٿيو ته هن خاندان کي نبوت واري ڳم کيائين -

ڪُتي اصحاب ڪهف جي نيڪن جي پٺي ورتي ته ماڻهون ٿيو -

جل شانه

جنهن جو ذڪر رب تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ به فرمايو آهي -

اصحاب ڪهف جي ڪتي جو نالو "قطمير" آهي ....

رب تعاليٰ جل شانه اولاد مون کي هدايت صلاحيت عطا فرمائي

۽ پنهنجي فضل و ڪرم ساڻ منهنجي اولاد کي هدايت صلاحيت

عطا فرمائي آمين - بحرمت النبي عليه التحيه والسلام -

اول حضرت حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم

جن جو مبارڪ شجره نامه لکندس بعد ۾ جناب حضرت اميرالمومنين

حضرت عمر ابن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنه جو - پوءِ حضرات

مجدديه اول کان آخر تائين - جنهن بعد آخر ۾ اسان

جو .....

١٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ۝ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِنَا وَشَفِيْعِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ ۝ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ۝
صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمْ

حضرت جابر بن عبد الله رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رب تعاليٰ جل شانه پنهنجي قدرت کامله سان نور حضور ﷺ جن خلقيو. پوءِ اهو نور ٻن قسمن ۾ تقسيم ٿيو. اول قسم جو نور جيڪو لطافت ۾ پاڪ صاف آهي تنهن سان رب تعاليٰ

انبياء، اولياءَ ۽ ملائڪ پيدا فرمايا. ٻيو قسم نور جو ناري ٿيو يعني (ناره) ان مان جن ۽ شيطان لعين پيدا فرمايا ۽ جناب حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي والد شريف جو نالو مبارڪ حضرت عبدالله[1] آهي (اهو فرزند هو حضرت عبدالمطلب[2] جو بن هاشم[3] بن عبدالمناف[4] بن قصي[5] بن ڪلاب[6] بن مره[7] بن ڪعب[8] بن لويءَ[9] بن غالب[10] بن فهر[11] بن مالڪ[12] بن نضر[13] بن ڪنانه[14] بن خزيمه[15] بن مدرڪه[16] بن الياس[17] بن مضر[18] بن نزار[19] بن معد[20] بن عدنان[21] بن عدد[22] بن ادد[23] بن حمل[24] بن قيذار[25] بن حضرت اسماعيل[26] عليه السلام بن حضرت ابراهيم[27] خليل الله علي نبينا عليه الصلوٰة والسلام ....

هاڻي حضور جن عليه الصلوات والسلام جي اولاد مبارڪ رضوان الله تعاليٰ عليهم ۽ حضور جن جي ازواج مطهرات

امهات المؤمنين رضوان الله تعاليٰ عنهن جانا لاءِ مبارڪ لکيون ٿا.
حضور جن جا فرزند شهزادا مبارڪ (٣) ٽي آهن. اول حضرت
قاسم رضي الله تعاليٰ عنه سندن ولادت مڪه معظمه ۾ ٿي
سندن حياتي مبارڪ (٥) ٻه سال رهي. ٻيو فرزند حضرت عبدالله
رضي الله تعاليٰ عنه پڻ مڪه معظمه ۾ تولد ٿيا ۽ ننڍپڻ ۾
وفات ڪيائون. ٽيون فرزند حضرت ابراهيم رضي الله تعاليٰ عنه
آهي. مدينه منوره ۾ تولد ٿيا سال (٨) هجري ۾ سندن
حياتي مبارڪ پندرهن مهينا آهي. ۽ حضور جن جون بنات مبارڪه
چار آهن اول بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها ۽ وڏين ڀينيون
مبارڪه مان آهن سندين ولادت صحيح قول سان ٣١ واقعه
فيل جو آهي (فيل يا اصحاب فيل، جهالت ۾ اعتبر ڪري
اعني ٻي نالي سان سن جو سال جو لکيو ويو آهي -)
۽ سال ٨ هجري ۾ وفات فرمايائون. ٻي بي بي رقيه
رضي الله تعاليٰ عنها آهي. سندين ولادت ٣٣ واقعه

قتل ٿي آهي. آخر ۾ حضرت عثمان رضي الله تعالیٰ عنه
جن جي نڪاح ۾ آهي. سندس وفات ٻي هجري ۾ ٿي
۳. بي بي ام ڪلثوم رضي الله تعالیٰ عنها. حضور جن
جي بي بي رقيه رضي الله عنها جي وفات بعد بي بي ام ڪلثوم
رضي الله تعالیٰ عنها حضرت عثمان رضي الله تعالیٰ عنه
جي نڪاح ۾ آندي. ۽ سندن وفات سال ۹ هجري ۾ ٿي -
۴. حضرت بي بي فاطمة الزهرا رضي الله تعالیٰ عنها آهي -
سندن ولادت مڪه معظمه ۾ سال ۳۵ واقعه فيل ۾ آهي
ٻي قول ۾ سال ۴۱ واقعه فيل ۾ آهي. ننڍي ۾ ننڍي نياڻي
پاڪ حضور جن جي هئي. هجري سال اول يا ٻئي ۾ حضرت
علي ڪرم الله تعالیٰ وجهه جن جي نڪاح ۾ حضور جن آندي.
سندن وفات مبارڪ مدينه منوره ۾ ۳ رمضان شريف
بعد وفات حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي
ڇهه مهينا چاليهه ڏينهن پٺي ٿي آهي. رضي الله تعالیٰ عنها

سندن مدت حياتي جي ٢٨ سال آهي. هي سمورو اولاد بائ
حضرت جن جو سواء حضرت ابراهيم عليه السلام جي بي بي صاحب
خديجة الكبرى رضي الله تعالى عنها مان آهي.

ذكر زوجات مطهرات حضرت جن جو هي آهي.

اول. بي بي خديجة الكبرى رضي الله تعالى عنها بنت
خويلد جي آهي. زالن مان اول اسلام بي بي صاحبه آندو ۽
حضرت جن جي نبوت جي تصديق ڪئي. رضي الله تعالى عنها
پنهنجو سمورو مال ۽ دولت حضرت جن کي سندن رضا لاءِ
وقف ڪيائين جيستائين سندن حياتي مبارڪ هئي حضرت جن
ٻيو نڪاح نه ڪيو آهي. سندن رتبو رب تعالى جل شانه
کين اعلى درجو جو عطا ڪيل هو. سندن صحبت حضرت جن
سان ٢٥ سال آهي ۽ سندن وفات مبارڪ حضرت جن جي
بعثت نبوة کان بعد ٢٠ يئي سال آهي. سندن عمر مبارڪ
٦٥ ورهيه آهي. سندن وفات مكه معظمه ۾ ٿي. سندن

قبر مبارڪ جنت المعلیٰ ۾ آهي.

حضرت ابراهيم رضي الله تعاليٰ عنه بي بي صاحبه ماريه قبطيه
رضي الله تعاليٰ عنها جي بطن مبارڪ مان پيدا ٿيل آهي.

٢: ٻي زوجه مبارڪ حضور جن جي بي بي سوده بنت زمعه
رضي الله تعاليٰ عنها آهي. حضور جن جي نڪاح مبارڪ ۾
بعثت نبوت جي ١٠ ڏهين سال ۾ آئي آهي. سندن وفات
مبارڪ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت ۾ ٿي آهي.

٣ ٽين زوجه مبارڪ حضور جن جي بي بي صاحبه عائشه صديقه
بنت حضرت صديق النبي صلي الله تعاليٰ عليه واله وسلم
جي آهي. بي بي صاحبه رضي الله تعاليٰ عنها جي محبت ۽
الفت ۽ عزت حضور جن سان انتهائي زياده هئي. ۽
بهترين ازواج مطهرات مان هئي. سندن اتقا پرهيزگاري
زهد ۽ علم ۾ کين ڪافي رتبو عطا ٿيل هو. احڪام
شرعيت جا سندن کان هزارها حديثون نقل آيل آهن

مطلب ته اڏ دين جو سنڌن ڪان ثابت ٿيل آهي - ۽ سنڌن
عصمت ۽ پاڪائيءَ رب تعاليٰ جل شانہٗ قرآن پاڪ ۾ صاف صاف
ارشاد فرمائي آهي - شاهديت ۽ صاحب اجتهاد جا هوا -
حضورجن جي محبت ۽ خلعت ۾ بي مثال هوا. رضي الله تعاليٰ
عنها - سنڌن وفات مبارڪ ۵۸ هجري ۾ ٿي. سنڌين عمر
مبارڪ ۶۶ سال آهي -

۴

۴ چوٿين زوجه مبارڪ حضورجن جي بي بي حفصه بنت
حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنها آهي -
سال هجري ۳ ۾ حضورجن جي نڪاح ۾ آئي. سنڌين وفات
مبارڪ هجري سال ۴۵ يا ۵۰ ۾ ٿي آهي - سنڌن
عمر مبارڪ ۶۰ سٺ سال آهي. رضي الله تعاليٰ عنها -

۵

۵ پنجين زوجه مبارڪ حضورجن جي بي بي زينب
بنت حنظله رضي الله تعاليٰ عنها آهي. سال هجري ۳
۾ حضورجن جي نڪاح ۾ آئي. نڪاح ڪان بعد ۸ سال

وفات فرمايائون رضي الله تعاليٰ عنها -

٦ ڇهين زوجه مبارڪ حضورن جي بي بي اُمِّ سلمه بنت
عاتڪه بنت عبدالمطلب رضي الله تعاليٰ عنه آهي
يعني بي بي ام سلمه حضرت جي ڦڦيءَ بي بي عاتڪه رضي
الله تعاليٰ عنها جي نياڻي مبارڪ آهي - سال هجري ٤ ۾
حضورن جي عقد مبارڪ ۾ آيل آهي - ۽ سال هجري ٦١ ۾
وفات فرمايائون سندن عمر مبارڪ ٨٤ ورهيه رهي -
رضي الله تعاليٰ عنها -

٧ ستين زوجه مبارڪ حضورن جي نڪاح ۾ بي بي
زينب بنت جحش رضي الله تعاليٰ عنها آئي - اول
زيد بن الحارثه جي نڪاح ۾ هئي - انجي خلاصيءَ کانپوءِ
سال ٥ هجري ۾ حضورن جي نڪاح مبارڪ ۾ آئي -
وفات سندن سال هجري ٢٠ ۾ ٿي سندن عمر مبارڪ
٥٣ سال رهي - رضي الله تعاليٰ عنها -

٨

٨ آٺين زوجه مبارڪ حضورن جي بي بي جويريه بنت الحارث
آهي - رضي الله تعالیٰ عنها . سال هجري ٥ھ ۾ حضورن
جي نڪاح ۾ آئي - سنه وفات سال هجري ٥٦ھ ۾ ٿي -
سنه حياتي مبارڪ ٦٥ سال آهي رضي الله تعالیٰ عنها -

٩

٩ نائين زوجه مبارڪ حضورن جي بي بي ام حبيبه
بنت ابي سفيان رضي الله تعالیٰ عنها آهي . سال هجري
٧ ۾ حضورن جي نڪاح مبارڪ ۾ آئي . وفات سنه
سال هجري ٤٤ ۾ ٿي - رضي الله تعالیٰ عنها

١٠

١٠ ڏهين زوجه مبارڪ حضورن جي بي بي صفيه بنت
حيي خيبر جي لڙائي ۾ مال غنيمت ۾ آئي ۽ حضورن
کين آزاد ڪري پنهنجي نڪاح مبارڪ ۾ آندو . بي بي صفيه
رضي الله تعالیٰ عنها بني اسرائيل جي قوم مان هئي -
سنه وفات سال هجري ٣٦ ۾ ٿي رضي الله تعالیٰ عنها -

١١

١١ يارهين زوجه مبارڪ حضورن جي بي بي ميمونه بنت

الحارث رضی اللہ تعالیٰ عنہما آهي. سندن وفات سال

٢٣هجري ۾ ٿي. رضی اللہ تعالیٰ عنہ.

ازين بعد حضورﷺ جا ازواج مطهرات رضوان اللہ تعالیٰ

عليهم اجمعين جملہ ١١ يارهن آهن - بي بي صاحبہ حضرت

خديجة الكبرىٰ ۽ بي بي صاحبہ حضرت زينب رضی اللہ

تعالیٰ عنهما حضورﷺ جي حياتيءَ ۾ وفات فرمائين. باقي

٩ نَوَ ازواج مطهرات حضورﷺ جي وفات كان بعد

وفات كيائون. صلى اللہ عليہ و آلہ و اصحابہ و

سلم واهل بيتہ الطاهرين والطاهرات اجمعين =

هاڻي حضرت امير المؤمنين عمر بن الخطاب جو نالو مبارڪ

رضي اللہ تعالیٰ عنہ ۽ سندن نسب ۽ سندن اولاد

امجاد جو ذكر كجي ٿو.

بسم الله الرحمن الرحيم

الثاني الناطق الحق والصواب حضرة عمر بن الخطاب

رضي الله تعالى عنه

حضرت امير المؤمنين حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعالى عنه
پاڻ قريش جي قبيله بني عدي مان هوا - سندن نسب
حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وصحبه وسلم جن سان
٨ اٺين پشت ۾ (ڪعب) سان ملي ٿو - پاڻ اسلام
۾ داخل ٿيڻ ۾ چاليهين نمبر اصحاب مان هوا - سندن اسلام
جي اچڻ مسلمانن لاءِ باعث فخر هئو - جو ظاهر ظهور
ڪعبة الله شريف ۾ نماز پڙهڻ لڳا - ۽ پاڻ حضرت
صديق رضي الله تعالى عنه جن جي وفات بعد مسند خلافت
تي فائز ٿيا - سندن فراست ۽ عدالت ضرب المثل آهي .
۽ سندن فتوحات از حد زياده - حجاز سارو - عراق -

شام - مصر - ايران ۽ مڪران تائين فتوحات آهن .
سندين توصيف ۽ ثنا آءُ عاجز قاصر ڇا بيان ڪريان
تواريخ جا ڪتاب . عربي فارسي اُردو جا سندن فتوحات ،
فراست، عدالت ۽ سخاوت سان ڀريل آهن . رضي الله تعالیٰ عنه
سندين والده صاحبه جو نالو بيبي خنتمه بنت هاشم بن
مغيره آهي . سندن نسب هن ريت آهي —
باپ ابن الخطاب بن نفيل بن عبدالعزيٰ بن رباح
بن عبدالله بن قرط بن رزاح بن عدي بن ڪعب
سندن ولادت واقعه فيل کان ١٣ - تيرهن سال پوءِ ٿي
آهي - سندن لقب فاروق اعظم آهي . ڪنيت ابوحفص
آهي - سندن خلافت ۾ اميرالمؤمنين جو لقب اصحابن
سڳورن کان مليو . سندن منڊي جي مهر تي هي لفظ اُڪريل هوا
(ڪفيٰ بالموت واعظا يا عمر)

فرد . بعد پيغمبر به الطاف ڪريم — ڪرد فتح چار صد شهر عظيم

يعني حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه و اله وصحبه وسلم

٢١٠

کان پوءِ چارسؤ ڏهه شهر ۽ ڪافرن جا عظيم تخت گاهه

سندن دور خلافت ۾ فتح ٿيل آهن -

سندن وفات سال هجري ٢٣ ۾ ابو لؤلؤ نماز صبح جي

وقت ڏينهن اربعه ٢٨ ذوالحج وقيل ١ پهرين محرم

چار ضرب تلوار جا ڪيا - جنهن جي ڪري شهادت ۾

وفات فرمايائون. سندن خلافت جو مدو ڏهه سال هليو

عمر مبارڪ سندن سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي

مطابق ٦٣ ٽيهٺ سال رهي. سندن مدفن مبارڪ

حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه واله وصحبه وسلم

۽ حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالیٰ عنه سان

گڏ مدفون آهي -

سندن فرزند ارجمند حضرت عبد الله صاحب رضي الله تعالیٰ عنه

آهي - حضرت عبد الله جن اصحاب ڪرام حضور جن مان

آهن. پاڻ وڏا عالم صاحب حقيقت، طريقت، شريعت

۽ صاحب اجتهاد ۽ راءِ جا هوا. پاڻ آخر ۾ مدينه

منوره مان هجرت ڪري مڪه معظمه ۾ آخر عمر تائين

گذاريائون. زماني جي انقلاب ڪري هر طرح سياست

کان دور رهي ڪري شرعي احڪام جاري فرمائيندا هيا.

آخر پاڻ وفات به مڪه معظمه ۾ فرمايائون. ۽

سندن مدفن به مڪه معظمه ۾ جنت المعلىٰ ۾ آهي.

٣ سندن ٻيو فرزند حضرت سالم رضي الله تعالىٰ عنه آهي سندن

لقب ناصر به لکيل آهي.

٣ سندن ٽيون فرزند حضرت خواجه ابراهيم رضي الله

تعالىٰ عنه آهي.

٤ سندن چوٿون فرزند حضرت خواجه اسحاق رضي الله

تعالىٰ عنه آهي.

٥ سندن پنجون فرزند حضرت خواجه ابوالفتح رضي الله

تعالىٰ عنه آهي.

۶ سندن چھون فرزند حضرت خواجہ عبد اللہ الواعظ الاکبر رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے۔

۷ سندن ستون فرزند حضرت خواجہ عبید اللہ الواعظ الاصغر رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے۔

۸ سندن اٺون فرزند حضرت خواجہ مسعود رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے۔

۹ سندن نائون فرزند حضرت سلیمان رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے۔

۱۰ سندن ڏھون فرزند حضرت خواجہ محمود رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے۔

۱۱ سندن يارھون فرزند حضرت خواجہ نصیر الدین رضی اللہ تعالیٰ عنہ آھے

۱۲ سندن ٻارھون فرزند حضرت شیخ سلطان شھاب الدین علي المعروف فرخ شاہ ڪابلي الفاروقی

رضي الله تعالىٰ عنه آهي.

حضرت شيخ سلطان شهاب الدين علي رحمت الله عليه جن ساڳي افغانستان جا حاڪم هوا. ڪيترا دفعا اسلامي لشڪر وٺي هندستان تي جهاد في سبيل الله ۾ ڪاهون ڪيون اٿن. ۽ گهڻا ماڻهون هندستان جا سندن هٿن مبارڪن تي اسلام ۾ داخل ٿيل آهن. هندستان جي ڪافر راجائن کي جهاد ۾ شڪستون فاش ڏنيون اٿن ۽ ۽ وڏو مال غنيمت هٿ ڪري وري به موٽي ڪابل آيل آهن. آخر ۾ ظاهري حڪومت کان نفرت پيدا ٿي ۽ پنهنجي آبائن جي پيروي ۾ دنيا ۽ حڪومت ترڪ ڪري واصل بالله ٿيا. سندن مقبره شريف گنبذ دره فرخ شاه ڪابل سان مشهور آهي. ۽ ڪابل جي اطراف ۾ اڄ تائين درخشان آهي. ۽ خلق سندن آستانه بوسي کان مشرف ٿي ڪامياب ٿئي ٿي.

حضرت خواجه ضياءُ الحق صاحب عليه الرحمت مياڻي واري
حضرات جو ڏوڏو ڏاڏو سڳڻ والده صاحبه عليها الرحمت
جي وفات بعد درهءِ فرخ شاهه ۾ وڃي مسند آرا ٿيا
هوا. ۽ اُتي ديني تدريس شروع ڪيائون. هزارها
مخلوق سندن فيض باطني مان مشرف ٿيا.

۽ حضرت خواجه فضل الله صاحب عليه الرحمت (حضرت
خواجه فضل الله صاحب عليه الرحمت درگاهه شنڊه سائينداد
جي حضرات جو وڏو ڏاڏو صاحب آهي) سندن وڏو ڀاءُ
سندن والده بي بي صاحبه عليها الرحمت جي وفات بعد ۽
پنهنجي والد صاحب حضرت خواجه شاهه غلام النبي صاحب
رحمت الله عليه جي وفات بعد قندهار ۾ مسند آرا ٿيا.

هي به هڪ ورق ۾ پنهنجي اولاد راقم جي سمجهاڻي لاءِ لکيم
ته کين ڪجهه نه ڪجهه خبر لهي. شال اهڙن بزرگن جي صدقي
رب تعالى انهن کين هدايت فرمائي آمين....
(فقير عبدالغفار عفي عنه)

١٣ حضرت فرخ شاه ڪابلي رحمت الله عليه جو فرزند حضرت
شيخ يوسف رحمت الله عليه آهي.

١٤ سندن فرزند حضرت شيخ احمد رحمت الله عليه آهي.

١٥ سندن فرزند حضرت شيخ شعيب رحمت الله عليه آهي.

١٦ سندن فرزند حضرت شيخ عبدالله رحمت الله عليه آهي.

١٧ سندن فرزند حضرت شيخ اسحاق رحمت الله عليه آهي.

١٨ سندن فرزند حضرت شيخ يوسف رحمت الله عليه آهي.

١٩ سندن فرزند حضرت شيخ سليمان رحمت الله عليه آهي.

٢٠ سندن فرزند حضرت شيخ نصيرالدين رحمت الله عليه آهي

٢١ - سندن فرزند حضرت شيخ قطب الاقطاب غوث العالمين
حضرت امام شاه رفيع الدين رحمت الله تعاليٰ عليه آهي.

هاڻي ڪجهه سمجهاڻي

حضرت شاه امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت بابت
سرهند شريف جا آهن.

سنڌ ڪابل کان هندوستان اچڻ جو ذڪر -

حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمة حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جو ڇهون ڏاڏو آهي . پاڻ صاحب عليه الرحمت عالم فاضل علم ظاهري ۽ باطني جا هوا. پاڻ مريد ۽ امام نماز ۽ خليفه حضرت جلال الدين بخاري ملقب سيد مخدوم جهانيان رحمت الله عليه جا هوا. ۽ مخدوم جهانيان جي نياڻي شريفه به سندن عقد نڪاح ۾ هئي . جڏهن حضرت جلال الدين صاحب عليه الرحمت ملقب به مخدوم جهانيان ولايت بخارا کان ڪابل آيا ته حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت کي پاڻ سان وٺي هندستان روانا ٿيا جو سندن مريد خاص سلطان فيروز شاه تغلق والي هندستان جي دعوت تي هندستان آيا. جڏهن هڪ ڳوٺ نالي ”براس“ جيڪو سرهند شريف کان پنج ڇهه ڪوهه پري آهي مخدوم صاحب پهتو ته ڳوٺ

ساڻن حضرت مخدوم صاحب کي عرض ڪيو ته اوهان دهلي وڃي
رهيا آهيو ۽ وقت جو بادشاهه فيروزشاهه اوهان جو خاص
مريد آهي. "سرهند" (جيڪو پوءِ وڃي "سرهند" شريف جي
نالي سان مشهور ٿيو) هڪ گهاٽو جهنگل آهي. جنهن ۾
درندا شينهن، بگهڙ ۽ ٻيا جانور آهن. اتان شهر
سامانه ڏانهن رستو آهي. جنهن ۾ سرڪاري ڪامورا
۽ خزانو رهي ٿو. اوڏانهن هتان جا ماڻهون وڏي مشڪل
سان وڃن ٿا ۽ سرڪاري ماليه يعني ڍل وغيره پهچائين ٿا
اوهان مهرباني فرمائي وقت جي بادشاهه کي حڪم فرمايو ته
انهي جهنگل يعني "سرهند" ۾ هڪ شهر ۽ وڏو قلعه
۽ مسافرخانه تعمير ڪرائڻ لاءِ وقت جو بادشاهه حڪم ڏئي.
ته اوهان جي خدا پاڪ جي خلق تي وڏي مهرباني ٿيندي.
حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمت سندن عرض قبول ڪيو
جڏهن مخدوم صاحب "ڪنوڙ" ۾ پهتا جو ڪنوڙ

دهلي ۾ کان ٻن منزلن تي آهي. تہ بادشاهہ فيروز شاهہ
حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمت جن جي استقبال لاءِ اچي
آيو - جتي مخدوم صاحب خلق جو ڪيل ميثون عرض بادشاهہ
کي ٻڌايو - بادشاهہ مخدوم صاحب عليہ الرحمت جي خاطر
قبول ڪيو - ۽ ان شهر جي ناهڻ لاءِ قلعہ وغيرہ ۽
مسافرخانہ جي ڪم واسطي حضرت امام رفيع الدين صاحب
عليہ الرحمت جي پاءُ حضرت فتح الله صاحب کي ٻنهي جي
ٻارن امير مقرر ڪري کين ٻہ هزار لشڪر ۽ خزانہ ڏيئي
روانہ ڪيو - جڏهن حضرت فتح الله صاحب عليہ الرحمت
جن اُتي پهتا ۽ قلعہ جو ڪم شروع ڪرايائون تہ قدرتاً
جيڪو بہ ڪم صبح کان شام تائين تيندو هو، سو ٻئي ڏينهہ
ڊهي پوندو هو. ۽ اهو ڊهڻ جو سلسلو روز اندر هلندو
رهيو آخر لاچار ٿي انهيءَ حالت جي رپورٽ بادشاهہ جي
حضور ۾ پيش ڪيائون. جڏهن بادشاهہ کي اها خبر

پھچي تہ بادشاھ حضرت مخدوم صاحب عليہ الرحمت جي خدمت
۾ عرض ڪيو تہ اوھان جي حڪم موجب اھو ڪم ڪيو ويو مگر
جنھن مھل تہ آھي تہ ڇا جي ڪري صبح وارو ڪم رات جو خراب ٿو
ٿئي - ھاڻي جيڪو حڪم ! مخدوم صاحب عليہ الرحمت بادشاھ
کي دلاسو ڏئي پنھنجي يارن حضرت شاھ امام رفيع الدين
صاحب عليہ الرحمت کي اھئي اسرار جي ڪيفيت معلوم ڪرڻ لاءِ
موڪليو ۽ ھڪ سڀ پنھنجي ھٿ سان امام رفيع الدين صاحب
عليہ الرحمت کي ڏنائون تہ اھا سڀ قلعہ جي بنياد ۾
رکو ۽ حضرت امام رفيع الدين صاحب عليہ الرحمت کي فرمايائون
تہ بادشاھ طرفان اوھان جو پيغام حضرت فتح الله صاحب
معرفت آھي ۽ منھنجي طرفان اوھان معرفت آھيو - وري
اھا ڪيفيت معلوم ڪريو -

جنھن حضرت شاھ رفيع الدين صاحب عليہ الرحمت جن
انھي سرزميني تي پھتا ۽ پنھن جي ھٿن سان اُھا مخدوم

صاحب عليه الرحمت واري سير متبرڪ قلعه جي بنياد ۾ رکي
پوءِ باطني طرح اهڙيءَ اسرار جي ڪيفيت معلوم ڪيائون ته
ٻيَل ڪان سڪاري ماڻهن حضرت شيخ شرف الدين صاحب
عليه الرحمت "مشهور بوعلي قلندر" قدس سره کي بيگار ۾
ورتو آهي. اُن حضرت جي باطني غيرت ڪري ايها قلعه جي
عمارت ڊهندي رهي ٿي. حضرت بوعلي قلندر صاحب پاڻ
کي ماڻهن ۾ مخفي رکيو. ڪنهن کي به اها خبر ڪانه هئي
ته هي ماڻهن کو "بوعلي قلندر آهي"
حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جن کي جڏهن ايها
اندروني ڪيفيت معلوم ٿي ته حضرت بوعلي قلندر صاحب جن
وٽ ويجي عذر معذرت پيش ڪيائون ته سرڪاري ماڻهن کي
اوهان جي خبر نه هئي ته ڪير اوهان بوعلي قلندر آهيو.
هاڻي اوهان مهرباني فرمائي دعا ڪريو ته اها عمارت قلعه جي
وڃي جو خدا پاڪ جي خلق لاءِ هڪ نجات جو ذريعه رهندو

لڳي حضرت بوعلي قلندر صاحب فارسيءَ ۾ هي لفظ چيا

رفيع الدين به پاس خاطر تو اين شهر چند روز آباد باشد

والا تا قيام قيامت آبادي اين را نمي گزاشتم -

(ترجمه) رفيع الدين تنهنجي خاطر هي شهر ڪجهه وقت آباد رهندو

ورنه تا قيام قيامت تائين اهڙي عمارت کي ناس ٿيڻ ڪين ڏيان ها...!!

آخر ڪلام جڏهن اهو قلعه تيار ٿيو جو اڄ ڏينهن تائين حضرت

مجدد الف ثاني عليه الرحمت جي درگاهه عالي کان هڪ ميل پنڌ

تي آهي. افسوس جو اهو اڄ هنن ڌرڻي بندن جي هٿ ۾ آهي.

اسان پوئين سال جڏهن سرهند شريف جي عرس جي موقعه تي

وياهواسين ته سرڪاري طرح اسان زائرين کي اهو قلعه

ڏيکاريائون. هاڻي هنن انهي قلعه جي مرمت ڪرائي آهي

۽ دنيا جي سياحن لاءِ هڪ عجائبات جو مرڪز بڻايو اٿن -

(آخر ڪلام) جڏهن اهو قلعه تيار ٿيو ته سلطان فيروز شاهه عرض ڪيو

ته جڏهن اهو قلعه ۽ شهر امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جي

ترف سان ٺهيو آهي ته پاڻ اُتي ئي سڪونت ڪن - ۽ انهيءَ ملڪ ۾ سرڪاري پل وغيره ڪين جاگير طور ڏني ٿي . ان ڏينهن کان امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جن عيال سميت اُتي ئي ساڪن ٿيا - ۽ رشد هدايت خلق الله ۾ مشغول رهيا، تان جو سندن وفات به اُتي ئي ٿي . سندن اولاد مان هڪ ڌيءُ نيڪ بخت حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن جو ان بقعه مبارڪ ۾ ظهور پرنور ٿيو.

ان کان پوءِ حضرات مجدديه جو مستقل طرح اُتي رهڻ ٿيو. سندن قبر مبارڪ درگاهه عالم پناهه حضرت مجدد الف ثاني قدس سرهٗ جن کان اولهه ڏکڻ طرف آهي - گنبذ مٿي نه آهي.

سندن قبر مبارڪ سان گڏ حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جي والده صاحبه عليها رحمت جي به قبر مبارڪ آهي . مولانا محمد هاشم ڪشمي زبدة المقامات ۾ هن طرح لکيو آهي ته هڪ رات جناب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه

جن سندن زيارت لاءِ آئي ويا سچو وقت ٻنهي مراقب رهيا.
بعض خادمن عرض ڪيو ته جيڪڏهن حضور جن ولهن ته بهتر
مگر ٻارڙا نڌو ويٺا پئي ٻينا رهيا. هڪڙو وقت ٻنهي والده صاحبه
جي قبر لڳي سبا رهيا رهيا رحمهما الله تعالى. ٻي رات حضرت
مخدوم زاده صاحب سندن حضرت خواجه محمد معصوم صاحب
رحمت الله عليه جن ذڪر فرمايو ته حضرت جن اتان موٽي
تي فرمايو ته جڏهن حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت
جي قبر تي ٻيٺس پئي رب تعالى جل شانه جي درگاه عالي ۾
عرض ملتجي ٿيس ته يا رب خدايا هن ساري قبرستان تان
ٻنهن جي خاص فضل سان عذاب لاهه. الهام ٿيو ته اوهان
جي خاطر هڪ هفتو عذاب گهٽايو ويو آهي. وري به درگاهه
رب تعالى جي ۾ ملتجي ٿيو ته يا رب تنهجي رحمت ڪي حد نه
آهي توئي فضل ڪر ۽ ابدًا ساري قبرستان تان عذاب
دور فرماءِ. جواب مليو ته هڪ مهينو عذاب هٽايو ويو.

دري بر درگاه حضرت تعالیٰ جلشانہ جي ملڻ جي ترس ۾ عرض ڪيم
ته يارب تون غفور رحيم آهين ابداً عذاب دفع فرماءِ -
رب تعالیٰ جلشانه پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ساري قبرستان
تان قيامت تائين ابدًا عذاب رفع دفع فرمايو - اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ
الرَّحِيْم ٥ بي ڏينهن پنهنجي والد صاحب جن مبارڪ صاحب
عليهم الرحمت جي زيارت لاءِ تشريف فرما ٿيا جو سندن درگاه
عاليءَ کان اتر ۽ اولهه طرف قريبًا هڪ ميل تي آهي - انهي سندن
خاطر مبارڪ تي آيو ته حضور سرور دين و دنيا صلي الله تعاليٰ
عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم جن جي حديث مبارڪ آهي ته
جيڪڏهن ڪو عالم رباني ڪنهن قبرستان تي وڃي ته رب تعاليٰ
جلشانه ان عالم جي صدقه ساري قبرستان تان چاليهه ڏينهن
عذاب دفع فرمائي ٿو - مجرد هن خيال سان ڪين رب تعاليٰ
جلشانه جي طرفان الهام ٿيو ته توهان جي خاطر هن ساري
قبرستان تان تا قيامت عذاب دفع ڪيو ويو آهي -

هي حڪايت زبدة المقامات مان نقل ڪيل آهي -

حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت ۽ حضرت صاحب جي والد صاحب عليه الرحمت مٿان گنبذ نه آهي . هڪ احاطه چوديواري جو آهي . اڳ ۾ بنهي صاحبن جي قبرن مبارڪن جي چوطرف وڏو قبرستان هو . هاڻ ان قبرستان جو ظاهرا ڪو به نشان ڪونه آهي . فقط مخصوص سندن قبرن کي چوديواري آهي . جيڪڏهن سندن احوال مبارڪ لکان ته هي جو ٽڙي ڇاپڻي ڪتاب پڙهي وڃن مگر بالڪل اختصار سان تبرڪاً هي هڪ حڪايت لکي اٿم . جا مشتِ از خروار آهي .

هاڻي ويري حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جي والد صاحب جن جو انساب لکجي ٿو .

٢٢ حضرت امام رفيع الدين صاحب عليه الرحمت جي ~~والد~~ فرزند صاحب جنالو حضرت حبيب الله صاحب رحمت الله عليه آهي .

٢٣ سندن ~~والد~~ فرزند صاحب جن جونالو حضرت شيخ محمد صاحب عليه الرحمت آهي -

٢٤ سندن ~~والد~~ فرزند صاحب جو نالو حضرت عبدالحقؒ صاحب عليه الرحمت آهي.

٢٥ سندن ~~والد~~ فرزند صاحب جو نالو حضرت شيخ زين العابدين رحمت الله تعاليٰ عليه آهي.

٢٦ سندن ~~والد~~ فرزند صاحب جو نالو حضرت شيخ عبدالصمد عليه الرحمت آهي.

هاڻي ڪجهه ذڪر حضرت مجددؒ صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي والد صاحب جو لکجي ٿو.

حضرت شيخ عبدالاحد صاحب جن جو لقب "مخدوم" جناب آهي. پاڻ مجاز طريقت قادريه ۽ چشتيه رحمت الله عليهم جا هوا. سندن عين جوانيءَ جي وقت ديني علم جي پڙهڻ ۽ طريقت جي حاصل ڪرڻ جو شوق ٿيو. ان وقت جو بزرگ معلم النفوس حضرت شيخ عبدالقدوس صاحب عليه الرحمت (گنگوهي) طريقت قادريه رحمت الله عليه جا صاحب علم ظاهري

۾ باطني نجا بزرگ هوا. سندن خدمت ۾ پهچي سندن دست
مبارڪ تي طريقه قادريه ۾ بيعت ورتائون. چوجو انوقت
طريقه نقشبنديه رحمت الله عليهم جيڪو به بزرگ هندستان ۾
نه آيل هو. حضرت مخدوم صاحب پنهنجي مرشد حضرت
عبدالقدوس صاحب عليه الرحمت کي عرض ڪيو ته آءٌ اوهان
جي صحبت ۾ رهي ورتيڪ فيض حاصل ڪريان. سندن
مرشد کين فرمايو ته اول طريقت ۾ علم ديني حاصل ڪرڻ
ضروري آهي جو سواءِ علم دين جي طريقت ۾ خدشا آهن
تا. پهريون علم ديني حاصل ڪريو پوءِ مرشد اچو.
انشاء الله تعالیٰ سڀ ڪجهه اوهان کي حاصل ٿيندو.

حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمت عرض ڪيو ته اوهان صاحبن
جي عمر مبارڪ تمام وڏي آهي. تي ڏسجي مبادا مان علم حاصل
ڪرڻ لاءِ اچان ۽ اوهان موجود نه هجو. سندن مرشد
فرمايو ته جڏهن به علم حاصل ڪرڻ لاءِ اچين ۽ آءٌ موجود

نه مڃان ته سمجهي فرزند حضرت شيخ رکن الدين صاحب عليه الرحمت کي

وقت اچڻ جيڪو به فيض گهرندين سو توکي ان کان حاصل ٿيندو - انشاء الله ٿيا

پوءِ مخدوم صاحب سندن حڪم تحت تحصيل علم ديني ۾ مشغول ٿيا

۽ علم ۾ شايانِ شان رتبه حاصل ڪيائون - هر هنر ۾ جهڙي

به ڪين ڪو عالم معلوم ٿيندو هو ان وقت جي تعليم علم قرآن

بلڪ ۽ حديث بلڪ ۽ علم سير ڪما حقه حاصل ڪيائون - پوءِ

جڏهن ۽ پنهنجي مرشد جي درگاه تي آيا ته حضرت شيخ صاحب

عبدالقدوس عليه الرحمت جن وفات ڪئي هئي - ۽ سندن

فرزند مسندِ رشد ارشاد تي رونق افروز هوا -

حضرت شيخ رکن الدين صاحب قدس سره پنهنجي والد صاحب

جي وصيت ۽ حڪم تحت مخدوم صاحب جن کي وڏي شفقت

سان طريقه قادريه ۽ چشتيه رحمت الله عليهم ۾ فائض

فرمايائون ۽ خلافت جي خلعت سان کين مشرف فرمائي

کين پنهنجو طريقو يعني قادريه ۽ ~~نقشبنديه~~ چشتيه عليهم الرحمه

۾ تلقين طريقت جي طالبن لاءِ امر فرمايائون ۽ اجازت
نامه وڏي فصاحت ۽ بلاغت سان عربيءَ ۾ لکي ڏنائون
ان مان تبرڪاً هي بيت عربي ۽ فارسيءَ جا هتي لکجن ٿا -

وَقَدَ الخَيرُ وَالاِقبَالُ مَوعِدًا — كَوكَبُ المَجدِ فِي الاُفُقِ الاَعلىٰ صَعِدًا

بشرا ترا که دولت دارين رو نمود — ايجاز وعده کرد نقابي زرخ کشود

بر آسمان رفعت شمس بر آمده — نوري ازان بتافت اندر جهان نمود

هن کان بعد عربيءَ ۾ نهايت فصاحت ۽ بلاغت سان اجازت
نامه لکيو اٿن - طوالت ۽ هن زماني جي بي علمي کري نه لکيم
جنهن کي ڏسڻ جو شوق هجي ته ڪتاب عمدة المقامات صفحو
نمبر ١٠٣ ۽ صفحو نمبر ١٠٤ تي ملاحظه فرمائي - حضرت مخدوم
صاحب اول بيعت طريقت حضرت شيخ عبدالقدوس گنگوهي
رحمة الله عليه جي دست مبارڪ تي ڪئي - سندن وفات تي
مرشد جي حڪم ۽ وصيت موجب سندن فرزند حضرت شيخ
رڪن الدين صاحب عليه الرحمة کان فائض ٿيا ۽ خلافت

جي خلعت ۽ اجازت نامه ڪين نڪي مخلوق جي رشد و هدايت
لاءِ حڪم فرمايائون. حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمت کان
سواءِ سندن جي ٻين ٻن بزرگن صاحبن عليهما الرحمت جي
به صحبت حاصل ڪئي آهي. ۽ انهن کان مٿن ڏاڍو فيض به
حاصل ڪيو اٿن. انهن بزرگن جا نالا مبارڪ هي آهن.
١ حضرت شيخ جلال الدين صاحب تاليسري عليه الرحمت.
حضرت جلال الدين صاحب وڏي ۾ وڏو خليفه حضرت عبدالقدوس
صاحب عليه الرحمت جو هو. ۽ صاحب طريقت ۽ شريعت جو هو.
٢ ٻي صحبت ۽ ملاقات حضرت شيخ ڪمال ڪيتلي سان ٿين.
رحمت الله عليه. اهي به سيد صاحب طريقه قادريه ۽ چشتيه
جا هوا. مٿن عجيب عجيب ڪرامتون آهن جي طوالت سبب
هت ڪيل نه آهن. هي سيد صاحب مسئله "وحدت الوجود"
جا قائل هوا. جنهن کي جناب حضرت مجدد صاحب قدس سره
جن ماڻي ڪري لکيو آهي. حضرت مجدد صاحب قدس سره

جن زماني ۾ اهو ته سندن والد صاحب جو نزد هو ته آخر نهايت
طريقت جي طريقه نقشبنديه ۾ آهي. مگر افسوس اڄ تائين
ڪو به بزرگ طريقه نقشبنديه جو هندوستان ۾ نه آيل آهي
جوان دڳ وٺي سعادت حقيقت جي حاصل ڪجي - الله پاڪ
جلشانه جي درگاه عالي ۾ التجا آهي ته ڪو اهڙو بزرگ
نقشبنديه جو هت هندستان ۾ آڻي يا اسان کي اُن تائين پهچائي -
مخدوم صاحب عليه الرحمت جن جي اها دعا رب تعالى جلشانه
قبول فرمائي ۽ سندن وفات بعد حضرت شاه باقي بالله صاحب
رضي الله تعالى عنه جن جو هندستان ۾ اچڻ ٿيو ۽ سندن
فرزند حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت حضرت شاه
باقي بالله صاحب جن جي دست مبارڪ تي بيعت طريقت جي
طريقه نقشبنديه ۾ ورتي - ۽ سندن برڪت سان دنيا ۾
فيض جا دريا جاري ٿيا ۽ رب تعالى جلشانه کين رتبه
"مجدد" جو عطا فرمايو - مخدوم صاحب عليه الرحمت جن
(الف ثاني)

٣

گهڻن اولياءَ جي صحبت حاصل ڪئي آهي. انهن سيد علي قوام
رحمت الله عليه به آهي. هي صاحب طريقه چشتيه جو وڏو بزرگ
هو. حضرت علي قوام صاحب عليه الرحمت جن خواب ۾ جناب
حضرت حضور سرور دين و دنيا صلي الله عليه و آله و صحبه وسلم
جي زيارت فيض بشارت ڪان مشرف ٿيا. حضور جن کين فرمايو
ته اي علي تون ولايت جو ڍول ٻڌهجي ڍر ۾ هيٺ تو ۾
خلق الله تعاليٰ جي خبرگيري نٿو ڪرين. حضرت علي قوام
عرض ڪيو... يا رسول الله ! صلي الله تعاليٰ عليه و آله و صحبه وسلم
جيڪڏهن ڪو اهل دل جو آهي ته به تنهجي توسل سان جي نه
آهي ته به تنهجي توسل سان. علي وچارو ڪير آهي جو عجز جي
حضور جن صلي الله عليه وسلم جن کين فرمايو ته "اي علي تون
مخلوق لاءِ دعا گهر جو تنهجي دعا رب تعاليٰ جلشانهٗ قبول فرمائي آهي.
مخدوم صاحب عليه الرحمت جي بزرگي ۽ علم جو بيان لکجي
ته اهڙا ڪيئي ڪتاب لکبا پئجي وڃن. مگر اختصار ڪري هاڻي

پنهنجي مرعاسب جي اچڻ تي. هاڻي ذڪر شريف حضرت جناب
محمد صاحب عليه الرحمت جو لکجي ٿو - وهو هذا =

حضرت مخدوم صاحب ڪن ڏينهن وقت هندستان جي سير و سياحت
ڪئي. هڪ ته دين جي اشاعت لاءِ ٻيو اهل الله بزرگن جي
صحبت حاصل ڪرڻ خاطر - انهي سياحت ۾ "سڪندره" شهر
۾ هوا ته هڪ عابده زاهده زال سندن خدمت ۾ آئي ۽ اچي عرض
ڪيائين ته مون کي هڪ ڌيءُ عصمت مآب آهي منهنجو خيال ۽ عرض
آهي ته اها عفيفه اوهان جي عقد نڪاح ۾ اچي ته مون لاءِ
باعث عزت آهي. اها مائي صاحبه به اهل دل جي هئي -
حضرت صاحب جن جي جبين مبارڪ تي فيض جا آثار معلوم ٿيا
تڏهن منٿون خدمت ۾ وري اهو عرض ڪيائين - حضرت جن
اول ته ڪو خيال ظاهر نه فرمايو - مگر مائي صاحبه جي وري
وري التجا تي قبول فرمايائون -

قدرتاً انهيءَ عفيفه مان جناب حضرت محمد صاحب قدس سره

جهڙيءَ دُرّ يڪتا پيدا ٿيو - جو سارو جهان ان جي فيض ۽

برڪت سان ڀرپور ٿيو - انهيءَ مثال تي هيءُ فارسي بيت آهي ته -

زهي دولتِ مادرِ روزگار   ڪه پوري چو تو پرورد در ڪنار

يعني اهڙي ڌيءَ ماءُ کي فخر ڪرڻ گهرجي ته سندس پيٽ مبارڪ مان

اهڙو بي بها دُرّ يڪتا پيدا ٿيو - هي مائٽ قوم افغان "ترين"

مان آهن - حضرت جن نڪاح ڪرڻ بعد ڪجهه وقت اُتي رهي

پوءِ عيال سميت پنهنجي آستانه مبارڪ تي سرهند شريف آيا.

۽ اهي صاحب دولت منهنجا - انهيءَ عقد مان حضرت مخدوم

صاحب جن کي اول ديني پوءِ دنيائي گهڻا فائدا پيا...

حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جي ولادت شريف

سرهند شريف ۾ ٿي آهي. سال هجري ٩٧١ ۾ -

سرهند مگو ڪه رشڪ طورست   خار و خس او همه نورست

يعني سرهند کي سرهند نه چئو بلڪ طور سينا جي مثل آهي. اُن

جا ڪک ۽ ڪنڊا سڀ نور آهن -

جڏهن حضرت مخدوم صاحب فيضياب حضرات قادريه جا آهن رحمهم الله تعالیٰ ته مناسب آهي ته لڳ لاڳاپو آهي ته ڪجهه ذڪر جناب حضرت غوث الثقلين سيدنا عبد القادر جيلاني صاحب رحمة الله عليه جن جو به لکجي - جو سندن قدم مبارڪ ڪل ولين تي آهي.

ذڪر جناب حضرت محبوب سبحاني غوث الثقلين سيدنا عبد القادر جيلاني رضي الله تعالیٰ عنه

جناب حضرت محبوب سبحاني قطب رباني غوث الثقلين شيخ الجن والانس جناب سيدنا عبد القادر جيلاني رضي الله تعالیٰ عنه الحنبلي والشافعي - سندن ڪنيت ابو محمد آهي. والدين طرفان حسني ۽ علوي آهن سندن والده شريفه جو نالو بي بي "ام الخير امة الجبار فاطمه" آهي رحمها الله تعالیٰ. سندن والد صاحب جو نالو "عبد الله" صومعي آهي. بي بي صاحبه فرمائي ٿي ته جڏهن حضرت عبد القادر صاحب رضي الله تعالیٰ جن جاوا ته

رمضان شريف جي مهيني ۾ ڏينهن جو ڪڏهن به ٿڃ نه ورتائون.
اتفاقاً عيد جو چنڊ ڪڪرن جي ڪري ڏسڻ ۾ نه آيو - انهي جي
عالمن چيو ته بي بي صاحبه کان پڇيو وڃي ته حضرت عبدالقادر
صاحب رضي الله تعالى عنه جن پنهنجي والده جي ٿڃ ڏينهن جو ورتي
آهي يا نه - بي بي صاحبه فرمايو ته نه ... پوءِ يقين سان معلوم
ٿيو ته برابر اڄ روزو آهي - سندن ڪرامت شيرخوريءَ جي
وقت جي اها آهي، سندن ٻين ڪرامتن ته هزارين آهن.
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالى عنه جن فرمائين ٿا ته جيتريون
ڪرامتون حضرت دستگير صاحب جن کان ظاهر ٿيل آهن اوتريون
ٻئي ڪنهن به ولي کان هرگز نه ٿيون آهن.

سندن ولادت مبارڪ ٤٧١ھ ۾ آهي - پاڻ فرمائين ٿا ته -
مان ننڍي هوندي عرفه جي ڏينهن يعني ٩ ذوالحج تي ٻاهر جهنگ
طرف نڪتس - جهنگ ۾ ڏڳيون گاهه پئي چريون - هڪ
ڏڳ ۽ منهن ورائي حضرت کي چيو ته -

"يَا عَبْدُ الْقَادِرِ مَا هٰذَا خُلِقْتَ وَمَا بِهٰذَا اُمِرْتَ"

يعني اي عبدالقادر، تون ڇا لاءِ خلقيو ويو آهين ۽ تو کي ڇا لاءِ امر ڪيل آهي. اتان موٽي گهر آيس ۽ پنهنجي گهر جي ڇت تان ويس ته ڏٺم ته حاجي سڀئي عرفات جي ميدان تي بيٺل آهن. پوءِ لهي پنهنجي والده صاحبه جي خدمت ۾ ويس ۽ چيم ته مون کي الله پاڪ جي واٽ ۾ ڪل ڏي ته بغداد ۾ علم حاصل ڪريان. ان وقت بغداد شريف ساري دنيا ئي اسلام جو علمي ديني مرڪز هو، ۽ صالحن ۽ بزرگن جي صحبت حاصل ڪريان. جڏهن سندن والده صاحبه پنهنجي فرزند جي اها ڪيفيت ڏٺي ته روئي ڪري پنهنجي پاران اجازت ڏنائين ۽ سندس والد صاحب جي ميراث مان ٤٠ چاليهه دينار، (دينار ان وقت جو سونو سڪو هو) سندس ڀرپاسي جي اندران سبي ڏنائين ۽ وصيت ڪيائين ته بابا تو کي الله جي واٽ ۾ وقف ڪيم، هاڻي تو کي قيامت جي ڏينهن ڏسنديس. وڃ دين جي تعليم حاصل ڪر ۽ بزرگن

جي صحبت ۾ رهي. ۽ خاص طرح وصيت ڪيائين ته:-
”بابا ڪوڙ نه ڳالهائج“ پوءِ حضرت جن هڪ ننڍي
مختصر قافلي سان بغداد شريف روانا ٿيا. وات تي قافلي مٿان
هڪ سٺ ماڻهن جي ڌاڙيلن ٽولي حملو ڪيو ۽ ڦرلٽ شروع
ڪئي. حضرت جن هڪ پاسي ويٺل هوا. هڪ ڌاڙيل اچي
کانئن پڇيو ته ”ڇوڪرا تو وٽ به پيسا آهن“ پاڻ ورنايائون
ته ”ها“. ڪيترا آهن؟ چيائون ته ”چاليهه دينار“ ڪٿي آهن؟
چيائون ”منهنجي قميص اندر بغل طرف سبيل آهن!....
ڌاڙيل سندن جواب هڪ مسخري طور سمجهي هليو ويو.
ٻيو ڌاڙيل آيو، انکي به ساڳو جواب ڏنائون. سو به
چڙي هليو ويو. ۽ ٻنهي ڌاڙيلن گڏجي وڃي پنهنجي سردار
کي ٻڌايو ته ”هڪ ڇوڪرو آهي جو چوي ٿو ته وٽس چاليهه
دينار آهن. خبر ناهي ته سچ ٿو چوي يا مسخري ڪري ٿو.
سردار ڪين چيو ته. ان کي مون وٽ وٺي اچو؟ حضرت جن

ڦورن جي سردار کي به ساڳيو جواب ڏنو - سردار ڦورن کي چيو
ته ترت هاڻ سندس ٿيلهي جي اندران ڏسو ته اها ڳالهه برابر آهي
يا "ڪوڙ" آهي - ٿيلهي ڦاڙڻ تي ڏٺائون ته برابر چاليهه دينار
نڪتا - اُن تي سردار چيو ته "اي ڇوڪرا ...!! تو کي هن
سچ ڳالهائڻ تي ڪنهن آماده ڪيو ؟ اسان کي ته خيال ئي نه هو
ته تو جهڙي غريب ڇوڪري وٽ ايترا پئسا هوندا ...! حضرت
جن فرمايو ته مون کي منهنجي والده صاحبه وصيت ڪئي آهي
ته "ڪوڙ هرگز نه ڳالهائج" - انهيءَ ڪري مون ڪوڙ نه ڳالهايو -
انهن لفظن ٻڌڻ سان ڦورن جو سردار روئي ويٺو ۽ چيائين
ته افسوس صد افسوس جو اسان ساري عمر رب تعالى جي حڪم
جي انحرافي ڪئي آهي ۽ تون پنهنجي ماءُ جي وصيت تي برقرار آهين
هاڻي اسان سڀ توهان جي هٿ تي توبه تائب ٿيون ٿا - اُن
لاءِ ساري قافلي جو لٽيل سامان مالڪن کي صحيح سلامت
موٽائي ڏنائون - هي سندن خورد سالي جي ڪرامت آهي -

پوءِ حضرت پاڻ رحمة الله عليه جن بغداد شريف ۾ آيا ۽ اُتي
جي عالمن بزرگن وٽ تعليم علم جي شروع ڪيائون.
پهرياءِ قرآن شريف حفظ ڪيائون. پوءِ تفسير قرآن مجيد ۽
علم حديث شريف ۽ علم معقول حاصل ڪيائون.

حضرت جامي صاحب عليه الرحمة "نفحات" ۾ ذڪر ڪيو آهي
۽ امام يافعي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب تاريخ ۾ لکيو آهي ته
جيتريون ڪرامتون حضرت غوث الثقلين رضي الله تعاليٰ عنه
جن کان ظاهر ٿيل آهن. اوتريون ٻئي ڪنهن بزرگ ولي کان نه
ٿيون آهن. حضرت جن پاڻ فرمائيندا هئا ته پورا پندرهن (۱۵)
سال ڪسريٰ جي هڪ ڊٺل برج قلعي ۾ ويٺس ۽ رب تعاليٰ
جل شانه سان وعدو ڪيم ته تيستائين هرگز نه کائيندس جيستائين
مون کي ڪو ماڻهو وات ۾ گراهه نه ڏيندو. ۽ هرگز پاڻي
نه پيئندس جيستائين ڪو شخص مونکي وات ۾ پاڻي نه ڏيندو.
هڪ دفعو پورا چاليهه (۴۰) ڏينهن گذري ويا مگر ڪو به شخص نه آيو ۽

۽ ڪمحض به نه ماني نه پاڻي منهنجي وات ۾ رکيو - جاليهن ڏهن ڏينهن هڪ شخص مون وٽ آيو ۽ ماني پاڻي منهنجي پرسان رکي ويو مگر منهنجي وات ۾ نه رکيائين - بکه ۽ اڃ کان منهنجو نفس ماني ۽ پاڻيءَ ۾ تمنا نه ڪرڻو - مگر مون کيس چيو ته والله بالله مون جيڪو عهد پنهنجي رب تعالیٰ جل شانه سان ڪيو آهي اهو هرگز نه ٽوڙيندس ۽ نه کائيندس ۽ نه پيئندس - اندران نفس جو آواز پيو ته "الجوع - الجوع" يعني بکه بکه - اوچتو مون وٽ حضرت شيخ ابوسعيد مخزومي قدس سره آيو ۽ منهنجي اندران منهنجي نفس جو اهو آواز "الجوع الجوع" ٻڌي چيائين ته اي عبدالقادر هي ڪهڙو آواز آهي - حضرت جن کيس جواب ڏنو ته هي نفس جو آواز آهي - مگر روح منهنجو رب تعالیٰ جل شانه جي ذڪر ۾ برقرار آهي -

رب تعالیٰ جي الهام سبب حضرت شيخ ابوسعيد رحمت الله عليه جن حضرت عبدالقادر صاحب رضي الله تعالیٰ عنه کي ڪوٺايو ته

هائي منهنجي گهر اچ - اهي تنهنجي هليو ويو -

حضرت جن فرمايو ته سان سنديس گهر هو نه ولس ۽ توڪل علي الله ڪري ويهي رهيس. ان کان پوءِ حضرت ابوالعباس يعني حضرت خضر عليه السلام جن تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون ته اُٿ ۽ حضرت ابوسعيد جي گهر وڃ جو تو کي امانت من جانب الله تعالىٰ حضرت ابوسعيد وٽان ملڻي آهي.

حضرت خضر عليه السلام جي چوڻ موجب حضرت ابوسعيد صاحب جن جي گهر ويس ڏٺم ته حضرت ابوسعيد منهنجي انتظار ۾ در تي ويٺو آهي. حضرت ابوسعيد فرمايو ته اي عبدالقادر! منهنجي چوڻ تي اعتبار نه ڪيئي. هاڻي حضرت خضر عليه السلام جي چوڻ موجب آيو آهين. پوءِ مون کي منهنجي گهر ۾ وٺي هليو ۽ جيڪو لطيف طعام تيار ڪيو هوائين سو هڪ هڪ لقمو ڪري منهنجي وات ۾ ڏيندو رهيو. تان جو ڍَوُ ڪيم - ان کان پوءِ مون کي غوثيت جو خرقه شريف پهرايائين -

ان ڪان پوءِ سندن خدمت ۾ رهيس -

غوثيت جو خرقو هن سلسلي ساڻ هلي ٿو -

حضرت عبدالقادر بن ابي صالح بن عبدالله الجيلي

هٿان حضرت شيخ ابو سعيد المبارڪ بن علي المخزومي .

۽ انهيءَ کي هٿان حضرت شيخ ابي الحسن علي بن محمد

بن يوسف القريشي المنڪاري - ۽ انهيءَ کي هٿان حضرت

شيخ ابو الفرح طرطوسي ۽ انهيءَ کي هٿان حضرت شيخ ابي

الفضل عبدالواحد بن عبدالعزيز التميمي ۽ انهيءَ کي هٿان

حضرت شيخ ابي بڪر الشبلي قدس سرهما

هڪ واقعو بابت پاڻ حضرت جن فرمايو ته هڪ ماڻهون

وٽن آيو ۽ چيائين ته فلاڻا توهان صحبت گهرين ٿو . مون چيو

ته هائو - چيائين ته هيٺ ويهه ته آءٌ موٽي اچان - مان

ان جاءِ تي پورو هڪ سال ويٺو رهيس . ٻئي سال هو آيو

۽ پاڻ سان ڪيريءَ ماني کڻي آيو - ۽ چيائين ته مان خضر

(عليه السلام)

آهيان - پوءِ مالي ۽ ڪير گڏ ڪاڏو سون - ان کان پوءِ ته
هل ته بغداد هلون - پوءِ گڏجي بغداد پهتاسون - " —

حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جن فرمائين ٿا
ته رب تعالىٰ جل شانه ڏانهن پهچڻ جا ٻه رستا آهن - هڪڙو انهن
رستو نبوت جو آهي - ٻيو انهن رستو قرب ولايت جو آهي -
پهريون رستو خصوص انبياء عليهم السلام جو ۽ صحابين
سڳورن رضوان الله تعالىٰ عليهم جن جو آهي، ۽ اقل قليل
مؤمنن کي - اول درجه جي وات ۾ توسل (حيلوليت)
ڪنهن جي نه آهي - سا وات فقط انبياء عليهم السلام جن
جي آهي - ٻي وات قرب ولايت جي آهي - ان ۾ توسل ۽
حيلوليت جو اصل عظيم آهي - اها وات حضرت سرور عالم
صلي الله عليه وآله وصحبه وسلم جن جي مخصوص حضرت علي
ڪرم الله وجهه کي عطا ٿي - حضرت علي ڪرم الله وجهه جن
کان پوءِ حضرات ٻارهن امام سڳورا انهي وات جا وارث هوا -

۽ ان کان پوءِ حضرات باقين امامن سڳورن رضوان الله تعالیٰ
عليهم جن جي وسيلي ٻين کي فيض مليو. امامن صاحبن
کان پوءِ اعليٰ وراثت جو درجو حضرت محبوب سبحاني شيخ
عبدالقادر جيلاني رضي الله تعالیٰ عنه کي عطا ٿيو. جو
قيامت تائين سندن لاءِ محدود رهيو. پاڻ حضرت جن پاڻ کي
اعليٰ راه جو "نائب" فرمائين ٿا. سندن قدم مبارڪ ڪل ولين
تي ثابت آهي. پاڻ حضرت جن زير قدم جناب حضرت سرور
عالم صلي الله تعالیٰ عليه و آله و اصحابه وسلم جي آهن.
۽ ذات وصول حضرات نقشبنديه رحمهم الله تعالیٰ وغيرهم اقل
قليل اعليٰ درجي تي پهتل آهن. حتيٰ ڪه حضرت امام مهدي
رضي الله تعالیٰ عنه اول درجي ۾ آهن. ۽ جناب حضرت
مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن به پاڻ کي رب تعالیٰ
جل شانه جي خاص فضل ڪرم ۽ متابعت شريعت شريف
حضرت سرور دوعالم صلي الله تعالیٰ عليه و آله و صحبه وسلم جي

طفيل اهڙي راه جي اول درجه جو مستفيض بالاصالة قرار فرمائيندا آهن. جيڪي هن ڳالهه جي تفصيلي بيان معلوم ڪرڻ جو شوق هجي ته مڪتوبات شريف جي مڪتوب نمبر ۱۲۳ جلد ثالث ۾ مطالعه فرمائي. مطلب ته حضرت غوث الثقلين رضي الله تعالى عنه جون ڪرامتون ۽ بيان لکڻ ته عيني دفتر پرجي وڃن - هت فقط ڪجهه مختصر طرح لکيو ويو -

(فرد) سگِ درگاه جيلان شو چو خواهي قرب رباني
که بر شيران شرف دارد سگِ درگاهِ جيلاني

(مطلب) جيڪڏهن رب تعالى جلشانه جو قرب گهرين ته درگاه جيلان جو ڪتو ٿي ءُ - جو ته جيلاني درگاه جو ڪتو شينهن تي به شرف تو رکي -

راقم الحروف جي قبله گاه والد صاحب عليه الرحمت جن ستن سالن جي عمر ۾ خواب ۾ حضرت محبوب سبحاني قدس سره جا مريد ٿيل آهن ۽ ڪيئي تلقين طريقه نقشبنديه ۾ محبوب سبحاني قدس سره

جن عطا ڪئي آھي - سندن ھڪ نظم ۾ فرمايو اٿن —

پس از اثنا عشر قطب عراقي   مريد او شده استم من به طفلي

طريقهٔ نقشبندي او به من داد   به ياس نقشبندان شاه بغداد

حضرت محبوب سبحاني رضي الله تعاليٰ عنه جن جو شان ساري

اوليا است محمديه صلي الله تعاليٰ عليه وآله واصحابه وسلم

جن کان نرالو ۽ عظيم الشان آھي -

حضرت شاه فضل الله صاحب عليه الرحمت جن جي

ڪتاب عمدة المقامات ۾ لکن ٿا تہ الحمد لله تعاليٰ سندن

نسب مبارڪ والده صاحبہ جي طرفان حضرت محبوب سبحاني

رضي الله تعاليٰ عنه جن سان ٿو ملي - انھيءَ تي ھزارھا

شکر بجا آندا اٿن - حضرت بي بي صاحبہ سندن والده محترمہ

۽ سندن والد صاحب ۽ سندن جده امجد صاحبہ جن

جون والده صاحبان حضرت محبوب سبحاني رضي الله

تعاليٰ عنه جن جي اولاد مبارڪ مان آھن - (تتمت)

ذڪر جناب حضرت مجدد الف ثاني

رضي الله تعاليٰ عنه

جڏهن سندن عمر مبارڪ لائق درس جي ٿي تڏهن سندن والد صاحب
جن کين اول قرآن شريف جي حفظ لاءِ مامور ڪيو. ٿوري
وقت ۾ قرآن شريف جو حفظ ڪيائون. پوءِ تحصيل علم ديني ۾ مشغول ٿيا.
کين رب تعاليٰ جل شانه ننڍي عمر ۾ ئي هر طرح سان نوازيو هو
کين ذهن ذڪاءِ حد درجي جو هو. ٿوري وقت اندر ديني علم
جي تڪميل ڪيائون. اڪثر علم سندن والد صاحب کان حاصل
ڪيائون ۽ وقت جي ٻين وڏن عالمن ۽ بزرگن کان به هر طرح
جو علم حاصل ڪيائون سندن استادن جا نالا سواءِ سندن
والد شريف جي هي آهن.

جناب حضرت مولانا عبدالحڪيم صاحب سيالڪوٽي رحمت الله عليه
[illegible] حديث شريف جو علم اسناد سان وقت جي وڏي

محدّث حضرت شيخ يعقوب ڪشميري رحمت الله عليه کان حال
ڪيو. گهڻن حديثن جو مسلسل اسناد ۽ تفسير قرآن مجيد
وغيرهم جو حضرت ڪشميري کان کين حاصل رهيو. مطلب ته
ٿوري عرصي ۾ مڪمل علم ديني حاصل ڪري ورتن. ڪتابن تي شرح
لکيائون. جنهن تفصيل زبدة المقامات ۽ عمدة المقامات ۾
پوري طرح لکيل آهي. بعضي رسالا عربي ۽ فارسي ۾ تصنيف
ڪيائون. هڪ رسالو رد مذهب شيعن جي ۾ نهايت مدلل
طريقي سان تصنيف ڪيائون. جنهن جو جواب ڪنهن به وقت
جا شيعه نه ڪري سگهيا. ڪنهن ڪنهن وقت اڪبر بادشاهه
جي دربار ۾ ابو الفضل جو وقت جو وڏو مدبر هو سندس مجلس ۾
ويندا هوا. هڪ ڏينهن ابوالفضل فلاسفرن جي انتري صفت
ڪئي جو انهي ۾ دين جي عالمن سڳورن جي توهين جي ظاهر ٿي
ان مجلس ۾ گهڻا عالم موجود هوا مگر ابوالفضل جي خوف
کان ڪنهن ڪجهه به نه چئي سگهيا. انهي حضرت مجدد صاحب قدس سره

جن ديني جوش خاطر ابوالفضل کي مخاطب ٿي فرمايو ته -

امام غزالي رحمت الله عليه لکيو آهي ته جيڪو فلاسفرن علم الاهيات، حڪمت، نجوم، هيئت ۽ طب جو انبياءِ ڪرام صلوات الله عليهم جي سندن ڪلام کان چورائي لکيو آهي صحيفه ۽ رباني عنهم سو اهو علم ڪفر ۽ ڪفر جو ٿيو. ابوالفضل اهو ٻڌي سخت غصي ۾ اچي چيو ته امام غزالي نامعقول چيو آهي. حضرت صاحبن کي انهيءَ جملي "نامعقول" تي سخت غصو آيو ۽ فرمايائون ته "جيڪڏهن توکي اهل علم وارن جي صحبت جو ذوق آهي ته اهڙا نامعقول جملا حضرات علماءِ دين جي حق ۾ نه ڳالهاءِ" - ايئن چئي پاڻ سندس مجلس مان اٿي ويا. ۽ پوءِ ڪيترا ڏينهن سندس مجلس ۾ نه ويا. آخرڪار ابوالفضل اچي منت ڪئي ته آئينده اهڙو جملو نه چوندس. اوهان مهرباني فرمائي منهنجي مجلس ۾ ايندا ڪريو.

اهڙيءَ طرح ابوالفضل جي ڀاءُ "فيضي" قرآن شريف جو ترجمو بي نقاط الفاظن ۾ ئي لکيو. هڪ اهڙي جاءِ تي اچي منجهيو جتي اُهو جملو بي نقاط مشڪل ٿي پيو. اتفاقاً حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ جن سندس مجلس ۾ ويا. ملا فيضي ڏسي تمام خوش ٿيو ۽ چيائين ته تمام چڱو جو اوهان آيا آءٌ ڪجهه جملي ۾ بالڪل عاجز ٿيو آهيان، اوهان مهرباني ڪري ان جو حل ڪندا ته نوازش. حضرت صاحب جن اُهي مجلس ۾ اُتي جو اُتي نهايت فصاحت سان اهو جملو ڪيئن حل ڪري ڏيکاريو. سڀ حاضرين مجلس حيران ٿي ويا. حضرت صاحب جن ڪمال علم جي تعريف ڪيائون. مطلب ته ساري هندستان جا عالم حضرت صاحب جن جي علمي ڪماليت جا مداح هوا.

حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن جو

ظاهري علم ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ کان پوءِ سلوڪ باطني ڏانهن مائل ٿيڻ

حضرت صاحب جن کي علم ظاهري کان پوءِ شوق سلوڪ باطني

ڏانهن ٿيو - پاڻ انهيءَ خيال سان هندستان جو سفر ڪيائون -
ڪن ضروري سببن ڪري آگري ۾ گهڻو وقت لڳو - سندن والد
صاحب جن جي ساڻن ٻين سيني اولاد کان حضرت صاحب جن
سان وڌيڪ محبت هئي - سي سرهند شريف کان روانا ٿي
آگري آيا - حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمت جن به وقت جا
تمام وڏا عالم علم ظاهري ۽ باطني جا هوا. سندن آمد جو ٻڌي
هڪ شخص سندن خدمت ۾ آيو - ۽ عرض ڪيائين ته اوهان جو
هت اچڻ ڪهڙي بنا تي آهي. مخدوم صاحب جن جواب ڏنو ته
خاص محبت ۽ ملاقات پنهنجي فرزند ارجمند شيخ احمد سلمه ربه لاءِ
آيو آهيان جو هن ڪجهه ڪن سببن ڪري مون وٽ اچڻ نه ٿيو
تنهن ڪري آءٌ وٽس آيو آهيان - ان بعد حضرت مجدد صاحب جن
پنهنجي والد صاحب عليه الرحمة سان گڏجي پنهنجي وطن سرهند
شريف ۾ آيا ۽ پنهنجي والد صاحب کان طريقه قادريه ۽ چشتيه ۾
سلوڪ حاصل ڪرڻ ۾ مشغول هيا. ٿوري عرصي ۾ پوري

طرح ڪسب ڪمال طريقت جو حاصل ڪيائون ۽ وڏي درجي ڪمال
کي پهتا. جنهنجو ذڪر حضرت صاحب جن رسالہ مبدءِ معاد ۽
مڪتوبن ۾ لکيو آهي ته ڪين والد صاحب کان حاصل ٿيو.
پهريئن فقره رسالہ مبدءُ و معاد ۾ لکيو اٿن ته هن درويش
کي تحفه نسبت فرديت جو پنهنجي حضرت والد صاحب عليه الرحمة
کان حاصل ٿيو. ۽ سنڌن والد صاحب کي سنڌن مرشدن کان.
وڌيڪ لکيو اٿن ته هن درويش کي عبادت نفليه پنهنجي
والد صاحب جي صحبت ۾ حاصل ٿي آهي. ان کان پوءِ جڏهن
حضرت صاحب جن طريقه نقشبنديه ۾ حضرت بزرگ صاحب قدس سره
يعني حضرت شاه باقي بالله صاحب رضي الله تعالى عنه جن کان
فائض ٿي آيا تڏهن هڪ ڏينهن پنهنجي مخلصن سان مراقب
ويٺا هوا ته حضرت شاه سڪندر جو پوٽو حضرت شاه ڪمال رحمت
الله عليه جو آيو. جو سنڌن والد شريف جو طريقه قادريه جو
مرشد هو. ۽ خرقه (جبو شريف) شريف حضرت شاه ڪمال

رضي الله تعاليٰ عنه جن جو حضرت مخدوم صاحب رحمت الله عليه جن
جي ڪلهن مبارڪن تي پهرايو هئن. حضرت صاحب جن مراقبي کان
اکيون کولي ڏٺو ته شاهه سڪندر ۽ اهو خرقه شريف سندن ڪلهن
مبارڪن تي رکيو آهي. پاڻ تواضع ساڻ اٿي حضرت شاهه
سڪندر ساڻ مليا. حضرت شاهه سڪندر فرمايو ته حضرت
شاهه ڪمال صاحب جن مون کي خواب ۾ حڪم فرمايو ته هي منهنجو
خرقه شريف حضرت مخدوم صاحب جن کي پهچاءِ. مگر منهنجي
دل نه ٿي گهري ته هي مبارڪ خرقه ڪنهن ٻئي کي ڏيان. مگر
بار ها حضرت شاهه ڪمال صاحب جن جي تاڪيد پيو ته جلد خرقه
پهچاءِ. لاچار خرقه شريف آڻي اوهان جن جي ڪلهن مبارڪن
تي وڌم. حضرت جن اهو خرقه شريف زيب تن فرمائي.
حرم سرائي ۾ تشريف فرما ٿيا. ڪجهه وقت بعد جڏهن ٻاهر آيا
تڏهن پنهنجي رازدارن سان خبر ڪيائون ته خرقه شريف
جي ڏکڻ سبب عجيب ڪيفيت ظاهر ٿي. حضرت جناب

غوث الثقلين سيد عبدالقادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنه
جن صحبن سمورن خليفن سميت جيئن حضرت شاه ڪمال صاحب
جن به هوا حاضر ۽ سڀني دل حضرت غوث الثقلين رضي الله
تعاليٰ عنه جن جي تصرف ۾ آئي ڄڻ ته غيبي اسرارن سان
سون ڪي مالامال فرمائيو. آءٌ منزل بحر اسرار طريقه قادريه ۾
انوار اسرار الاهيه ۾ غرق هئس. ڪيترو وقت انهيءَ درياءَ
جي موج ۾ هوس ته اوچتو دل ۾ خيال آيم ته مان ته حضرات
نقشبنديه رضوان الله تعاليٰ عليهم جو نوازيل آهيان. ته
مجدد يعني حضرت خواجه عبدالخالق غجدواني ۽ حضرت
خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنهما جن اچي حاضر ٿيا.
۽ مهنجي دل اچي پنهنجي تصرف ۾ ورتائون ۽ چيائون ته هي اسان
جي طريقت نقشبنديه جو مريد آهي. اوهان کي ڪو به واسطو
نه آهي. حضرات قادريه جن فرمايو ته پنهنجي ۾ اسان جو
حضرت صاحب جن سان رابطه هو ۽ هن وقت به اسان جو

خرقه ڪين زيب تن آهي. انهيءَ وچ ۾ ارواح حضرات
چشتيه رضوان الله تعالیٰ عليهم جن به اچي حاضر ٿيا.
۽ فرمايائون ته هي حضرت اسان جي خاندان چشتيه جو نوازيل
آهي. جيتوڻيڪ حضرات نقشبنديه غالب ٿيا ۽ پاڻ حضرت
مجدد صاحب قدس سره جن مريد چشتيه طريقي ۾ ڪندا
هوا. مگر زياده طريقه نقشبنديه ۾. عجيب ۽ غريب اهو
قصو آهي ته هڪ صاحب طريقي جي دل ٿي گهرن ته اسان
جي طريقي ۾ رهن. مگر پاڻ هميشه حضرات نقشبنديه جي
طريقه عاليه نقشبنديه ۾ مستحڪم رهيا. هڪ ڏينهن
هڪ شخص اچي عرض ڪيو ته مون کي طريقه قادريه ۾ داخل
فرمايو. پاڻ ان کي طريقه قادريه ۾ تلقين فرمايائون ۽
ڪي ڏينهن انهيءَ کي واصل ڪرڻ لاءِ انهيءَ طريقه قادريه
۾ مشغول رهيا. جيڪي طالب طريقه نقشبنديه جا هوا ته
اسان ٻن ٽن ڏينهن کان پنهنجي شغل ۾ بندش (قبض)

ٿا ڏسون. حضرت صاحب جن مُرڪي فرمايو ته اوهان جو قصورُ نه آهي
آءُ انهيءَ وقت ۾ طريقه قادريه ۾ ذڪر مشغول هوس. جڏهن
وري هن طريقه نقشبنديه لاءِ رجوع ڪندس ته اوهان کان به
فيض (قبض) دور ٿي ويندي. هي قصو روح ۾ لکيل آهي
هاڻي سندن طريقه نقشبنديه ۾ جو ذڪر شروع ڪجي ٿو.

"ذڪر حضرة مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن
جي سلسله نقشبنديه ۾ داخل ٿيڻ جو"

ڪين هميشه زيارت حرمين الشريفين جو انهن شوق دامن گير
رهندو هو. مگر سندن حضرت والد صاحب عليه الرحمت
جن جي وڏي عمر ۾ سندين خدمت ۾ ڪانئن فيض
حاصل ڪرڻ سبب روانگي نه ٿي ٿي. تان جو سندن والد
صاحب قدس سره سنه ۱۰۰۷ھ ۾ انتقال فرمايو. ان بعد سال
سنه ۱۰۰۸ھ ۾ حرمين الشريفين جي زيارت لاءِ روانا ٿيا.
جڏهن دهلي پهتا ته مولانا حسن ڪشميري جو وقت جو

عالم فاني ۾ هو ۽ حضرت صاحب مجدد صاحب رضي الله تعالى
عنه جن جو دوست هو. تنهن حضرت خواجه بزرگ يعني
حضرت شاه باقي بالله رضي الله تعالى عنه جن جي ساڻن
جنهن ڪري ته هي بزرگ حضرات نقشبنديه مان هت آيل
آهن - عزيز الوجود، صاحب حال ۽ قال جا آهن - اوهان
سندن خدمت ۾ وڃو اميد ته اوهان کي زياده فيض ۽ برڪت
حاصل ٿيندي - جذبا اها جنهن بدلون ۾ پاڻ هميشه
پنهنجي حضرت والد صاحب قدس سره جن کان به صفت ۽ ملڪات
حضرات سلسلهء نقشبنديه جي ٻڌي هوا لون - سو جنهن
ٻڌڻ شرط وڃي حضرت شاه باقي بالله صاحب رحمت الله
تعالى عليه جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. جناب حضرت
بيرنگ صاحب جن تمام خوشنودي ساڻ ساڻن مليا ۽
سندن سفر بابت پڇيا لون ته ڪٿي اراده سان گهران
روانا ٿيا آهيو - حضرت مجدد صاحب قدس سره جن جو

جيڪو ارادو زيارت حرمين الشريفين جو هو سو عرض ڪيائون -
حضرت خواجه بيرنگ صاحب عليه الرحمت جن ڪين ڪڏهن به ڪنهن کي
نه چوندا هيا ته اوهان طريقي ۾ داخل ٿيو ؛ اڪثر ماڻهن کي
عذر ڪندا هوا ته ٻيا به گهڻا مشائخ آهن اُتي وڃو -
پوءِ جنهن کي تمام زور ڀري عرض ڪندو هو ته ان کي اول
استخاره لاءِ چوندا هيا پوءِ ڪين طريقي عاليه ۾ داخل ڪندا هوا
مگر هت قدرتاً قصه ئي ٻيو هو - جو حضرت جن کي ڏسي باطني
علم جي فراست سان معلوم ڪيائون ته هاءِ هي اهو مبارڪ
شخص آهي جو مون خواب ۾ ڏٺو آهي . ۽ پوءِ جناب حضرت
مجدد صاحب عليه الرحمت جن کي عرض ڪيائون ته توهان جو ارادو
تمام مبارڪ آهي - مگر جيڪڏهن هڪ هفته يا هڪ مهينه
منهنجي صحبت ۾ رهو ته بهتر - حضرت صاحب قدس سره
جن قبول ڪيو . ۽ ان کان پوءِ اول هفته ۾ روزانه
صبح شام سندن خدمت شريفه ۾ ويندا هيا - پن

ڏينهن اندر آثارِ عشق تصرف حضرت خواجه صاحب جن جو
غالب آيو - ۽ سندن خدمت ۾ عرض ڪيائون ته مون کي طريقه نقشبنديه
۾ داخل فرمايو - حضرت خواجه بزرگ صاحب جن بجاءِ جلد حضرت
جن کي پنهنجي خاص خلوت خاني ۾ وٺي وڃي طريقه نقشبنديه
۾ داخل فرمايائون - بغير استخاري - استخاري جو ڪا عذر
ضرور هو جو ته کين اڳ ئي معلوم ٿيل هو - ان کان بعد
هفته اندر يومًا فيومًا ۽ آنًا فآنًا حضرت جن کي ترقيات
باطني حاصل ٿينديون رهيون، جيڪي ترقيات ٻين کي سالن ۾
حاصل ٿينديون آهن سي رب تعالى جل شانه کين پنهنجي فضل ۽ ڪرم
سان حضرت خواجه صاحب عليه الرحمت جن جي خدمت ۾
ڏينهن ۾ حاصل ٿي ٿيا - ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ
مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ۝ جيڪو
عروج کين ڏينهن ۾ حاصل سو ڪنهن شخص کي حاصل نه ٿيو،
پاڻ حضرت جن شوق طواف ڪعبه شريف جي اراده سان

گهران سفر تي نڪتا ته رات ۾ ئي وچ صاحب ڪعبه شريف سان ملاقات ڪئي. سبحان الله تعاليٰ. جن کي رب تعاليٰ جلشانه گهري ته ان ۾ هڪ ويلي سان وچي مقصود کي پهچن ٿا. حضرت خواجه صاحب جن کين خلوت ۾ وڃي جيڪو سندن دلي راز هو سو بيان فرمايائون ته جڏهن مونکي حضرت خواجه امڪنگي قدس سره (جو حضرت خواجه بزرگ صاحب جن جو مرشد هو) فرمايو ته توکي هندستان وڃڻ ۽ اتي وڃي طريقه عاليه نقشبنديه جو ارشاد ڪرڻ. مون تواضع سان عرض ڪيو ته مان انهي معنيٰ جو لائق نه آهيان. سندن مرشد استخاره لاءِ امر فرمايو. مون سندن حڪم بموجب استخاره ڪيو. مونکي ڏسڻ ۾ آيو ته هڪ سبز طوطو هڪ سبز وڻ جي ٽاري تي ويٺل آهي. دل ۾ خيال آيو ته جيڪڏهن اهو طوطو منهنجي هٿ تي اچي ويهي ته پوءِ مان اهو سفر هندستان جو ڪندس. انهي خيال اچڻ سان اهو طوطو

اُڏامي لهي اچي منهنجي هٿ تي ويٺو ۽ مون منهنجي وات جو
لعاب (يعني پاڻي) مبارڪ طوطي جي منقار (يعني چهنب)
۾ ڏنو ۽ طوطي منهنجي وات ۾ ميناج جو پاڻي ڏنو—
صبح جو اهو خواب حضرت خواجه امڪنگي صاحب رحمت الله تعالى عليه
جي خدمت ۾ عرض ڪيم حضرت خواجه صاحب فرمايو ته طوطو هندستان
جو پکي آهي. توهان جلد هندستان روانه ٿيو جو اتي جو صاحب
تنهنجي انتظار ۾ آهي. ۽ توکي پڻ اهو صاحب ڪمال مريد ٿي
ملندو. لاچار مرشد جي حڪم موجب هندستان روانو ٿيس.
هندستان پهچڻ بعد هر منزل تي انهيءَ طوطي جي جستجو ۾ هوس
جڏهن سرهند جي ويجهو پهتس ته رب تعالى طرفان الهام
ٿيو ته توهان هڪ قطب رباني جي حلقي ۾ آهين. ۽ انهيءَ قطب
جو حُليه (يعني شڪل شباهت) مون کي رب تعالى جل شانهٗ
طرفان ڏيکاريو ويو. صبح جو شهر سرهند ۾ ويس مگر
ڪنهن کي به انهيءَ صورت ۽ صفت جو مالڪ نه ڏٺم چيم ته

شايد هن شعر کان ڪو اهڙو شخص منڪر اٿئون آهي،
جڏهن اوهان بحريني ملاقات لاءِ آيا ته اوهان کي اعجمي
حليه جو بالڪل برابر مالڪ ڏٺم ۽ قطبيت جو نشان اوهان ۾
ظاهر ڏٺم - ۽ وڌيڪ فرمايائون ته سرهند شريف جي پيگر داءِ
جي صحرا مشعل نور سان پرنور آهي - اهو نورانيت جو نشان
به اوهان ۾ آهي - مطلب ته رب تعالیٰ جلشانه جي فضل ۽
ڪرم سان جيڪو فيض بن مڻ مهني جي اوزر حضرت خواجه
باقي بالله رضي الله تعالیٰ عنه جن جي هٿان حضرت مجدد صاحب
رضي الله تعالیٰ عنه جن کي حاصل ٿيو ان جو بيان قلم جي
زباني سان لکڻ ۽ تقرير کان قاصر ۽ عاجز آهي - ڪجهه مختصر
بيان خود حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه
جن لکي فرمايو آهي - اهو تبرڪاً هت لکجي ٿو ته پڙهندڙن کان
معلوم ٿئي ته ڇا بن مڻ مهني ۾ حضرت صاحب رحمة الله عليه
جن من عند الله تعالیٰ قرب حاصل ڪيو ــــ

حضرت مجدّد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن لکن ٿا تہ-

جڏهن هن درويش کي شوق راه رباني جو شوق ته ربّ تعاليٰ

جلّشانه هن درويش کي هڪ بزرگ ولايت پناه حقيقت

آگاه هادي طريقت اندراج النهايت في البداية و الیٰ

السبيل الموصل الیٰ درجات الولايت مؤيّد الدين

الرضي شيخنا و امامنا محمّد بن الباقي قدس سرہ (رهبر

القلب بربي) ۾ بنهي مرشد جي صحبت ۾ رسايا (انتهیٰ)

هڪ بزرگ خانزاده خلفاءِ حضرات نقشبنديه قدس الله تعاليٰ

اسرارهم جي خدمت ۾ پهچايو - خواجه صاحب عليه الرحمة جن

هن درويش کي "اسم ذات "الله" جل سلطانه" جي تعليم ڏني ۽

منهنجي دل ذاته عا متوجه ٿيا. سندن توجه سان مون کي

ازحد زياده قلبي لذت حاصل ٿي، ۽ ڪمال شوق سان مون

کي گريه (يعني رئڻ) جي حالت پيدا ٿي - هڪ ڏينهن کان پوءِ

بيخودي (يعني بيهوشي) جي حالت ۾ هڪ عظيم ملڪ ڏٺم-

الهيءَ درياءَ ۾ عالم جون صورتون ۽ اشڪال ڇانوَ مثال ڏسڻ
۾ آيا - اُها بي خودي رفته رفته ڪڏهن هڪ پهر ڪڏهن
ٻه پهر بلڪه ڪڏهن ته رات تائين هلندي رهي - جڏهن اهو ماجرا
حضرت مرشد صاحب جن جي خدمت ۾ عرض ڪيم فرمايائون
ته تنهنجو حصو فنا جو حاصل ٿيو آهي ۽ ذڪر کان منع فرمايائون
۽ الهيءَ بي خوديءَ جي ڪيفيت ٻڌايائون - ٻن ڏينهن کان
پوءِ مون کي "فناءِ مصطلح" (فنا جو ٻيو درجو) حاصل ٿيو -
اها حالت حضرت جن جي خدمت ۾ عرض ڪيم - فرمايائون ته
الهيءَ ۾ مشغول رهه - ان کان پوءِ "فناءِ فنا" (فنا ۾ فنا)
حاصل ٿي جڏهن انهيءَ خدمت ۾ عرض ڪيم - فرمايائون ته
ساري عالم کي هڪ ٿو ڏسين ۽ متصل (واحد) تو
ڏسين عرض ڪيم ته ها - فرمايائون ته منتهي فناءِ فنا ۾
هي آهي ته باوجود ڏسڻ ان جي اتصال شعور جو حاصل ٿئي
اهي رات "فناءِ فنا" انهيءَ صفت سان حاصل ٿي —

اها حالت حضرت مرشد صاحب جن جي خدمت ۾ عرض ڪيم
۽ بعد ازهنا جيڪا حالت ٿي هئي سا به عرض ڪيم. ۽ جيئن ته
مان ٻن هجو علم نسبت حق سبحانه وتعالى حضوري تو ڏسان.
ان کان بعد هڪ "نور عظيم" جو ساري شين جو محيط آهي ظاهر
ٿيو ۽ مون ان کي "حق" يعني الله جل شانه سمجهيم ۽ انهي
نور جو رنگ ڪارو هو. اهو عرض ڪيم ته فرمايائون ته "حق"
مشهود آهي جل سلطانه. مگر نور جي پردي ۾. پوءِ اهو نور
گهٽبو گهٽبو هڪ نقطو جيترو ڏسڻ ۾ آيو. سڌن خدمت ۾
اهو عرض ڪيم. فرمايائون ته اهو نقطو محو ڪر! حيرت
اندر داخل ٿيس. حڪم موجب اهو نقطو محو ڪيم. جڏهن اهو
عرض ڪيم. فرمايائون ته اهو حضور، حضور نقشبنديه آهي.
نسبت نقشبنديه، عبارت انهيءَ حضور آهي. ۽ انهي حضور کي حضور
بي غيب به چوندا آهن. اندراج النهايت في البدايت جو
اهو درجو آهي. حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالى عنه جن

فرمائين ٿا ته هن درويش کي اهو لاثاني درجو رب تعالىٰ
جلّ شانهٗ مرشد صاحب جن جي برڪت سان ٻن مهينن ۾ ڪرم
ڏيڻ ۾ عطا فرمايو. جو ڪنهن شخص کي مشڪل سان
سالن ۾ حاصل ٿئي. سبحان الله تعالىٰ شانهٗ. "
انهيءَ نسبت عظميٰ کان لپه" فنائي حقيقي حاصل ٿي ۽ دل
کي ايتري وسعت (ڪشادگي) حاصل ٿي جو سارو عالم عرش کان
فرش زمين تائين هڪ اَهُر جي داڻي جيترو نظر آيو. پوءِ پاڻ
کي ۽ عالم کي بلڪ هر فرد عالم ۽ هر ذرّه کي (حق "الله") جلّ شانهٗ
ٿي ڏٺم. پوءِ هر ذرّه عالم ۽ افراد عين پنهنجو ڏٺم. ۽
پاڻ کي عين انهن جو. سارو عالم هڪ ذرّي ۾ گم ڏٺم.
پوءِ پاڻ کي ۽ ذرّه کي ايتري قدر وسيع ڏٺم جو سارو عالم
ان ۾ گنجائش رکي ٿو. وڌيڪ چالاڪن لئي ايترو ڪافي
آهي ته "نورٌ علىٰ نور". جڏهن اهو سمورو ماجرا حضرت
خواجه صاحب عليه الرحمت جي خدمت ۾ عرض ڪيم - فرمايائون ته

مرتبہ "حق اليقين" توحيد جو اهو آهي۔ "جمع الجمع" اعني
مقام جي عبارت آهي. ان کان پوءِ جيڪي صورتون ۾ اشغال
عالم کي ڀريا ۾ (حق "الله") جي ذڪر سڀي هنوقت سموريون
ختم ٿي ويون. ۾ هر ذره کي جو "حق" جي ذڪر - بي تفاوت
بي تغير ختم ٿي ويون - عنايت حيرانگي ۾ آيس - ۾ جي
ساري ڪيفيت حضرت مرشد صاحبن جي خدمت ۾ عرض ڪيم
فرمايائون ته اڃان تنهجو حضور ڪلي طرح صاف نه ٿيو آهي -
اعني ۾ مشغول رهڻ جو صاف ٿئي - تان جو "تميز" (يعني
پروڙ) موجود جو موهوم کان ظاهر ٿئي . ان کان پوءِ
حضرت حق سبحانه وتعالى محض توجه حضرت مرشد ڪامل جي
ٻن ڏينهن کان پوءِ تميز موجود جو موهوم مان ظاهر ٿيو -
سموري ڪيفيت مرشد صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيم -
فرمايائون ته مرتبه "فرق بعد الجمع" جو اهو آهي - ۾
نهايت سالڪ جو اها آهي. هن درجه عاليه کي طريقت جي

مشائخن رحمت الله عليهم مقام "تحميل" جو چيو آهي -
(وڌيڪ بيان هتي ڏجي ٿو جو مون کي ڪجهه طاقت آهي. يعني راقم کي
اي ناچيز عاصي عبد الخالق کي هن جي ڏس اڳتي بيان ڪرڻ جي سمجهه
هوش ڪان باهر آهي. "اياز حد خود بشناس" اياز هڪ حبشي غلام
سلطان محمود غزنوي جو پيارو غلام هو. بادشاه جي ان تي سڀ کان زياده
شفقت هئي. جو وڏن وزيرن کي به ايتري حاصل نه هئي. جڏهن تاج
اياز رات جو پنهنجا اصلوڪا غلاميءَ واراڪپڙا پائي دروازه بند
ڪري چوندو هو ته اي اياز! مغرور نه ٿي فخر نه ڪر..." اياز
حد خود بشناس يعني اي اياز! پنهنجي غلاميءَ واري حد ڏس
مغرور نه ٿي - سو مون کي به پنهنجي حد ڏسڻ گهرجي - مان...
چپ... والله اعلم بالصواب)

اهو ذڪر ڪيو جيڪو اندر پنهنجي جاءِ تي لکيو آهي سو حضرت
مجدد صاحب رضي الله تعالى عنه جن جي مڪتوب شريف تان
نقل ڪيو آهي - انهيءَ کي اصطلاح ۾ صوفيا ڪرام

جا آهن - جيڪي هر شخص جي سمجهه کان ٻاهر آهن سي بہ
نه لکيا اٿم - مبادا مون کان عبارتن ۾ غلطي ٿئي -

حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن جو مکتوب شريف ختم
ٿيڻ جي حد "تکميل" تائين آهي. هي درجا جيڪي حضرت مجدد صاحب
رحمت الله عليه جن کي عطا ٿيا سي سالڪن ۾ بہ مشڪل سان اڪل
قليل سالڪن کي حاصل ٿيندا - حضرت صاحب جن کي "سير
محبوبي" ۽ "مرادي" رب تعاليٰ جل شانه پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان
سندن مرشد صاحب جن جي توجه سان ٿورن ڏينهن ۾ کين
ڌڻي انهن عطا فرمايو - ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ ۝

هاڻي حضرت مجدد صاحب قدس سره جن بابت خود سندن
مرشد حضرت خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه
جن کان ڪيل احوال نقل ڪجي ٿو - حضرت خواجه صاحب
جن پنهنجي هڪ خط ۾ مريدن کي لکيو ته - شيخ احمد
(رضي الله تعاليٰ عنه) نالي هڪ بزرگ سرهند جو ڪثير العلم ۽

قوي العمل آهي. جنهن تي ورو وقت فقير سائش صحبت ڪئي. عجائب
۽ غرائب آثار ڪائنس صادر ٿيا. هڪ روشن چراغ (سنئين بتي)
ٿيندو جو سندس روشنيءَ سان سارو عالم روشن ٿيندو.
سندن پاڻ ۾ عزيز صالحن مان آهن. سندن فرزند جي ڳڻتي ۾
نين آهن اسرار الهي آهن. بالجمله شجره طيبه آهن. اَنْبَتَهُ اللهُ
نَبَاتاً حَسَناً ٥ تم مڪتوب حضرت خواجه صاحب رضي الله تعاليٰ عنه
مطلب ته سندن مرشد عليه الرحمت جي هنن تورڙن لفظن مان عزير
سان خيال ڪجي ته اڳتي هلي سندن ڇا درجه ۽ مرتبه هوندو !!
سبحان حضرت خواجه صاحب عليه الرحمت هن کين طريقت ۾ ڪامل
مڪمل ڪري ته ساعت سديل ۾ کين خلافت جو خرقه عطا ڪري
کين فرمايائون ته هاڻي پنهنجي وطن سرهند شريف ۾ وڃي مسند
آرائي ڪري طالبن کي فيض رباني پهچايو ۽ حضرت خواجه صاحب
عليه الرحمت هن ڪيترا پنهنجا مريد سندن خدمت ۾ روانا ڪيا
۽ انهن کي فرمايائون ته سندن (سرهند جو) پنهنجي ڪو سلوڪ رهيل آهي اهو کين

حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن پورو ڪرائيدا -

سنرت نحيم مجيد جناب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه

جن واپس سرهند شريف آيا - ۽ اچي ضيف جو درياه مالڪن

ني پلٽيائون -

ڏي سرهند شريف کان بيو دفعو به پنهنجي مرشد صاحب جي خدمت ۾

آيا ۽ باقي رهيل سلوڪ پورو ڪيائون - پنهنجي مرشد صاحب جو

ايتري قدر ادب ڪندا هوا جو ڪنهن بطالب نه ڪيو هوندو -

پاڻ پنهنجي ڪتاب مبدء معاد ۾ لکن ٿا ته اسان چار جڻا

حضرت خواجه صاحب عليه الرحمت جي خدمت ۾ هوا سون - هرڪنهن جو

پنهنجي مرشد لاءِ پنهنجي خيال موجب جدا جدا اعتقاد هو - مگر منهنجو

اعتقاد پنهنجي مرشد صاحب عليه الرحمت لاءِ هي هو ته اهڙي

صحبت ۽ تربيت ارشاد جي حضور سرور ڪائنات صلی الله

تعالیٰ عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم جن کان پوءِ ڪنهن بي

هنن هرگز نه آهي - شڪر رب تعالیٰ جلشانه جو، جو اگرچه

مان الخفيءَ صحبت حضور سرورِ ڪائنات صلى الله تعالى عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم ۾ مشرف نہ ٿيس مگر الحمدلله اخفيءَ سعادت صحبت کان محروم نہ رهيس۔

مطلب تہ ڇا آڏو هڪ سيد ڪاهي راقم الحروف حضرت خواجہ صاحب عليه الرحمت ۽ حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي تعريف ۽ توصيف بيان ڪريان. جنهنڪي انهن حضراتن جي توصيف ۽ تعريف بدلڻ جو شوق هجي تہ ڪتاب زبدة المقامات ۽ عمدة المقامات ڏسي سگهي ٿو. هن ننڍڙي رسالہ ۾ بيان ڪرڻ بالڪل محال آهي. جناب حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن جو "خوارق عادات" يعني ڪرامتون ازحد زياده آهن جي هن مختصر رسالہ ۾ نہ لکيون اٿم. انهن جي معلوم ڪرڻ لاءِ بہ جنهنکي شوق هجي تہ ڪتاب زبدة المقامات ۽ عمدة المقامات ڏسي سگهي ٿو. بلڪہ سڀني وڏي ۾ وڏي ڪرامت سندن ڪتاب مستطاب "مڪتوبات شريف" آهي۔

حضرت مجدد صاحب رضی الله تعالیٰ عنه جن جي عمر مبارڪ به متابعت
حضرت سرور ڪائنات صلی الله علیه وآله واصحابه وبارڪ وسلم
جن جي پوري ٦٣ ٽيهٺ ورهيه رهي. پاڻ تاريخ ٢٩ اڻٽيهين
ماه صفر المظفر سنه ١٠٣٤ هڪ هزار چوٽيهه به وقت ٻن
پهرن جي سرهند شريف ۾ وصال فرمايائون. قدرتاً اهو معنه
٢٤ ٿيو. جو سندن تدفين ١ پهرئين ربيع الاول جي ٿي.
سندن قبر مبارڪ سندن وڏي فرزند ارجمند حضرت صاحبزاده
محمد صادق صاحب رحمت الله تعالیٰ علیه جي گنبد مبارڪ
۾ ٿي - انهيءَ قبر مبارڪ لاءِ پنهنجي حياتيءَ ۾ بشارت ڏني
هوائون - إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ ۝

" ذڪر سندن اولاد مبارڪ "

سندن اولاد مبارڪ جمله ٦ ڇهه عدد آهي.

١ پهرين فرزند وڏو. سندن نالو نامي حضرت خواجه
محمد صادق رحمت الله تعالیٰ عنه آهي.

٢ ٻيو نمبر فرزند سندن حضرت خواجه محمد سعيد المعروف حضرت "خازن الرحمت" صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه -

٣ ٽيون نمبر سندن فرزند حضرت خواجه محمد معصوم صاحب المعروف به حضرت "عروة الوثقیٰ" رحمت الله تعالیٰ عليه -

حضرات سرهندي ساڳي داد وارا ۽ اسان يعني راقم الحروف ۽ حضرات مٽياري، حضرات ملير ڪراچي ۽ حضرات ڪابل وارا سڀ سندن اولاد مبارڪ مان آهن. يعني "معصومي"

٤ چوٿون نمبر سندن فرزند حضرت محمد عيسیٰ صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه هو - جن حضرت مجدد صاحب قدس سره جن جي حيات مبارڪ ۾ ئي ١١ يارهن سالن جي عمر ۾ مرض وباء (طاعون) ۾ وفات فرمائي - اهن جي قبر مبارڪ سرهند شريف ۾ حضرت خواجه محمد صادق رحمت الله عليه سان سندن گنبد ۾ آهي. حضرت خواجه محمد صادق رحمت الله تعالیٰ عليه جن پڻ جناب حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن جي حيات مبارڪ ۾

۾ ”وباء“ ۾ وفات ڪيائين.

٥ پنجون فرزند سندن حضرت محمد فرخ صاحب عليه الرحمت آهي جو پنهنجي حضرت جن جي حياتي ۾ پنهنجي ياڙهن سالن کان پوءِ مرض وبا ۾ ستن سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو، انهن جي قبر مبارڪ به سندن وڏي ڀاءُ خواجه محمد صادق عليه الرحمت جي گنبذ ۾ آهي.

٦ ڇهون فرزند سندن حضرت محمد يحيٰ آهي عليه الرحمت جي حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن جي وصال وقت ننڍي عمر، شيرخواري ۾ هوا. حضرت محمد يحيٰ جن عليه الرحمت جو اولاد هت سنڌ ۾ ”قرن“ لڳن گرهي ياسين ۽ شڪارپور جي وچ ۾ آهي.

ذڪر حضرت خواجه محمد صادق رضي الله تعالیٰ عنه جن جو مختصر

حضرت محمد صادق رحمت الله تعالیٰ عليه حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن جو وڏو فرزند هو، علوم ظاهري ۾ سندن مرتبو مولويت

جو هو - سندن باطني ڪمالات بابت ڀيجي واالد ماجد رحمت الله تعاليٰ
عنه جن سان همدوش هوا. سندن ولادت باسعادت سنه ١٠٠١ ﻫ
۾ ٿي - ننڍپڻ کان ئي بزرگيءَ جا آثار منجهن موجود هوا
سندن تعليم جي تربيت سندن ڏاڏي صاحب حضرت عبدالاحد
صاحب المعروف حضرت مخدوم صاحب رحمت الله عليه جن وٽ ٿي.
مخدوم صاحب جن فرمائيندا هوا ته هي ڇوڪرو ڪيفيت حقيقت
جو عجيب گالهيون پڇي ٿو - جنهن جو جواب مشڪل سان ڏجي ٿو.
جنهن حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن حضرت خواجه
باقي باالله (بيرنگ) رحمت الله عليه جي خدمت ۾ حاضر ٿي
طريقه نقشبنديه ۾ داخل ٿيا ته حضرت محمد صادق صاحب جن
به حضرت بيرنگ صاحب جن کان اخذ طريقه عاليه نقشبنديه
۾ داخل ٿيا - ۽ حضرت بيرنگ صاحب رحمت الله عليه جن
جي توجهات سان ڪمال ولايت کي پهتا - تعليم منقول ۽
معقول ۾ پايه نهايت کي پهتا هوا - منقول آهي ته هڪ

ڏينهن علماءَ جي جماعت ۾ هڪ عالم عقليه ملڪ ايران جي

شهر شيراز کان آيل هو. ان ساڻ علم عقليه ۾ هندستان

جو ڪو به عالم مقابلو نه ٿي ڪري سگهيو. حضرت محمد صادق

صاحب رحمت الله تعاليٰ عنه جن ان کان ٻه چار سوال عقليه

ڪيا. جو هن شيرازي عالم کي تعجب ٿيو ۽ چيائين ته مون نه

ٿي ڀانيو ته ڪو هندستان ۾ عالم عقليه هوندو. مگر هن جو ڪري

مون کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته علم عقليه به هندستان ۾ آهي.

هن جو ڪري جي علمي تعريف جيتري به ڪجي اوتري ٿوري آهي

مطلب ته ڪين هر طرح جو علم حاصل هو. ۽ سندن ننڍي عمر

۾ جيڪو ڪين ڪمالات رب تعاليٰ جل شانه عطا ڪيو سو ڪنهن

ٻئي وڏي عمر واري کي نه هو. هڪ ڏينهن هڪ بزرگ جنهن سلوڪ

پورو ڪيو هو تنهن پنهنجي ڪمالات جو طريقو مطلب حضرت بزرگ

صاحب جن جي مجلس ۾ بيان ڪيو ۽ پنهنجي مرشد جي

ڪماليت جو ذڪر ڪيو. حضرت خواجه بزرگ صاحب رحمة الله عليه

جن حضرت محمدّ صادق صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه جن کي
سڏي چئي ڪيائون ته بابا! توں پنهنجي سلوڪ جو اظهار
ڪر ته اهل مجلس جا ٻڌن - خصوصاً هي بزرگ صاحب ٻڌي
حضرت محمدّ صادق صاحب عليه الرحمت جن پنهنجي سلوڪ جو احوال
بيان ڪيو جو مٿين بزرگ کان به وڌ هو. مٿين بزرگ
صاحب کي تعجب ٿيو ته هي ننڍو ڇوڪرو جنهنجي عمر ستّ يا
اٺ سال آهي جنهن ٿن مهنن ۾ ڪيترو سلوڪ حاصل
ڪيو آهي. غرض ته مٿين بزرگ ۽ اهل مجلس وارن کي حيرت
۽ تعجب ٿيو ته پنجاهه سالن ۾ جيڪو سلوڪ ان مٿين بزرگ
کي حاصل ٿيو سو هن ڇوڪري ٿن مهنن ۾ حاصل ڪيو آهي.
ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ ٥
مطلب ته حضرت محمد صادق کي نسبت جو غلبو ايترو قدر
مڪمل هو. جو حضرت بزرگ صاحب جن کين بزار جو مشتبه
کاڌو کارائيندا هوا ته سندن مغلوبيت گهٽ ٿئي -

حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن ۾ پنهنجي مرشد صاحب کي
هڪ خط ۾ لکيو ته تبرخوردار محمد صادق جو احوال باطني
۽ ظاهري الحمدلله تمام چڱو (سلوڪ ۾) آهي -
استغراق جو فڪر نه آهي اميد ته انشاء الله تعالىٰ جلد سُڪر
کان صحو ۾ ايندا - جڏهن کان حضرت بيرنگ صاحب
عليه الرحمت جن پنهنجا ٻيا سمورا مريد به جناب حضرت مجدد صاحب
جن جي تحويل ۾ ڏيڻ فرمايا ته حضرت محمد صادق صاحب جن کي
به حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جي حوالي ڪيائون ته باقي
رهيل سلوڪ انهي عماليت کي رسي - حضرت بيرنگ صاحب
رحمت الله عليه جن حضرت محمد صادق رحمت الله عليه جن
کان سندي قبرن جو احوال پڇندا هو ته هو ڪين ٻڌائيندا
هوا. ڪين خداوند تعالىٰ تڏهن وقت ۾ سلوڪ جو وڏو
مقام عطا فرمايو هو - جنهن لاءِ خود حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت
جن پنهنجي مڪتوب عالي نمبر ٢٤٢ دفتر اول ۾ لکيو ته هي مقام

فرزند ارجمند محمد صادق صاحب جن کي رب تعالیٰ جل شانه عطا
ڪيو ۽ ولايت ۾ مون سان شريڪ آهن. ۽ هي فقير
(يعني حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه) مسافرن جي رنگ ۾
سندن ولايت ۾ وسيل آهي. وري ٻئي مکتوب نمبر ٢١٥ ۾
لکن ٿا ته استفاده فقير ولايت موسوي ۾ آهي ۽ فرزند
صاحب محمد صادق جن به مون سان ولايت موسوي ۾ شريڪ
آهن. مطلب ته رب تعالیٰ جل شانه کين ڪماليت جو وڏو
درجو عطا ڪيو هو. جنهن لاءِ هن مختصر رسالي ۾ گنجائش
نه آهي. ڪتاب زبدة المقامات ۽ عمدة المقامات ۾ ڪو ڏسي سگهي ٿو.
سندن وصال پر ملال جو واقعو هن ريت آهي.

سندن ٤٢ ورهين جي عمر ۾ ساري هندستان ۾ وبا مرض وارد
ٿيو. سارو هندستان انهيءَ بلا ۾ مبتلا هو. ڪو به شهر انهيءَ
مرض کان خالي نه هو. حضرت محمد صادق رضي الله تعالیٰ عنه
جن پاڻ فرمايو ته "اين مرض لقمهٔ چرب مي خواهد" يعني هيءَ

مرض سڀو گراهه ٿو ڪري - جيستائين مان اهڙي مرض جو
لقمه نه ٿيندس اهڙي مرض کي تسڪين نه ايندي ....
لوڪ مان ڪي اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿيا ۽ وصال فرمايائون !
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن سندن وصال بابت
لکن ٿا ته - فرزند مرحوم محمد صادق صاحب رحمت الله عليه جن هڪ
قدرت جي نشاني هوا - ٢٥ سالن جي عمر ۾ تمام علم نقليه ۽
عقليه ۽ احاديث شريف ۾ درجه اختتام تي پهتل هوا - ۽
ستن ورهين جي عمر ۾ حضرت خواجه بزرگ صاحب رحمت الله عليه
جن جي مريدي ۾ داخل ٿيا ته ان وقت ۾ جيڪو رب تعاليٰ
جلشانه سلوڪ عطا فرمايو سو لکڻ کان ٻاهر آهي - ۽ فرزند
محمد فرخ صاحب عليه الرحمة جو ڇا ذڪر ڪريان يارهن سالن
جي عمر تائين ۾ ڪافيه تائين تعليم حاصل ڪئي هيائون - هميشه
خدا پاڪ جي خوف ۽ آخرت کان خائف رهندا هيا - ۽ هميشه
رب تعاليٰ جلشانه جن کان اها دعا گهرندا هوا ته يارب العالمين

مون کي ننڊ ۾ پاڻوٽ گهراءِ جنهن عذاب آخرت کان نجات ملي۔
بيماريءَ جي حالت ۾ سندن خدمتگارن سندن جون عجيب ڪرامتون
بيان ڪيون آهن - پاڻ ٻه اٺين وبائي مرض ۾ وصال ڪيائون
إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ ۝

۾ فرزند محمد علي صاحب عليه الرحمت اٺن سالن جي عمر ۾
ساڳي مرض وبا ۾ وفات ڪئي . سندن ننڍپڻ ۾ ڪيترون
ڪرامتون عجيب عجيب بيان ڪيون اٿن - مطلب
مطلب ته هي شيءِ فرزند حضرت حق سبحانه وتعالىٰ جي قدرت
جي هڪ نشاني هوا- سندن ڪجا بيان ڪريان ....

رب تعالىٰ مون کي اهڙن عطا ڪيون هجن جي مون ۾
صحبت رضامند رب تعالىٰ ملڪ سانڊ کي وارث ديڪون !!
اَللّٰهُمَّ لَا تَحْرِمْنَا اَجْرَهُمْ وَلَا تَفْتِنَّا بَعْدَهُمْ بِحُرْمَتِ
سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمُ الصَّلٰوٰةُ وَالتَّسْلِيْمَاتُ ۝

تم بيان حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالىٰ عنه

حضرت محمّد صادق صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه جن کي هڪ فرزند

هيو - جنهن جو نالو مبارڪ " شيخ محمّد " هو - صاحب حالات عجيب

۽ غريب جا هوا . ۽ شيخ محمد صاحب عليه الرحمت کي ٣ ٽي

فرزند ٿيا - هڪ شيخ ابراهيم صاحب جو کين فقط هڪ نياڻي هئي -

ٻيو "شيخ زاهد صاحب" جو کين ڪو به اولاد نه هيو - ٽيون

"شيخ عابد صاحب" جنهن کي هڪ فرزند هيو . =

"شيخ بهاؤ الدين صاحب" سندن اولاد جو نالو . شيخ محمد شجاع صاحب،

شيخ ابوبڪر صاحب ، شيخ ظهير الدين صاحب رهيو - هي سڀ

صاحب ڪمال ۽ فضائل جا هوا . رحمت الله تعالیٰ عليهم اجمعين -

حضرت محمّد صادق عليه الرحمة جن جا احوال اختصاراً پورا ٿيو .

ذڪر فرزندن ٢ ٻيو جناب حضرت محمّد صاحب
رضي الله تعالیٰ عنه جو

جناب حضرت محمّد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن جي فرزند ٢

جو نالو شيخ العرفا ، زبدة العلماء ، راسخين مظهر ڪمالات

حضرت محمد سعيد صاحب ۽ لقب "خازن" رحمت الله عليه آهي -

سن ولادت پر سعادت سنه ١٠٠٥ھ ماه شعبان المبارڪ ۾ ٿي -
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن لکيو آهي ته - فرزند
محمد سعيد جن پنجن ورهين جي عمر ۾ بيمار ٿي پيا، ليڪن
عنايت ضعف هيو - عين انهيءَ بيماري ۾ ڪا شيءِ پيئاري
ته تن ۾ طبع کي شيءِ ٿي چاهي. پاڻ بي اختيار فرمايائون
ته "خواجه صاحب را مي خواهم" يعني حضرت بيرنگ صاحب
کي گهران - حضرت مجدد صاحب عليه الرحمة جن اهي الفاظ
حضرت خواجه بيرنگ صاحب رحمة الله تعاليٰ عنه جن
جي خدمت پيش ڪيا. حضرت بيرنگ صاحب جن فرمايو
ته محمد سعيد صاحب اهڙي رنڍي ظاهر ڪري غائبانه
مون کان نسبت حاصل ڪئي. جڏهن سن عمر مبارڪ
حد تميز کي پهتي ته تحصيل علوم ديني پنهنجي والد صاحب
رحمة الله عليه جن کان ۽ اڪثر پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت
محمد صادق صاحب قدس سره جن کان حاصل ڪيائون -

باقي علم نقليه ۽ عقليه مولانا شيخ طاهر صاحب لاهوريءَ
کان پايهٔ اختتام تي پهچايا اٿوَ. ۽ اهي سمورا ڪمالات
۽ فضائل ظاهري ۽ معاملات فيوضات باطني سترهن
سالن جي عمر تائين حاصل ڪيا اٿوَ. حضرت مولانا
محمد هاشم ٺٽوي رحمت الله عليه بيان ٿا فرمائين ته هڪ ڏينهن
محفل علماء دين ۾ هڪ فقه جو مشڪل اصولي مسئله
آيو. پاڻ ان مسئله جا اهڙي فصاحت ۽ بلاغت سان حل
فرمايا اٿن جو اهل مجلس وارا حيران ٿي ويا ۽ سندن قابليت
۽ علميت جي آفرين چيا اٿن. ساڳيا مولانا محمد هاشم ٺٽوي
رحمت الله تعالى عليه جن وري بيان ٿا ڪن ته هڪ ڏينهن
لاهور شهر ۾ وقت جي معززن ۽ علمائن جي مجلس هئي.
ان ۾ پاڻ پنهنجي يار حضرت خواجه محمد معصوم صاحب
المعروف به عروة الوثقىٰ رضي الله تعالى عنه جيڪي سندن
(يعني حضرت محمد سعيد صاحب جن) جي عمر کان ننڍا ڄمڻ هوا ان

مجلس ۾ موجود هوا. مجلس ۾ سجدهء تحية ۽ ”سجدهء تلاوة“
۽ ٻين علمن ۾ بحث شروع ٿيو ته ساري جماعت عالمن جي
هڪ طرف هئي ۽ هي ٻئي حضرات يعني حضرت محمد سعيد صاحب
۽ حضرت محمد معصوم صاحب عروة الوثقى احسن ٻئي طرف هوا
ٻنهي حضراتن مذڪوره مسئلن تي عقليه ۽ نقليه طرح اهڙي
روشني وڌي جو ساري جماعت کي حيرت ۽ تعجب ٿيو.
ساري جماعت هڪ زبان ٿي چيو ته ڀلي اهڙي والد بزرگوار
جا اهڙا فرزند محقق جو مجتهد زمانه آهن.

پاڻ هڪ رساله ”عدم رفع سبابه تشهد“ = بيان ۾
يعني التحيات ۾ لفظ مبارڪ ”اشهد ان لا اله الا الله“
تي هٿون آڱر مٿي ڪڻڻ تا. ان تي مذهب مختار
حنفيه تي هڪ رساله لکيائون - انلاءِ بر سڀني علماء
رفع سبابه جا قائل هوا سڀ تعجب ۽ حيرت ۾ پئجي ويا.
پاڻ سلوڪ طريقت جو ٻنهي والد صاحب بزرگوار عليه الرحمة جن

ڪمال حاصل ڪيو. ان لاءِ حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت
جن پنهنجي مڪاتيب ۾ سڀني ڪمالات جي ڪيفيت ۽ ڪمالات
طريقت جا لکيا آهن. جن لاءِ عقل عقيل ادراڪ جو عاجز
۽ قاصر آهي. سڀني عروجات جا معارف حضرت امام رباني
مجدد الف ثاني قدس سره جي مڪتوبات شريف مان حاصل ڪري سگهجن ٿا.
حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن فرمائين ٿا ته حضرت محمد سعيد
صاحب جن مون کان ڪهڙي به مقام عروج يا نزول ۾ اڄ
تائين مون کان پوئتي نه رهيا بلڪه مون سان گڏ شريڪ
رديف طريقت آهن. هڪ دفعه حضرت مجدد صاحب قدس سره
جن کين خطاب ڪري فرمايو ته توهان حضرت ابراهيم عليه السلام
واري دائره نفي جو پورو ڪري هاڻي مون سان دائره اثبات
۾ شريڪ آهيو. مطلب ته سڀني ڪمالات جا بيان تحت
جيڪي لکڻ مان ٻاهر آهن. هن مختصر رساله ۾ سڀني
ڪمالات جي لکڻ لاءِ گنجائش ڪانه آهي. حضرت عروة الوثقيٰ صاحب

رحمت الله تعالیٰ علیه جن بن جي مڪاتيب ۾ لکيو آهي تہ -
حضرت مجدد صاحب قدس سرهٗ جن بہ شخصن کي ”ولايت احمدي
عليه التحية والسلام جي بشارت ڏني آهي. هڪ حضرت
”خازن“ صاحب ۽ ٻيو حضرت ”عروة الوثقیٰ“ صاحب - رضوان
الله تعالیٰ عليهم - حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه
جن ٻنهي معارف ۽ دقائق ۾ هنن ٻن بزرگن کان سواءِ ٻئي
ڪنهن کي بہ بيان نہ فرمائيندا هوا - هي هڪ اشارو آهي هنن
ڪمالات ۽ عالي درجات لاءِ ڪافي آهي۔“
سندن وصال مبارڪ سنہ ١٠٧١ھ ۾ ٿيو هئو ١٤٣ ۽ هيءُ حج ۽
حرمين شريفين جي سفر مبارڪ کان پوءِ ۾ ٿيو.
پاڻ ڪجهہ وقت دهلي ۾ رهيا. جتي هن مون جو ارادو ڪيائون
تہ هن دهلي مان ٻنهي پاڻ حضرت عروة الوثقیٰ رضي الله تعالیٰ
عنه جن کي شوق ملاقات جو لکيائون - حضرت عروة الوثقیٰ جن
سندن خط پڙهي تي خط مان سندن رحلت جو معلوم ڪري

استقبال لاءِ روانا ٿيا، هڪ قاصد هٿ ڪين واپسي خط ڏئي ڪلايائون

تہ اوهان جي محرم جي آءُ حيلہ اوهان جي خدمت ۾ پهچندس.

جڏهن "سراءِ علو" (جو سرهند شريف کان ستن ميلن تي آهي) تي پهتا

تہ کين باطني طرح معلوم ٿيو تہ حضرت خازن عليہ الرحمت جن دهليءَ

کان ايندي "سراءِ سنالڪ" ۾ رحلت فرمائي آهي. ان ڪري

گهڻي ڏک ۾ اوهان کان موٽي سرهند شريف آيا. ٻن ڏينهن

ڏينهن کان بعد قاصد بہ حضرت خازن عليہ الرحمت جن جي وفات

جي خبر پهچائي ۽ سندن جنازو مبارڪ سرهند شريف پهچايو

ويو. سندن قبر مبارڪ سندن والد صاحب حضرت حجة صاحب

رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ ڏاڏا حضرت محمد صادق صاحب عليہ الرحمة

جن سان گڏ ئي. إِنَّا لِلَّهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ ۝

سندن وفات بعد هڪ عالات اولياء ڪرام ڪي اچي تي الٽفاعي تي.

حضرت شاه فضل الله صاحب عليہ الرحمت جن پنهنجي عمدة المقامات

ڪتاب ۾ صفحي نمبر ٢٣٥ ۾ پنهنجي والد صاحب جي والد صاحب عليہ الرحمة

جو عقيل نقل لکيو آهي ته سرهند شريف ۾ هڪ دفعي سخت برسات
پوڻ ڪري حضرت جن جي اندر روضه مبارڪ ۾ تمام گهڻون
پاڻي داخل ٿيو. ۽ حضرت خازن عليه الرحمت جن جي قبر
مبارڪ پاڻي جي ڪثرت سان تمام هيٺ ڪري ويئي. قبر
شريف جي اندر نئين تعمير لاءِ قبر مبارڪ کي کوليو ويو. ڏٺو ويو
ته سندن جسد مبارڪ ڪفن مبارڪ ۾ ساڳئي طرح ملفوف
آهي. ۽ ڪفن جهڙو ڪ نئون ۽ تازو ڏٺل معلوم ٿي ٿيو
اُن تي مٽي ۽ ڪپ جو ڪو به اثر ڪو نه هو. سندن چهره مبارڪ
اهڙو ته نوراني ۽ تازو هو. جڻ ڪو ماڻهو ننڊ يا
خواب استراحت ۾ آرام ۾ هجي. حالانڪ سندن وفات
مبارڪ کي ١٣٠ هڪ سؤ ٽيه ورهيه گذري چڪا هئا. !!
اهو ڏسي سڀني حاضرين کي سندن ڪمال ۽ بزرگي جو نهايت
تعجب ٿيو. رضي الله تعالىٰ عنه. اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلَنَا وَارْحَمْنَا وَ
اَدْخِلْنَا فِيْ عِبَادِكَ الصَّالِحِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ٥

٨

سندن اولاد مبارڪ سواءِ ڌيئن جي اٺ فرزند ارجمند هوا.
سڀئي مخدوم زاده ڳان ظاهري باطني ڪمالات سان معمور هوا.
١ وڏن مان سندن فرزند مبارڪ حضرت شاه عبدالله صاحب
رحمت الله عليه وڏي ڪمالات ۽ حالات جا صاحب هوا. ۽
۽ معارف طريقت جو ٻنهي والد صاحب کان حاصل ڪيو
هوا، اُن کي فقط هڪ فرزند حضرت عبدالحق عليه رحمت هو.
٢ سندن ٻيو فرزند حضرت شاه لطف الله صاحب رحمت الله
عليه هو. ان صاحب به اخذ طريقه ٻنهي والد صاحب عليه الرحمة
کان ڪيو ۽ وڏي ڪمال جو صاحب هو. ان کي ڪوبه اولاد ڪونه هو.
٣ سندن ٽيون فرزند جناب علامة الورىٰ نور الهدىٰ
ميان فرخ شاه صاحب رحمت الله عليه جن هوا. علم ۽
عمل ۾ ٻنهي پاڙن ۾ ممتاز هوا. سندن عمر مبارڪ ٩٠
نوي ورهين کان به وڌيڪ هئي. گهڻن ماڻهن سندن حلقه مبارڪ
مان فيضياب ٿيا. ٢٠ ويهين شوال سنه ١١٠٨ هجري ۾ وفات ڪيائون.

کين ٻي فرزند هوا۔ اول قطب الاوليا حضرت شيخ "علي رضا صاحب
رحمت الله عليه هوا۔ وڏا صاحب ڪمالات ٿيا هوا۔ سندن حالات ڪمالات
جو ذڪر حضرت خواجه ڪشميري ڪتاب "اشجار الخلد" ۽
"اثمار الاشجار" ۾ تفصيل سان ڪيو آهي، ٻيو بزرگ مياں ارشد صاحب
۽ ٽيون بزرگ مياں ضياءُ الله صاحب جو ٽين بزرگ ۽ حضرت
شيخ "سعد الدين" صاحب هو رحمت الله عليهم هن صاحب جي
نيڪ بخت والد بزرگوار حضرت حافظ صاحب عليه الرحمت کان ڪمال
ڪيو۔ هڪ سندن فرزند مياں محمد قطب صاحب هو جنهنکي
هڪ فرزند حضرت محمد غوث نالي هيو۔ رحمت الله تعالیٰ عليه
هڪ نيڪ بخت فرزند جناب حضرت مقبول الصمد شيخ عبد الاحد
صاحب رحمت الله عليه هوا۔ هن صاحب جي اول اخذ طريقه
پنهنجي والد صاحب عليه الرحمة کان باقي اخذ طريقه پنهنجي چاچي
حضرت صاحب شاهه عروة الوثقیٰ رضي الله تعالیٰ عنه کان پايه
تڪميل تي پهچايو۔ وڏي ڪمالات جا صاحب هوا۔

٦ ستون ڇهون لمبر فرزند قدوة اهل الله حضرت شيخ خليل الله
صاحب رحمة الله عليه هوا. هن صاحب به سلوڪ پنهنجي والد
صاحب کان پايهٔ تڪميل تي پهچايو. کين به فرزند هوا هڪ
حضرت ميان نور القدس صاحب ٻيو مراد الله صاحب رحمة الله عليهما

٧ ستون ستون لمبر فرزند حضرت شيخ محمد تقي صاحب جن
هوا. جن به فيض پنهنجي والد بزرگوار کان درجه ڪمال تي پهچايو.
کين هڪ فرزند حضرت شيخ نجم الدين صاحب نالي هو. رحمة الله عليه

٨ ستون اٺون لمبر فرزند حضرت شيخ محمد يعقوب رحمة الله عليه
هوا. سندي اولاد ڪري نهايت پيارو هون. درجهٔ ڪمال
کي پهتو هوا. اُن کي هڪ فرزند شيخ عصمت الله صاحب
رحمة الله تعالى عليه هو. حضرت خازن صاحب عليه الرحمة

جي اولاد جو ذڪر پورو ٿيو. هاڻي بيان حضرت مجدد صاحب
رضي الله تعالى عنه جي ٣ ٽين لمبر فرزند ارجمند جو لکجي ٿو.

٣

حضرت مجدد رضي الله تعاليٰ عنه جي ٽئين نمبر فرزند ارجمند جو
نالو "حضرت خواجه محمد معصوم صاحب" رضي الله تعاليٰ عنه آهي.
سندن لقب مبارڪ "حضرت عروة الوثقيٰ صاحب" آهي. سندن
ولادت مبارڪ باسعادت "بستي" (ملڪ حيدر) جو سرهند
شريف کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهي) تاريخ يارهين شوال
المڪرم سنه ١٠٠٧هه ۾ ٿي. حضرت مجدد صاحب رحمت الله عليه
جن فرمائيندا هوا ته حضرت محمد معصوم جي ولادت باسعادت
مون لاءِ مبارڪ آهي. جو سندن ولادت کان ٻن ٽن مهينن بعد
مونکي ملاقات حضرت شاه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه سان
ٿي الحمدلله والشڪر لله تعاليٰ - جيڪو فيض مون کي رب تعاليٰ
جل شانه پنهنجي خاص فضل ۽ ڪرم سان حضرت خواجه بزرگ
صاحب رحمت الله عليه جن کان عطا ڪيو اقل قليل ڪنهن کي ملندو هوندو.
حضرت مجدد صاحب قدس سره جن فرمائيندا هئا ته، حضرت صاحب
عروة الوثقيٰ صاحب ٽن ورهين جي عمر ۾ ڪي عجيب غريب ڳالهيون

ٿيڪيون ڇيائين ٿي ته آءُ آسمان آهيان آءُ زمين آهيان !!
آءُ فلان فلان يعني ارض وسما، وحوش وطيور و حجر ونباتات
يعني زمين، آسمان، پکي، پٿر، زمين جا اوڀر آهيان -
مطلب ته جيڪي به سندن نظر مبارڪ ۾ ٿي آيو سو ٿي چيائون
ته مان آهيان .... خداوند پاڪ جيڪو هن صاحب کي ننڍپڻ
۾ عطا ڪيو سو ڪنهن کي به نه ڏنو. ذالڪ فضل الله يؤتيه من يشاءُ
سندن نالو مبارڪ حضرت محمد معصوم آهي. سندن لقب مجدد الدين
۽ سندن مشهور ٿيوه عروة الوثقىٰ آهي. ادب خاطر آئينده
سندن نالي مبارڪ جي بجاءِ سندن لقب ۽ ٿيوه جو نالو يعني (
"حضرت عروة الوثقىٰ" رضي الله تعالىٰ عنه لکيو وينده -
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالىٰ عنه جن سندن ارشاد
بابت فرمائين ٿا ته حضرة عروة الوثقىٰ صاحبن مون کان
يومًا فيومًا، أنًا فأنًا مثل صاحب ڪتاب شرح وقايه جو
حامل ٿيئي - جو خطبهٔ ڪتاب شرح وقايه ۾ لکن ٿا ته

منهجي جد ساڳي وقايه الّفهما جدّي الوقاية سبقًا سبقًا و
كُنْتُ أحرِيْ فِيْ مَيْلانِ حِفْظِهِمَا طلقًا طلقًا حَتّى اتّفق
تَمَامُ تَأْلِيْفِهِمَا مَعَ إِتْمَامِ حِفْظِيْ = يعني مون کي جيڪو وقايه
جو سبق ڏاڏي صاحب لکي ٿي ڏنو سو مون به ياد ٿي ڪيو - ۽
جڏهن ڪتاب وقايه پورو ٿيو ته سارو ڪتاب وقايه جو مونکي
ياد ٿي ويو هو - مطلب ته حضرت مجدد صاحب رحمت الله عليه
جن جيڪو سلوڪ جو سبق ڪين ڏنو نه سو حضرت عروة الوثقى
رضي الله تعالى عنه جن ياد نه ڪيو آخر سلوڪ جا سبق
نه پورا ٿيا ته سلوڪ به سارو ڪين حاصل ٿي ويو - مطلب ته
حضرت مجدد صاحب قدس سره جن ڪين تاڪيد نه ڪيو ته بابا
جلدي ڪري ظاهري علم کان فارغ ٿي پوءِ تو کان مون کي
وڏو ڪم وٺڻو آهي - الغرض پاڻ ٿوري ٿي وقت ۾
علم ظاهري عقليه ۽ نقليه کي پايه تڪميل تي پهچايائون -
۽ اهو علم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪيائون -

۽ ٻين علمن ۾ به هي وڏي پايهُ خواجه محمد صادق عليه الرحمة کان
حاصل ڪيائون. سورهن سالن جي عمر ۾ سارو علم حديث
شريف، فقه شريف ۽ علم عقليه حاصل ڪيائون. علم جي
پوري ٿيڻ تي. سلوڪ باطني لاءِ ٻنهي عالي بزرگوار صاحب
جن ڏانهن رجوع ٿيا. جيئن ته سندن والد صاحب جن خود
منتظر هوا. پر پنهنجي والد صاحب عليه الرحمة جن کان جيڪو
علم باطني کين عطا ٿيو سو ڪنهن ٻئي کان حاصل نه ٿيو.

حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالىٰ عنه جن هميشه حضرت عروة
الوثقىٰ صاحب جن جي شادي لاءِ منتظر هوندا هوا. مگر کين
"اجازت غيبي" نه ٿي ملي. هڪ ڏينهن حضرت مجدد صاحب
قدس سره جن ضرورت پيشاب لاءِ جڏهن مٿي جاءِ تي ويا
ته اتي جاءِ تي ٻه دانا ڪڻڪ جا پيل ڏٺائون. حضرت جن
باوجود غلبه پيشاب جي اتي پيشاب نه ڪيو. ۽ ٻي جاءِ
تي پيشاب لاءِ تي ويا ته انهيءَ وقت ۾ کين حضرت صاحب

جناب حضرت عروة الوثقيٰ جن جي نڪاح جي بشارت ملي -

ان ڪان پوءِ جناب حضرت مولانا طاهر صاحب لاهوري (حضرت

سندن والد صاحب جن جي خلفا مان هيو) ان جي معرفت

حضرت سيد سند "مير يوسف احمد" صاحب جو روم ڪان

تشريف فرما ٿيا هوا ۽ پاڻ سادات ڪرام مان هوا ۽ طريقه

۾ جناب حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جا خليفا

هيا ان ڪان حضرت عروة الوثقيٰ صاحب رضي الله تعاليٰ عنه

جن جي لاءِ نياڻي جي گهر ڪيائون - حضرت مير يوسف احمد

صاحب جن وڏي خوشي سان قبول ڪيو - ۽ خير سان شادي

ٿي - حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن باوجود والد هجڻ جي

به حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن جي گهڻي تعظيم ڪندا هوا -

حضرت مجدد صاحب عليه رحمت جڏهن دهلي ۾ پهتي

مرشد صاحب حضرت خواجه باقي بالله صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه

جي خدمت ۾ هوا ته ننڍڙي ۾ حضرت عروة الوثقيٰ به ان

سفر ۾ ساڻن گڏ هو۔

هڪ ڏينهن قيلولي جي وقت حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جن پنهنجي حضرت والد صاحب مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي حجري شريف ۾ آرام ۾ هوا۔ جڏهن حضرت مجدد صاحب جن اکيون کوليون ۽ ڏٺائون ته حضرت عروة الوثقيٰ جن [illegible] آرام ۾ آهن ته پاڻ حجري باهران پٿر جي صحن تي گرمي ۾ [illegible] ويٺا هئا جيستائين خود پاڻ حضرت عروة الوثقيٰ جن سجاڳ ٿيا۔ ۽ خادم کي به منع فرمايائون ته حضرت کي ننڊمان نه اٿاري۔ حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جن جي جاڳڻ ۽ حجري کان باهر تشريف آوري بعد پاڻ وري پنهنجي حجري ۾ آرام فرمايائون۔

حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن [illegible] چوڏهن ورهين جي عمر ۾ پنهنجي والد صاحب کي چيائون ته مون مان هڪ نور ٿو نڪري جو ساري عالم ان نور مان منور ٿئي ٿو۔ حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه

جن کين "قطبيت" جي بشارت ڏني - مطلب ته حضرت رب تعالیٰ

جلشانه جي کو رتبو کين ولايت جو عطا ڪيو هو سو لکڻ کان

ٻاهر آهي. هن مختصر رساله ۾ گنجائش نه آهي -

سندن تاليفات "مکتوبات محصومي" آهي - سندن رتبي

درجي ان ڪتاب مان معلوم ڪري سگهجي ٿو. مگر مکتوبات

محصومي ڇپيل ڪانه آهي - اخوند حضرت حافظ محمد هاشم جان

صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن خيال ڪيو هو ته منڪوره

مکتوبات شريف ڇپايا وڃن. مگر هزار افسوس جو حضرت

اخوند صاحب جن به هن دنيا مان هليا ويا - اهو ڪم رهجي ويو.

ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان پروفيسر سنڌ

ڪاليج وارو اهو ڪم پورو ڪندو - مگر مون کي خبر نه آهي

ته مکتوبات شريف جي ڇپائي وارو ڪم برابر ٿيو يا نه -

سندن مناقب لکڻ کان ٻاهر آهن - هڪ مناقب جي کو

حضرت وحدت صاحب جي کو سندن پاڻ ٿيو هو، حضرت خانه

عليه الرحمت جو وڏو پٽ هو. ڪان منقول آهي سو اختصاراً
ڪان ٿو. حضرت وحدت صاحب عليه الرحمت جن حضرت عروة
الوثقيٰ جن جا خليفا هوا پاڻ حضرت وحدت صاحب جن
سان وعدو ڪيائون ته توکي چاليهه [٢٤] توجهه ڪندس. هڪ
توجهه تي توکي اها معرفت حاصل ٿيندي جا بيان جي حد کان
ٻاهر هوندي. تنهن تان چوٽيهه [٣٤] توجهه سندن حياتيءَ مبارڪ ۾
حضرت وحدت صاحب کي نصيب ٿيا باقي ڇهه [٦] توجهه رهجي ويا
۽ حضرت جن وفات ڪري ويا. حضرت وحدت صاحب رحمت
الله عليه جن سندن قبر مبارڪ تي وڃي عرض ڪيو ته اوهان
مون سان چاليهن [٤٠] توجهن جو وعدو فرمايو هو. مگر افسوس جو
انهن مان ڇهه توجهه رهجي ويا آهن. هاڻي به اوهان جي
آڏو اها ڪا مشڪل نه آهي. حق تعاليٰ جل شانه اوهان کي
هر طرح نوازيو آهي. مون کي اميد آهي ته باقي رهيل ڇهه [٦] توجهه
به مون تي ڪرڻ فرمائيندا. مگر وعدو حال حيات جو هو

هاڻي به باقي رهيل توجهون في حال الحيات وانگر ڪندا.
حضرت عروة الوثقیٰ رحمة الله تعاليٰ عليه جن حضرت وحدت
صاحبن کي حڪم ڏنو ته فراغت جي وقت ۾ جڏهن ڪو به ماڻهو
موجود نه هجي اچ ۽ توجهه وٺي وڃ. پوءِ حضرت وحدت صاحب
جن روزانو فراغت جي وقت ۾ حضرت صاحبن جي قبر مبارڪ
تي حاضر ٿيندا هوا ۽ حضرت جن پاڻ (عروة الوثقیٰ جن) پنهنجي
قبر شريف مان ٻاهر نڪري حال الحيات وانگر حضرت وحدت
جن تي توجهه ڪندا هوا. آخرين توجهه ڏيڻ حضرت وحدت
جن پاڻ سان گڏ ڪاغذ ۽ لکڻ جو سامان کڻي ويا ۽ عرض ڪيائون
ته پنهنجي دست خط سان لکي ڏيو ته جيئن اسان جو وعدو
چاليهن توجهن جو عبدالاحد (وحدتؒ) سان هو انهن
۳۴ ڇهه توجهه مٿس حال الحيات ۾ ڪيا ويا. باقي چوٽيهه توجهه وفات
هيئت حيات ۾ اچي ايفائي عهد موجب ڪيا ويا. ۽ ان خلافت
نامي تي پنهنجي صحيح مبارڪ ڪيائون. جنهن حضرت

وحضرت صاحب جن اهو خلافت نامه حضرت عروة الوثقيٰ جن جي

دستخط ۽ صحيح مبارڪ سان ڀٽيجي سوڙن کي ڏڪاري تہ

حضرت جي فرزندن سگورن ٻنهي والد صاحب جن جو دستخط

ڏسي قبول ڪيو تہ اهي اڪابر حضرت صاحب عروة الوثقيٰ

رضي الله تعاليٰ عنه جن جا آهن. حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره

جن جي فرزند حضرت "حجة الله" صاحب جن انهن خلافت نامه

جي پٺ تي هي الفاظ لکيا:-

بَلَىٰ اِنَّ اَوْلِيَاءَ اللّٰهِ لَا يَمُوْتُوْنَ بَلْ يَنْتَقِلُوْنَ مِنْ دَارٍ اِلَى دَارٍ ○

هي هڪ مناقب ۽ ڪرامت لئي اسان لاءِ ڪافي آهي، وڌيڪ

سندن حالات ۽ مناقب سندن ڪتاب "مڪتوبات معصومي"

۽ ڪتاب عمدة المقامات مان ڏسي سگهجن ٿا - آخر دعوانا

ان الحمد لله رب العالمين ○ = فرد

فرياد حافظ اين همه آخر بهرزه نيست ... هم قصه غريب و حديث عجيب ست

مون راقم الحروف کي سرهند شريف جي زيارت جو ٽي (پنج) دفعه شرف مليو آهي ـ

هڪ دفعه ننڍپڻ ۾ جڏهن مون جي عمر ١٠ ڏهه سال هئي ـ اها زيارت پنهنجي

حضرت قبله گاهه والد ماجد جناب رحمت الله تعالیٰ عنه جن سان ٿي.

حضرت قبله گاهه جن جيڪو وقت سرهند شريف ۾ رهيا نماز عصر

کان نماز مغرب تائين حضرت عروة الوثقیٰ صاحب قدس سره جن جي

مسجد شريف ۾ هلي ويهندا هئا ۽ مون کي جناب حضرت عروة الوثقیٰ

صاحب عليه الرحمت جا مناقب بيان ڪري ٻڌائيندا هوا. راقم کي

ڪي ڳالهيون ياد آهن ـ حضرت عروة الوثقیٰ قدس سره جن جو گنبد

عام وڏو آهي ـ ساڻن سندن فرزندن صاحبن جا مزار اقدس

آهن. حضرت صاحب جن جي قبر مبارڪ گنبد جي هيٺان تهه خانه

۾ آهي مٿان گنبد ۾ قبر مبارڪ جي برابري ۾ قبرون آهن

منهنجا حضرت قبله گاهه صاحب رحمت الله عليه جن برابر ٻه اڍائي ڏينهن

اندر تهه خانه ۾ رهيا ـ اهو واقعو اڳ جو آهي ـ تهه خانه ۾

اندر رهڻ وقت پنهنجي خدمتگار کي چيو هيائون ته مغرب

جي وقت هڪ ٺڪلي چانهه جي بغير کير جي ۽ هڪ ماني جُوَن جي
ته خانه جي دروازي تي رکندو هو . سائين خدمتگار هڪ شخص
حاجي اسماعيل نالي هو . حضرت قبله گاهه صاحب عليه الرحمت جن
حضرت عروة الوثقىٰ قدس سره جن جي خدمت ۾ هڪ قصيدو چيو
آهي - اُن جا ٻه بيت مون کي ياد آهن سي لکان ٿو - ڏهو هذا
شاه معصوم ولي يڪ نظر فرمائي ۞ ڪه من احرار شوم گرچه رقيق آمدم ۞ ڪه من از سنده با اميد به ... آمدم ۞
جو ٽين دفعه جو زيارت سرهند شريف لاءِ ويس ته مون سان هڪ
عجيب واقعو ٿيو . درگاهه سرهند شريف جي خليفه مون کي رهڻ لاءِ هڪ
خانقاه جي ڏني . حضرت مجدد صاحب قدس سره العزيز جن جي گنبد مبارڪ
سان متصل هڪ باغ ۾ هڪ ننڍي مسجد آهي - اُتي ماڻهن جو گذر نه آهي
اُتي تخليه جي ڪري مون سنڌي مسجد شريف ۾ اعتڪاف جي نيت ڪري رهيس
مون کان اڳ اُتي صوفي شجاع ”صاحب“ ويٺل هو . هڪ بنگالي (صوفي)
به رهندو هو جنهن روز گنبد مبارڪ جون ڪبوترن جهنڊيون هيون
بنگالي صاحب هڪ درويش شخص هو . ۽ اُتي هڪ

ٻيائي ٻه ٻنهي ٻٽ سميت رهندا هئا. ان مسجد شريف ۾ خليفو ڇاڇ
جو هڪ عزيز نماز پڙهائيندو هو. اهو حافظ هو ۽ ڪنهن اسڪول
۾ ملازم هو. جيڪڏهن حافظ صاحب جي غير حاضري ۾ ڪو ٻه
ٻيو ساڳيون نماز پڙهائيندو هو ته حافظ منهن ڪري اُن سان
وڙهندو هو ته تو ڇو؟ نماز پڙهائي. هڪ ڏينهن مغرب
جي اذان ٿي. حافظ موجود ڪونه هو. ڪافي وقت گذري
ويو مگر حافظ ڪونه آيو. اُن تي بنگالي صوفيءَ مون (راقم الحروف)
کي چيو ته تون هاڻ نماز پڙهاءِ. مون چيو ته حافظ ايندو
۽ مون سان اچي جهڳڙو ڪندو ته تو ڇو نماز پڙهائي.
صوفي بنگاليءَ چيو ته اوهان حضرت صاحب قدس سره جن جو اولاد
مان آهيو. اوهان سان ڇو جهڳڙو ڪندو. مون چيو
ته اگرچه مان سنڌين اولاد مان آهيان ۽ گنبذ شريف ڏي
هٿ ڪري چيم ته مون کي سنڌين اولاد جو ان ڪري مشهور ترا جي
جو مون ۾ ڪو به نيڪ عمل ڪونه آهي. غير جماعت جي

جمعت تي مون نماز پڙهائي. بسم الله ڪري ”الله اڪبر“
چيم ته مون تي اهڙي حالت طاري ٿي وئي جو مون نه ٿي ڄاتو
ته مان زمين تي آهيان يا آسمان تي. ۽ نماز جي لذت ۾
اهڙو مستغرق ٿيس جو لکڻ کان ٻاهر آهي ۽ اها لذت اڄ
تائين ياد اٿم. خير نماز لڙي ٿي. مون کي روزو هو. ماني
لنگر جي آيل هئي. مگر مان سنت ۽ نفلن ۾ اهڙو مستغرق
هوس جو مون کي نه ماني جي طلب هئي نه پاڻيءَ جي....
ڪافي وقت گذريو ته صوفي شجاع صاحب اچي مون کي چيو ته
گهڻو وقت ٿيو آهي ته ماني آئي آهي. ۽ ٺري وئي آهي.
اچي کائو...! خير مدهوشيءَ جي حالت ۾ ماني کاڌي سون
ٻاٽ ۾ چار پنج ڄڻا هوا سون سڀني کي اها سڪر ۽ مدهوشيءَ
جي حالت طاري هئي. نماز عشا کان بعد مون صوفي حاجي
شجاع کي چيو ته ڇا ٿيو؟ صوفي شجاع صاحب
چيو ته مت پوچهو سب ڪي حالت مدهوشي ڪي هي. اهو حضرت

حن رضي الله عنه جو تصرف هو. جو مون سندن گنبد مبارڪ ڏانهن
هٿ ڪڍي اشارو ڪيو ته اوهان سندن اولاد مان آهيو، جو الله نه
آهيان ... هي قصو عجيب غريب آهي - هٿ ختم ڪيو اٿم -
اگرچه هن وقت پاڪستان ۽ هندستان جدا جدا ٿيو آهي - تاهم
جيڪڏهن اسان سنت پيغمبري صلي الله تعاليٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم
جي تابع قدم هونداسون ته سندن فيض پري نه آهي بشرطيڪ
اسان اهل السنة والجماعة جي مڪمل پوري طرح هلون ٿا ته...

محال است سعدي که راهِ صفا · توان رفت جز در پئي مصطفيٰ

گرچه دوريم از لباطِ قرب همت دور نيست .

مون هڪ قاصر کي ڪا به طاقت نه آهي جو حضرت حن ته ذرو به
حن جي مناقبن جو ذڪر ڪيان - بس هن تي ئي اڪتفا
ٿو ڪريان - والسلام واخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين =

(نوٽ) نه حسنش غايتِ دارد نه سعدي را سخن پايان ۞

۞ بميرد تشنه مستسقي و دريا همچنان باقي

سندن خليفن جو شمار ئي نه آهي، وقت جو مغل بادشاه حضرت "اورنگزيب عالمگير" شاه جهان بادشاه جو پٽ حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن جو خاص مريد هو. ۽ کين حضرت صاحب جن کان خلافت به مليل هئي. موجوده وقت وارو گنبد مبارڪ به "روشن آرا بيگم" شاه جهان بادشاه جي نياڻي جو ٺهرايل آهي. اڳ گنبد مٿان مينا ڪاري هئي جا غدر جي وقت ضايع ٿي وئي. باقي فقط گنبد مبارڪ رهيل آهي."

"ذڪر وصال پرملال حضرت عروة الوثقيٰ
رضي الله تعاليٰ عنه

سندن وصال ٧٢ باهتر ورهين جي عمر ۾ سنه ١٠٧٩ھ ۾ ٿيو. گهڻن جو خيال هو ته سندن قبر مبارڪ به حضرت مجدد صاحب قدس سره جن جي گنبد مبارڪ ۾ ٿيئي. مگر اڪثر معتقدن جو ته سندن گنبد جدا سندن باغ ۾ ڪيئي. جو حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت ۽ سندن گنبد مبارڪ جي وچ ۾ جي ڪن ٻين جون قبرون ٿين ته با بعضن جو ٿيندو. تنهنڪري سندن گنبد مبارڪ جدا فاصلي تي ٿيو.

(والسلام)

حضرت عروة الوثقیٰ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن لاءِ وفات جون تاریخون

وقت جي شاعرن تمام گھڻيون لکيون آهن. مگر هت اختصار ڪري

فقط ٻن شاعرن جون لکجن ٿيون.

هڪ وقت جي بادشاهه مغل حضرت اورنگزيب عالمگير هنئين ريت چئي آهي

قیوم جہاں خلیفۃ اللہ　　دانندۂ رازہای مکتوم

در دائرۂ وجود تا بود　　بودش بہ جہاں مثال معدوم

تاریخ وصال او خرد گفت　　رفتہ ز جہاں امام معصوم
١٠٧٩

ٻي وقت جي هڪ مشهور شاعر نامعلي هيئن چئي آهي.

چراغ خاندان نقشبندان　　فروغ دین احمد خواجہ معصوم

بسوی گلشن جنت قدم زد　　ازین ویران رباط کہنہ بوم

طلب کردم ز دل سال وصالش　　ندا آمد ز عالم رفتہ معصوم
١٠٧٩

هاڻي سندن فرزندن مبارڪن جو ذڪر ٿو ڪجي.

حضرت عروة الوثقیٰ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن کي بنات کان

سواءِ جملہ ٧ فرزند ارجمند هوا.

١ نمبر پهريون: حضرت صبغة الله صاحب رحمة الله تعالیٰ عليه

٢ نمبر ٻيو: حضرت محمد حجة الله صاحب المعروف حضرت نقشبند ثاني رحمت الله عليه

٣ نمبر ٽيون: حضرت محمد عبيد الله صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه

٤ نمبر چوٿون: حضرت محمد اشرف صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه

٥ نمبر پنجون: حضرت محمد سيف الدين صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه

٦ نمبر ڇهون: حضرت محمد صديق صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه

اول ذڪر سڀني وڏي فرزند حضرت شاه صبغة الله صاحب جن جو ڪجي ٿو-
اسان سڀني اولادمان آهيون. حضرت قطب دوران قيوم الزمان
حضرت خواجه صبغة الله صاحب رحمت الله عليه جن جي ولادت با
سعادت تاريخ ١٠ ڏهين ماه ربيع الثاني سنه ١٠٣٣ھ ۾ دار الارشاد
سرهند شريف ۾ ٿي، سڀني جد امجد حضرت مجدد الف ثاني
رضي الله تعالیٰ عنه جن جي حياتي مبارڪ ۾ ٿي. ان وقت جناب
حضرت مجدد صاحب جن وقت جي بادشاه جهانگير مغل سان

اجمير شريف پهتوا - ۽ سندن والد بزرگوار حضرت عروة الوثقىٰ رحمة الله عليه
جن به ٻنهي والد بزرگوار حضرت محمد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي
زيارت ۽ ملاقات لاءِ اجمير شريف ويل هوا - سندن والده صاحبه
حضرتن جي آمد تائين سندن نالو مبارڪ موقوف رکيو - جڏهن
حضرت محمد صاحب ۽ حضرت عروة الوثقىٰ صاحب قدس اسرارهم جن
سرهند شريف ڏانهن موٽيا تہ دائي کين حضرت جن جي ولادت
باسعادت جي خبر ڏني - ٻنهي حضرات تمام گهڻو خوش ٿيا - جو تہ
حضرت محمد صاحب عليه الرحمت جي فرزندن ۾ پهريون ئي هي ئي
پوٽو تولد ٿيو هو، جڏهن سرهند شريف پهتا تہ ۽ سڀ ائي اول
سندن ڏسڻ لاءِ حرم سرا ۾ آيا - ۽ جڏهن نونهال کي
حضرت جن جي حضور ۾ پيش ڪيائون تہ حضرت محمد صاحب
رضي الله تعاليٰ عنه جن کين " السلام عليكم صلا صبغة الله "
سان خطاب فرمايو - ۽ حضرت محمد صاحب قدس سره جن
حضرت عروة الوثقىٰ قدس سره جن کي مخاطب ٿي فرمايو تہ تنهنجي

فرزندن ۾ اصالت جون خاصيتون ڏٺيون. ته هن سندن نالو
مبارڪ محمد صبغة الله رکيم - انشاء الله تعالیٰ هي ڇوڪرو
وڏي عمر ۾ اصالت جي وڏي درجي کي پهچندو - حضرت قيوم جهان
حضرت شاه صفي الله صاحب رحمة الله عليه جن حضرت
خواجه محمد صبغة الله جي شان ۾ هيءُ رباعيون چيون آهن.

چون شه ڪنعان در تعليم شهود   گوئي از اخوان به طفلي در ربود
هم چو والد آن شه ڪون و مڪان   فخر عالم بود شرف انس و جان

ننڍپڻ ۾ ڇهن مهينن جي عمر ۾ سخت بيمار ٿيا. بيماريءَ جي
ڪري سندن حالت نازڪ ٿي وئي - هن وقت جي حڪيمن سندن
علاج کان مايوس ٿي علاج کان جواب ڏنو. هڪ ڏينهن ته
نبض حيات به سندن بند ٿي. سندن والدين صاحبن سندن
لاءِ ڪفن به تيار ڪيو. انهيءَ وچ ۾ حضرت محمد معصوم قدس سره
جن کي خبر پئي، جلد ملاقات آيا، سندن منهن مبارڪ
تان نقاب کڻي منهن کي ڏٺو ۽ فرمايائون ته بابا... چاهيءَ

خوش طبيعتي اٿئي ، پنهنجي والدين کي متفڪر ڪيو اٿئي !
اڄ تہ تنهنجا والدين خوش ٿين... فوراً حضرت صبغة الله
رحمة الله عليه جن اکيون کوليون ۽ ٻارن وانگر ٻُٽڻ شروع
ڪيائون. حضرت محمد صاحب عليه الرحمة جن حضرت عروة الوثقيٰ
جن کي مخاطب ٿي فرمايو تہ اوهان ۽ حڪيم هن کان مايوس
ٿيا آهيو. مگر آءُ هن کي وڏي عمر ۾ ڏسان ٿو ۽ ماڻهو
سندس حلقه ۾ ويٺا آهن. حضرت صبغة الله صاحب قدس سره جن
پاڻ علم ظاهري ۽ باطني ۾ هر طرح جي ڪمالات سان پنهنجي
حضرت والد صاحب کان مستفيض ٿي ارشادي ٿيا آهن.
۽ نيز پڻ ۾ پنهنجي جد امجد حضرت محمد صاحب قدس سره جن
جي فيض واري گنج سان مالامال ٿيا آهن. حضرت محمد صاحب
جن جي وقت ۾ سندن عمر مبارڪ هڪ سال هوئي ۽ سندن
لاءِ حضرت محمد صاحب عليه الرحمة جن بشارتون ڏنيون
آهن. پاڻ حضرت صبغة الله صاحب جن فرمائيندا هئا

ته سندن والد صاحب حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جن
کين مخاطب ٿي فرمائيندا هو، بشارت ڏنل اهو ته تون جناب
حضرت محمّد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي حياتي ۾ پيدا ٿيو
آهين تنهنکري تنهجو درجو پنهنجن سڀني پٽن ۾ وڌيڪ،
صاحب ڪتاب برڪات ۽ معدن الجواهر ۾ لکن ٿا ته هڪ ڪامل
شخص مون سان هي قصو بيان ڪيو ته هڪ دفعه حضرت
عروة الوثقيٰ جن فرمايو ته جيڪڏهن ڪو ملائڪ مقرب صورت
بشريه سان هن دنيا ۾ اچي ته غالبًا حضرت صبغة الله صاحب
جي شڪل مبارڪ سان مشابه هوندو. حضرت محمّد حنيف صاحب
ڪابلي رحمة الله تعاليٰ عليه جيڪو سندن والد مبارڪ جو وڏو ڪامل
خليفو هو، انهن کان منقول آهي ته، حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره
جن دهلي ۾ وقت جي بادشاه اورنگزيب جي حڪومت جي
(دارالحڪومت) ۾ تشريف فرما هئا. ساڻن هڪ وڏي جماعت
خليفن ۽ مريدن جي گڏ هئي. حضرت صبغة الله صاحب جن

حضرت محمد حنيف صاحب جن کي جڏهن منهنجي طرفان حضرت باباسائين
عروة الوثقيٰ جن جي خدمت ۾ هي پيغام پهچايو ته هيڏي وڏي
جماعت اوهان جي خدمت شريف ۾ آهي - جنهن ۾ هڪ اوهان
جي فيض مان بهرياب ٿو ٿئي - هي مسڪين سلوڪ واٽ تي مچ
۾ رهيل آهي - گهڻو وقت ٿيو ته آءٌ محروم رهيل آهيان -
جيڪڏهن نظر شفقت سان مون ڏانهن متوجهه ٿيو ته آءٌ
واصل حقيقت جو ٿيان - حضرت محمد حنيف صاحب فرمايئون ته
ته اگرچه مون ۾ اهڙي پيغام پهچائڻ جي لياقت ڪانه هئي مگر
سندن تاڪيدي حڪم موجب مٿيون پيغام اصلاحي ۾ جناب
حضرت عروة الوثقيٰ جن جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيم -
پاڻ سڳورا ڪجهه وقت سڪوت ۾ رهيا - پوءِ اکين ۾ پاڻي آڻي
فرمايائون ته منهنجي طرفان کين سلام پهچاءِ سلام بعد
کين چئو ته آءٌ هن وڏي عمر ۾ ضعف بدني هوندي به
طالبن سان صحبت ۾ آهيان بحڪم حديث شريف قدسي

إِذَا رَأَيْتَ لِيْ طَالِبًا فَكُنْ لَهٗ خَادِمًا ۔

مون جيڪر خزانهء فيض ربانيءَ جل علي شانه جو هو سو مون سمورو توکي عطا ڪيو آهي. جيڪڏهن اجان به اوهان کي وڌيڪ فيض جي طلب آهي. ته جناب حضرت محمد صاحب رضي الله عنه جي گنبذ مبارڪ تي وڃي حاضري حاصل ڪريو. ته مون کي به اُنهيءَ فيض بي پايان ۾ شامل ڪريو. هن وقت ته اوهان جهڙيءَ برابريءَ ۾ مسند شيخيت جي تشريف فرمائي مون تان يا رجالين جو لاهيو. اوهان جو هي وقت مدد جو آهي نه عذر جو.... حضرت صاحب جن جو منظوم پيغام سندن خدمت مبارڪ ۾ پيش ڪيم. خوش وقت رهيا ۽ رب تعالىٰ جل شانه جو شڪر بجا آندائون.

مطلب ته سندن ڪمالات جو بيان منهنجي لکڻ کان ٻاهر آهي. جنهن کي شوق هجي ته ڪتاب تحقيق المقامات ۾ ڏسي گهري ته. سندن عمر مبارڪ ڪافي وڏي ٿي. هيٺيون ڪين ڪافي سال جهاد في سبيل الله جو شوق دامن گير رهندو هو ـــ

سرهند شريف جي فوجدار "وزير خان" جو سڪڻ جي "نانڪ"
ڪفار سان ٿيان ٿيا هو. باوجود وڏي عمر ۽ ضعف بدني جي
اوهين مسلمانن جي فوج ۾ شريڪ نه ٿي سگهيا. ڪفارن سان
مسلمانن جي جنگ زور شور سان جاري هئي، هڪ رات سڪڻ
جي اوهين گرٿ ۾ جتي جنگ جاري هئي متوجه ٿيل رهيا ۽ صورت
پيشاب لاءِ باهر ويا ته اوچتو سندن پير مبارڪ ترڪي پيو
۽ پاڻ ڪري پيا. سندن خادم کين اندر کڻي آيا. هڪ زخم
بندوق جي گولي لڳڻ جو سندن ڏڏ مبارڪ تي هو. باوجود عزت
ڪفارن جي رب تعالى جل شانه سندن شموليت سان مسلمانن
کي فتح ياب فرمايو. مٿي ذڪر ڪيل زخم جيڪو حضرتن
تي ظاهر ٿيو سو باوجود علاجن جي به آخر نه ڇٽو. ۽ انهيءَ
زخم جي تڪليف سبب سندن وصال ٿيو. ۽ سندن شوق
۽ آرزو جي ربّ تعالى کين شهادت جو درجو عطا فرمايو.
سندن وصال مبارڪ عيد جي ڏينهن تاريخ ٩ ربيع الثاني سنه ١١٢٢ هه ۾

سندن عمر مبارڪ هڪ سال گهٽ نوي ٩٠ سال ٿي (والسلام)
هاڻي حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جي باقي فرزندن
جا احوال اختصار سان لکجن ٿا.

ذڪر فرزندان حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه

جناب حضرت حجة الله صاحب عليه الرحمة

سندن نالو مبارڪ حضرت محمد نقشبند صاحب رحمة الله تعاليٰ عنه آهي
سندن ولادت مبارڪ ماه ذوالقعد سنه ١٠٣٤ھ ۾ قرب ارتحال
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جي ٿي. حضرت مجدد
صاحب قدس سره جن حضرت عروة الوثقيٰ جن کي بشارت ڏني ته
هي جيڪو توکي فرزند ٿيو آهي سو هڪ صاحب معارف الاسرار
ٿيندو. "حجة الله" سندن لقب هو. برابر جيئن جناب حضرت
مجدد صاحب رحمة الله عليه جن فرمايو ابن کي هو وڏي
هوندي شرع حقيقت کي ڇڪيتا. "نقشبند ثاني" سان
مشهور هئا. سندن خط مان سندن احوال معلوم ٿئي ٿو.

مٿي ڪو سمجهي والد صاحب حضرت عروة الوثقيٰ جن ڏانهن لکيو اٿن وهڙهنڌا =

قبلهٔ عالم ! اڄ ڏينهن ۾ شمول عنايات مراهب ۽ عطيات

الٰهي جلشانه ايتري قدر عنايت ٿيو آهي جو جنهن جو ذڪر ڪيان ٿو ،

سڀ اقرار دقيق اسرار رباني ظاهر ٿيا جن بيان لکڻ کان ٻاهر آهي

ان سان گڏ العامات به ظاهر ٿيا سڪله جيڏي لمنازعم ڪان لعل

دل ڏانهن متوجه ٿيس ته انهن اسرار ۾ اتر غلبه ڪيو جو حد

کان زياده - انهيءَ وچ ۾ الهام الٰهي جلشانه ٿيو ته رب

تعاليٰ جلشانه جو نزول ٿيو آهي - نزول بلاڪيف ۽ عظمت واقع ٿيو جو

لَا عَيْنٌ رَأَتْ وَلَا أُذُنٌ سَمِعَتْ يَضِيقُ صَدْرِيْ وَلَا

يَنْطِقُ لِسَانِيْ ۝ وَاللّٰهُ سُبْحَانَهٗ وَتَعَالٰى مُنَزَّهٌ عَنِ الزَّمَانِ

وَالْمَكَانِ وَالنَّقَائِصِ كُلِّهَا سُبْحَانَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا

يَصِفُوْنَ وَسَلَامٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ ۝

سندن هن خط مان اعليٰ درجه ولايت جو پرو ٽري سگهجي ٿو - ٻين اغرض

اعتقاد آهي - سندن وفات ٢٩ محرم الحرام ١١١٥ هه ۾ ٿي سندن عمر ساري ٦١ ايمن

مرهيو هي. سندن قبر مبارڪ جدا متصل باغ فتح ۾ گنبد مبارڪ
اندر آهي. ڪين ٻي فرزند نه ٿيا. ٻيءَ فرزند جو نالو مبارڪ
شيخ ابوالعلي رحمت الله عليه آهي. سندن فرزند محمد زبير
صاحب آهي. حضرت محمد زبير صاحب وڏا ڪامل اولياءَ
الله هيا سندن ارشاد ڪامل ڪان زياده هو. گھڻا سندن
مجاز خليفا هوا. سندن گنبد مبارڪ جدا باغ فتح ۾ آهي.

٢
سندن ٻيو فرزند مبارڪ حضرت شيخ محمد صاحب رحمت الله عليه
آهي. سندن والد صاحب جي وفات کان پوءِ ٽن ڇهن سالن
بعد وفات ڪيائون ۽ پنهنجي والد صاحب جي گنبد ۾ سندن قبر آهي

٣
سندن ٽيون فرزند مبارڪ حضرت شيخ محمد ڪاظم آهي.
رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين اختصاراً سندن احوال لکيو ويو (والله)

ذڪر فرزند نمبر ٽيون حضرت عروة الوثقيٰ

رضي الله تعاليٰ عنه ٣

انهيءَ فرزند نمبر ٽئين جو نالو مبارڪ حضرت محمد عبيد الله صاحب
رحمت الله تعاليٰ عليه آهي. حضرت عبيد الله صاحب

علم ظاهري خواه باطنيءَ جا اعليٰ درجات ٻنهي والد صاحب حضرت
عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه کان حاصل ڪيا. سندن ولادت
مبارڪ ماه رجب المرجب سنه ۱۰۳۸ ھ ۾ سرهند شريف ۾ ٿي
حضرت خازنؒ عليه الرحمت سندن چاچي صاحب وفالو تر
سندن ولادت وقت سندن جاءِ مولود وٽ هڪ فرشته (ملڪ)
هي آيت شريف ٿي پڙهي. "وَالسَّلَامُ عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَيَوْمَ
يَمُوْتُ وَيَوْمَ يُبْعَثُ حَيًّا" = حضرت عبيد الله صاحب
رحمت الله عليه جن علم ظاهري خواه علم باطنيءَ جا وڏا بزرگ
صاحب هوا. سندن مڪتوبات شريف جو هڪ ڪتاب ڊاڪٽر
غلام مصطفيٰ خان پروفيسر صاحب سنڌ يونيورسٽي ڪاليج جي ڇپارايو.
انهن حضرت صاحب موصوف جن جي علميت ۽ قابليت ڏسي
سگهجي ٿي. مغل بادشاه حضرت اورنگزيب عالمگير ڏانهن
گهڻائي خط لکيا اٿن جو بادشاه سلامت جو ساڻن خط و
ڪتابت جو رستو هو ۽ بادشاه سلامت سندن غايت عقيدتمند هو.

منهن سنديءَ جو هڪ واقعو بيان ڪجي ٿو فَاعْتَبِرُوْا يَا اُولِي الْاَبْصَارِ
هڪ ڏينهن مولانا عبدالحڪيم صاحب جن منهن والد صاحب جن جي
مجلس ۾ آيا - درميان گفتگو مولانا صاحب چيو ته ”دل“ هڪ
گوشت جو ٽڪرو آهي سو ڪهڙيءَ طرح ”اللهُ“ جلشانهٗ جي ذڪر
سان ذاڪر ٿئي ٿي - حضرت عبيدالله صاحب جن به انهيءَ
مجلس ۾ موجود هوا - ان وقت منهن عمر جيڪا ست - اٺ
سال هئي - پاڻ برجسته فرمايائون ته - مولانا صاحب!
زبان به ته هڪ گوشت جو ٽڪرو آهي لوءِ رب تعاليٰ جي قدرت
سان ڪهڙيءَ طرح ذاڪر آهي - لوءِ دل ڇالاءِ ذاڪر نه ٿي
ٿي سگهي - هڪ ننڍڙي ٻار کان هي جواب ٻڌي عقلي ٿا ڪان
سڀ متحير ٿيا ۽ گهڻي آفرين ڪيو - باوجود ڪم سالگيءَ جي -
حضرت قيوم الزمان حضرت صبغة الله صاحب رحمت الله تعاليٰ
عليه جن جن جي پاڙي ... شان ۾ فرمائيندا هئا ته احوي مرحوم
حافظ قرآن مجيد، عالم، فاضل، حاجي، عارف، سخي،

ولي، متقي، ڪامل، اڪمل ۽ مقبول حضرت عروة الوثقیٰ
صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جا هوا. سندن حفظ ڪلام مجيد لاءِ
منقول آهي ته پاڻ پنهنجي والد صاحب بزرگوار ۽ عزيزن سان گڏ
سفر حجاز مبارڪ لاءِ درياه ۾ ٻيڙيءَ تي سوار ٿيا. ۽ رمضان
شريف جو مهينو اهي درياءَ جي سفر ۾ آيو. پاڻ حضرتن
روزانو هڪ سيپارو قرآن مجيد جو ياد ڪري رات جو جماعت
سان تراويح ۾ پڙهندا هوا. سندن ڪشف مبارڪ ايڏو وسيع
هو جو دنيا ۾ جيڪو به واقعو ٿيندو هو، سو ڪين مڪشوف ٿيندو هو.
اهڙي ڪشف کان مغلوب ٿي پنهنجي والد صاحب حضرت عروة الوثقیٰ
صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن کي عرض ڪيائون ته مون کي هن
حالت مان ٻاهر ڪيو ۽ حضرت جن جي توجه مبارڪ سان اهڙي
حالت مان ٻاهر نڪري سلوڪ باطنيءَ ڏانهن وڌيڪ گام زن
ٿيا. سندن وصال مبارڪ سفر تان واپس موٽندي سرائي
"سنجهالڪي" جو پاليٽ جي ويجهڙي آهي اٿ ٿيو —

ڏنيل حجرو هو. خادم کان سوال ڪيائون ته نماز جو وقت ٿيو آهي
خادم آخوند سجاول عرض ڪيو ته ها. جڏهن هٿ مبارڪ
تڪبير لاءِ کنيائون ته فرمايائون اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ صلي الله عليه وآله وسلم
ٻئي هٿ مبارڪ مٿي ئي رکيا ۽ نماز جي نيت ڪيائون ۽ سجدي
۾ ويا ته سندن وصال الي الله تعاليٰ ٿيو. انا لله وانا اليه راجعون
سندن عمر شريف ٦٢ يا ٦٥ سال هئي. سندن وصال ماهه ربيع الاول
سنه ١٠٦٣ھ ۾ ٿيو سندن جنازو مبارڪ سرهند شريف آندو ويو.
حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن جي گنبد مبارڪ جي متصل
پنهنجي والد مبارڪ جي قريب مدفون ٿيا.

کين ٣ ٽي فرزند ارجمند هوا. ١ حضرت شيخ محمد هادي صاحب
٢ حضرت شيخ محمد پارسا صاحب ٣ حضرت شيخ محمد سالم صاحب
رحمة الله تعاليٰ عليهم اجمعين ۽ والسلام

ذڪر فرزند نمبر ٽئين حضرت عروة الوثقيٰ جو.
رضي الله تعاليٰ عنه

حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جي ٽئين نمبر فرزند جو

نالو مبارڪ حضرت شيخ محمد اشرف صاحب عليه الرحمت آهي - " "

سندن ولادت باسعادت سنه ١٠٤٣ھ ۾ سرهند شريف ۾ ٿي -

علم ظاهري خواه باطني پنهنجي والد بزرگوار صاحب جن کان

حاصل ڪري ممتاز ۽ سرفراز ٿيا - ۽ علم معقول خواه منقول

پنهنجي چاچي ڀڳوڙي حضرت خازن عليه الرحمت کان حاصل ڪيائون -

۽ تفسير بيضاوي شريف پنهنجي والد شريف کان حاصل ڪيائون -

حضرت قيوم الزمان خواجه صبغة الله صاحب رحمت الله عليه

جن کان منقول آهي ته - منهنجي پاڻ صاحب جي پيدا ٿيڻ

سان دخول مقامات قرب الاهي جلشانه حضرت عروة الوثقيٰ جن

کي ويڙلڪ حاصل ٿيو - سندن والد صاحب جي ساڻن تمام گهڻي

محبت هئي - ظاهري حسن ڪين تمام گهڻن هو - پاڻ شڪل

مبارڪ ۾ پنهنجي والد صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه سان

مشابهه هوا - سندن عمر مبارڪ ٧٥ پنجهتر سال جي

رحلت جي وقت سندن زبان مبارڪ تي هي آيت شريفا

هلندرتھیئ "وَھُوَ حَسْبِيْ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ" ۓ اھا آیت
شرایف پڑھندي ئي امتقال وزياٺون - سندن رحلت تاريخ ۲۸
اٺاويھين مھيني صفر المظفر سنه ۱۱۱۸ھ ۾ ٿي. ان ڏينه جناب
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن جو عرس مبارڪ ھو.
سندن قبر مبارڪ حضرت عروة الوثقیٰ رضي الله تعالیٰ عنه جن جي
گنبد مبارڪ ۾ متصل آھي. ڪين چار فرزند ارجمند ھوا.

۱. حضرت شيخ محمد جعفر صاحب ۲. حضرت شيخ محمد حيات صاحب
۳. حضرت شيخ محمد روح الله صاحب ۴. حضرت ميان شاھ الحاج صاحب
رحمت الله تعالیٰ عليھم اجمعين ٥

ذڪر فرزندن شيخن حضرت عروة الوثقیٰ صاحب
رضي الله تعالیٰ عنه

پهرين فرزند حضرت عروة الوثقیٰ رضي الله عنه جن جو اسم
بنام حضرت شيخ محمد سيف الدين صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه ھو.
ھي فرزند ارجمند حضرت شيخ صاحب درجات والا ۽ ڪمالات عليا
جا وارث ھيا ۽ ھڪ نشاني رب تعالیٰ جي نشانين مان ھوا -

شريعت احمديه صلي الله تعالى عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جا
قائم ھوا. بعضن ڪي نسبت ۾ ٻڌو ڏٺو آيو آھي. پنھنجي والد
بزرگوار جن جيڪا حضرت وقت جي مغل بادشاه اورنگزيب
صاحب عالمگير جن جي تربيت لاءِ دھلي ۾ رھندا ھوا.
بادشاه سلامت جي حڪم موجب ساري درٻار جا افسر ۽ صاحبان
انهن جي زير حڪم ھوندا ھوا. ولادت باسعادت سنه ١٠٣٩ھ ۾
ٺٽي شريف ۾ ٿي. انهن لاءِ اڳ ۾ ئي بشارت ڏني ھئي
جيڪا حضرت خاذن عليه الرحمت جن فرمائي ھئي ته
انهن جي ولادت جي وقت ھڪ ماڻهوءَ آيت شريف پڙهي ھئي
وَسَلَامٌ عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَيَوْمَ يَمُوتُ وَيَوْمَ يُبْعَثُ حَيًّا ٥
جڏهن انهن عمر سن تدريس کي پهتي ته ڪلام پاڪ جي
پوري ڪرڻ بعد علوم عقليه ۽ نقليه پنهنجي والد صاحب کان حاصل
ڪيائون ۽ پوري وقت ساري دنيوي ۽ ديني علم ۾ ممتاز ٿيا.

ڪسب ڪمالات باطني پنهنجي والد صاحب حضرت عروة الوثقيٰ خواجه
رحمة الله عليه کان حاصل ڪيائون ۽ ڪمالات جي اعليٰ درجات
تي پهتا. سندن فيض ۽ برڪت سان وڏي جماعت مستفيض
۽ منور ٿي. پاڻ جڏهن پنهنجي والد شريف جي حڪم سبب
مغل بادشاه جي تربيت لاءِ مامور ٿيا ۽ جڏهن دارالسلطنت
دهلي جي شاهي دروازه تي پهتا ته قلعه جي دروازه تي
هڪ مست هاٿي جي شڪل ٻن پهلوانن جي شڪلين
سميت ٺهيل ڏٺائون. پاڻ اندر قلعه ۾ وڃڻ کان انڪار
ڪيائون ۽ جڏهن اهي تصويرون ڊاهيون ويئون تڏهن
پاڻ اندر شاهي قلعه ۾ داخل ٿيا. ۽ ساري هندستان ۾
خاص شاهي خاندان ۾ جيڪي به بدعتون رهيل هيون
سي سندن حڪم سبب موقوف ڪيون ويئون. ۽ انهيءَ
نيڪ وقت هندستان ۾ آيو جو اڳ ڪڏهن نه آيو هو. ۽
اهل بدعت وارا ڏاڍا ذليل ۽ خوار رهيا. " "

هڪ وقت بادشاهه سلامت شاهي باغ ۾ سندن دعوت ڪئي
۽ جڏهن بادشاهه سميت ان باغ ۾ داخل ٿيا ته ڏٺائون ته
جنهن شفاف حوض جي ڪناري تي فرش وڇايو ويو هو اتي
سون جون ٺهيل مڇيون جن جون اکيون جواهرن سان ٺهيل
هيون ڏٺائون ـ ۽ حڪم فرمايائون ته اهي مڇيون ۽
طلائي تصويرون منهدم ڪيو وڃن ـ ۽ حوض کي آزاد ڪيو
وڃي ـ بادشاهه سلامت جي فوري حڪم سان اهي سڀ سون
۽ چانديءَ وغيره جون تصويرون ختم ڪيون ويئون ـ ۽
پوءِ پاڪ حضرت جن اُن جاءِ تي رونق افروز ٿيا ـ
بادشاهه سلامت اورنگزيب عالمگير جيڪو جناب حضرت
عروة الوثقىٰ قدس سره (يعني حضرت جن جو والد) جن جو خاص
مريد هو ـ تنهن حضرت حق سبحانه وتعاليٰ جن جو شڪر
بجا آندو ته الحمدلله تعاليٰ اسانجي دؤر حڪومت ۾ اهڙيون
بزرگ هستيون به آهن جن جي برڪت سان سڀ بدعتون

مددم ٿيون -

سندن خدمت شريف ۾ خلق خدا جو ايترو هجوم رهندو
هو جو هڪ ڏينهن مغل شهزادو محمد اعظم صاحب حضور
۾ فيض حاصل ڪرڻ جي خاطر حاضر ٿيڻ لاءِ آيو ته ماڻهن
جي سخت انبوهه ۽ هجوم سبب سندس پٽڪو مٿي تان ڪري
پيو ۽ وڏي مشڪل سان حضرت جن جي خدمت ۾ پهتو.
جڏهن موٽي وڃي والد صاحب بادشاهه وقت وٽ آيو ۽ اهو
واقعو بيان ڪيائين ته بادشاهه سلامت رب تعاليٰ اجل شانه
جا شڪرانا بجا آندا ۽ چيائين ته الحمد لله تعاليٰ اهڙي قسم
جا اهل الله به آهن جن جي دروازي تي پهچڻ ۽ زيارت حاصل
ڪرڻ لاءِ ايتري مشقت سهڻي ٿي ۽ پوءِ زيارت نصيب ٿئي ٿي،
هڪ ڏينهن شاهزادي محمد اعظم حضرت جن جي دعوت
ڪئي جنهن ۾ حضرت جن جو وڏو پاءُ به مدعو هو. جڏهن
شاهزادي هٿ ڌوئڻ لاءِ بدنو ۽ چلمچي آندي ته پاڻ

پاڻ فوراً شاهزادي کان ٻڌڻ ۾ هلي ويا ۽ ڀڄي وڃي پاڻ
جا پاڻ هٿ ڏنائين. لوڪ ٻڌڻ ۾ هليو شاهزادي جي حواله
ڪيائون. لوڪ شاهزادي سندن ۾ باقي مخدوم زادن جا
هٿ ڏنا. هن مان ظاهر آهي ته پاڻ ٻنهي وڏي پايه
جي ڪيتري قدر عزت ڪندا هوا.

سندن عمر مبارڪ ٤٣ ٽيتاليهه سال هئي. سندن وصال
سنه ١٠٩٦ هه ۾ ٿيو. سندن گنبد مبارڪ اولاد سميت جدا آهي.
تاريخ وصال جي هيءَ آهي " بي ستون دين افتاد"
١٠٩٦ هه

سندن اولاد حضرات رامپوري آهن. حضور صاحب حضرت
بلال صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه سندن فرزند جمله اٺ
هوا. تن وڏن صاحبن سندن کان فيض حاصل ڪيو ۽
درجهء ڪماليت کي پهتا. باقي پنج نندا هوا. تن وڏن
جا نالا ١ حضرت شيخ محمد اعظم صاحب ٢ حضرت شيخ محمد حسين صاحب ٣ حضرت شيخ
محمد شيبا صاحب رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين هوا. (تمت)

ذڪر فرزند دلبند چوٿون حضرت عروة الوثقىٰ
رضي الله تعاليٰ عنه

سندن نالو مبارڪ حضرت محمد صديق صاحب رحمت الله آهي - ۽ سندن
۾ سندن اولاد مان آهي. اصولاً وڏن ۾ جيڪو آخري
اولاد ٿئي ٿو سو عموماً والدين جو پيارو هوندو آهي - حضرت
محمد صديق صاحب به سڀني سندن ۾ سندن فرزندن جنهنڪري
بنهي والدين صاحبن جو پيارو ۾ پيارو فرزند هو -
سندن ولادت باسعادت سنه ١٠٥٩هه هجري ۾ سرهند شريف ۾
ٿي. تعليم ديني نقلي ۽ عقلي ننڍي وقت ۾ پوري طرح
حاصل ڪري بنهي والد صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿي
حصول علم باطني ۾ مشغول ٿيا سندن والد صاحب
جيڪي بشارتون سندن وڏن يارن کي ڏنيون آهن ته
اِهو به عطا ڪيون اِرڙهن سالن جي عمر ۾ مبشر
ولايت احمدي صلي الله تعاليٰ عليه وآله وبارڪ وسلم جا تما

نصيب ٿي ته حضور سرور ڪونين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم
جن دولت دين جي بشارت کين عطا ڪئي. جنهن سندن
والد بزرگوار کين ڪامل مڪمل ڏٺو تنهن کين اجازت
ڪامله عطا ڪئي. جنهن طرح سندن وڏن پاڻ کي
عطا ڪئي هوائون. سندن ظاهري صورت مبارڪ
جهڙي والد صاحب جي مشابهت تمام هئي. سندن
عمر مبارڪ اڃا ٻاري ۾ گذري ۽ پاڻ ٿوري پڙهڻ ۾
رهيا آهن. ٻاري ۾ ٿوري رب تعاليٰ جلشانه پرجو
شعر ڪلي بجا آسٽا هوا. آخري عمر ۾ پاڻ (دهلي)
دارالسلطنت ۾ تشريف فرما ٿيا هوا. ۽ وقت جا بادشاه
"محمد فرخ سير" سندن مريد هوا. ۽ اُت دهلي ۾ ئي
وفات ڪيائون سندن وصال تاريخ ستين جمادي الاول
١٣١١ه ۾ ٿيو. سندن گنبد مبارڪ سندن والد شريف جي
گنبد کان ٻاهر اتر طرف متصل آهي. سندن اولاد ۾

۳ فرزند هوا - اول شيخ محمد مهدي صاحب - ٻيو

فرزند ارجمند حضرت شيخ محمد عبد الباقي صاحب

رحمت الله تعالى عليهما - معلوم ٿئي ته حضرت شاه

عروة الوثقى صاحب عليه الرحمت جن کي جيڪي نياڻيون

هيون جي سڀ حلاجي صالحات ۽ درجي ولايت وارين

هيون - اختصاراً لکيو نه ويو - رحمهن الله تعالى اجمعين

هت ذکر حضرت عروة الوثقى جن جي جملي فرزندن

جو پورو ٿيو -

ذکر بيان اولاد حضرت شاه صبغة الله صاحب عليه الرحمة جي اولاد مبارڪ جو

هاڻي حضرت شاه صبغة الله صاحب رحمت الله عليه جي

فرزندن مبارڪن جو ذکر شروع ڪجي ٿو -

حضرت شاه صبغة الله صاحب عليه الرحمت کي چار فرزند

مبارڪ هوا منجن ۾ ٻه فرزند نرينه حضرة شيخ ابو القاسم هو -

هن صاحب کي حضرت شاه عروة الوثقیٰ صاحب جن پنهنجي فرزندي
۾ ورتو هو. جڏهن حضرت شاه عروة الوثقیٰ عليه الرحمت
جن آخري عمر ۾ پنهنجي مال و اسباب خصوصاً ڪتابن جي
وراثت ڏيڻ ڪئي ته حضرت شيخ ابوالقاسم کي پنهنجي حقيقي
فرزند جيترو حصو عطا ڪيو ۽ مٿن ازحد زيادهِ شفقت
هوندي. ديني تعليم پنهنجي ڏاڏي صاحب حضرت مروج الشريعت
شيخ محمد عبيد الله جان عليه الرحمت کان حاصل ڪيائون
ٿوري ئي وقت علوم نقليه ۽ عقليه کان فارغ ٿي سلوڪ
ڏانهن متوجه ٿيا. پنهنجي ڏاڏي حضرت عروة الوثقیٰ قدس سره
جن سان سندن محبت حد درجي هئي. انهي محبت خاطر
جبل اخلاص "فيض معصومي" سان اعلیٰ درجات ۽
ڪمالات تي هئا. اهڙيون بشارتون سندن لاءِ مڪاتيب
معصومي ۾ ذڪر ڪيل آهن. شعر گوئي ۾ سندن رنگين شعر آهن
سندن شعر جو هڪ فرد حضور سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم عليه

جن جي تعريف ۾ هيءَ هت لکجي ٿو۔ وهو هٰذا ۔

زسر بيرون کنم چشمي که از حسنش تهي باشد
چرا بر طاق ابرو جا دهم مينائي خالي را

مينائي

حضرت شاه عروة الوثقيٰ عليه الرحمت جن جي وصال کان پوءِ ٽن سالن کان پوءِ اکبرآباد ڏانهن تشريف فرمائي ويا، اتي سندن وفات حضرت آيات ٿي ۔ رحمت الله تعاليٰ عليه سندن عمر مبارڪ ۲۷ سال هئي. سندن جنازه مبارڪ اکبرآباد کان سرهند شريف آندو ويو، حضرت عروة الوثقيٰ صاحب جن جي گنبذ مبارڪ کان ٻاهر سندن مدفن ٿيو ۔

تمت بالخير ذکر اول فرزند حضرت صبغة الله عليه الرحمت ۔

ذکر فرزند نمبر ۲ حضرت شاه صبغة الله صاحب عليه الرحمت جو ۔

هاڻي بيان فرزند نمبر ۲ حضرت صبغة الله صاحب عليه الرحمت جو لکجي ٿو۔ سندن نالو مبارڪ حضرت امام العارفين قدوة الطالبين

حضرت شيخ "محمد اسماعيل" صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه آهي.
جن فيض ۾ باطني ڪمالات ۽ درجات ڀي ڏاڏي صاحب حضرت
عروة الوثقيٰ صاحب قدس سره جن کا عطا ٿيل آهي حضرت
شاه عروة الوثقيٰ صاحب جن جي وصال پر ملال بعد ترڪي
علوم باطني جا مقامات ۽ درجات ڀي والد بزرگوار صاحب
جن کان حاصل ڪيا. سندن ارشاد ڪامل رهبري ۾ وڏي
جماعت سندن فيض مان فيضياب ٿي ۽ مسند مبارڪ
مجموعي ڪري رونق افروز ٿي سلوڪ جي راه واري طالب
لاءِ مشعل نور بڻيا. سندن تقويٰ حد درجي ۾ آهي.
شريعت ۾ رهندا هوا. بمصداق آيه ڪريمه
اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰكُمْ - رب تعاليٰ جل شانه
ڪين ظاهري حسن سڌ کان زياده عطا فرمايو، باطن ڀي
والد صاحب جن سان آغاز جوانيءَ ۾ دهلي شهر ڏانهن
تشريف فرما ٿيا هوا. اتفاقاً هڪ بدمعاش چوڪري

متي فرنفيد ڏي بيٺي. جڏهن سندس خواهش شيطاني حد

درجي کان وڌي ويئي تڏهن پنهنجي ماءُ کي گهرائي چيائين

ته فلاڻا ساڻ منهنجو عشق حد درجي کان زياده ٿي ويو آهي ؛

اهو عشق مون کي هاڻ ننگ ناموس کان ٻاهر ڪڍي رهيو آهي.

تون ڪهڙي به طريقي ساڻس منهنجو وصال ڪراءِ. يا مون کي هاڻ

ننگ ناموس کان ٻاهر ڪڍڻ جو خيال ڪر. جڏهن ماڻس پنهنجي

ڌيءُ جو اهو حال ڏٺو تڏهن پنهنجي زنانه مڪر ؛ جنهن لاءِ

الله تبارڪ تعالى فرمائي ٿو ته "ان ڪيدڪن عظيم " هن پنهنجي

نانءُ کي چيو ته. منهنجي ڌيءُ کي سوداء جو مرض پيدا ٿيو

آهي. عنقريب هن کي سڪل ڏي ته پنهنجي گهر وٺي وڃي

سندس علاج ڪرايان. اهڙي بهاني ساڻس پنهنجي شيطاني صفت

ڌيءَ کي پنهنجي گهر وٺي آئي. ؛ پنهنجي گهر کي خالي ڪري ان

؛ فرش فروش وڇائي ؛ لوءِ حضرت شاه صبغة الله صاحب

رحمت الله تعالى عليه جن جي خدمت ؛ ويٺي ؛ عرض ڪيائين

تہ مونکي هڪ ڌيءُ آهي جنهنکي سوداء جو مرض ٿيو آهي - اسان

خاندان مجددیہ جا مريد آهيون اوهان مهرباني فرمائي منهنجي

صاحبزادي صاحب کي اجازت ڏيندا تہ مونکي گهر هلي منهنجي

ڌيءُ کي طريقہ مجدديہ ۾ داخل فرمائي - ڇاڪاڻ تہ منهنجي

ڌيءُ جوان آهي ۽ هيت اچڻ مناسب نہ آهي.

منهنجي عرض تي حضرت صاحبزادي کي اجازت ڏيو تہ مون سان

هلي ۽ منهنجي گهر ۾ منهنجي ڌيءُ کي طريقہ عاليہ مجدديہ ۾ داخل فرمائي

حضرت شاہ صبغة الله صاحب عليہ الرحمت جو زال جي

مکہ ۾ غريب کان مامون هو حضرت امام العارفين حضرت

شيخ محمد اسماعيل صاحب کي حڪم ڪيائون تہ توهين مريداڻي

سان گڏجي وڃي سندس ڌيءُ کي طريقہ عاليہ مجدديہ ۾

داخل ڪريو - حضرت صاحبزادہ صاحب جن خادمن سان پالڪي

۾ ويهي مکہ کان ٽي سان سندس گهر ويا ۽ اتي ڇا ڏٺائون

مدون پالڪي نزديڪ ان عورت جي گهر جي دروازي تي پهتي تہ

اُن مهل رڙ ڪري چيو تہ اوهان جا ٻچا صوفي خادم هت
ٻاهر هئڻ ۽ اوهان اڪيلا اندر هئا. حضرت صاحبن
سائنس گڏجي سڙڻ گهر ۾ داخل ٿيا. ۽ اُن مهل حضرت
حضرتن کي حجري ۾ وهاري ۽ گهر جي دروازي کي اندران
قفل لڳائي ڇڏي کين چيائين تہ مون تو لاءِ هيڻو غريب
۽ مڪر ڪري حضرتن کي هيٺ تو وٽ آندو آهي
هاڻي تون وڃي پنهنجي شيطاني خواهش پوري ڪر. اُن
بعد اُن بدمعاش ڇوڪري پاڻ کي نهايت طريقن سان زنانہ
سينگار وغيره ڪري پاڻ کي اچي حضرت صاحبن جي ڀر
۾ ويٺي. حضرت صاحبن فرمايو تہ ڇا؟ هي تہ شيطاني عمل آهي
هُن مهل ڇوڪري چيو تہ آءٌ ڪيتري وقت کان اوهان
تي فريفتہ ٿيل آهيان - هاڻي ڀاءِ هن حيلي جي ڪا ٻي واهہ
واٽ نہ هوئي ۽ اِهي ڪي حيلا تان اوهان کي هت گهر
گهرايو اٿم - حضرت جن ڏاڍا حيران ۽ پريشان ٿيا تہ هاڻي

ڇا ڪريان - لوڪ هي ڇيلہ سندن نظر ۾ آيو - چيائون تہ هن
کي انساني ضرورت آهي - هن کي بيت الخلاءِ ڏيکاريو تہ اوڏ
مان انساني ضرورت پوري ڪري اچان - رڳو حضرت
جن کي وڏي پائخاني لڳي آئي - حضرت جن فرمايو تہ هي پاخانو
نہ مگر هن کي مٿي بالاخاني جو رستو ڏيکاريو - هُتي
حضرت جن کي مٿي بالاخاني جو رستو ڏيکاريائون - حضرت
صاحب جن جڏهن بالاخاني تي پهتا تہ ڏٺائون اُن بدمعاش
کي چيائون تہ تون وڃ استنجا لاءِ پاڻي کڻي اچ - اُها
رڳو پاڻي کڻڻ لاءِ جڏهن هيٺ لٿي تہ هن حضرت صاحب
جن پاڪ کي موقعو غنيمت ۾ ڏسي اُن بالاخاني تان هيٺ
گهٽي ۾ اُڇلايو (تہ ڪِري) حتيٰ سندن صوفي خادم ويٺل
هيا - پاڻ جڏهن تہ تمام مٿاهين جاءِ تان هيٺ ڪريا تہ ڪجهہ
بي هوش ٿي ويا ۽ ليڪن بدن مبارڪ تي زخم ٿي ويا - خادم
صوفي حيران ٿي ۽ پريشان ٿي حضرت جن کي گهٽي ۾

ڪوٺي روانا ٿيا - انهيءَ حيلي سان حضرت صاحبن پاڻ کي بچايو
حضرت صاحب سائين شاه آغا جان صاحب رحمة الله تعاليٰ عنه
جن انهيءَ واقعي کي پنهنجي منظوم مناجات شجري ۾ هيئن ذڪر
ڪيو آهي -

"شاه اسماعيل جو هو صاحب تقويٰ عجيب
جنهن ڪيو هو پاڻ فدا هن جان فدا جي واسطي ؛"

پاڻ جڏهن پنهنجي حضرت والد صاحبن جي خدمت ۾ ٿيا
تڏهن سائين ڪيفيت حضرت قيوم الزمان جي خدمت ۾
پيش ڪيائون - حضرت سندن والد صاحب عليه الرحمت جن
اها حقيقت ٻڌي رب تعاليٰ جل شانه جا هزار شڪرانا
بجا آندا ته پنهنجي فرزند کي رب تعاليٰ پنهنجي خاص لطف ۽ ڪرم
سان دشمن جي مڪر ۽ فريب کان نجات عطا فرمائي -
انهيءَ وقت عمر مان لڳ سندن ڪمال ورع ۽ پرهيزگاري جو
اندازو لڳائي سگهجي ٿو - پاڻ علم دين ۾ پايه تڪميل تي پهتا -

سندن طبع شريف شعر گوئيءَ سان رنگين هئي - سندن تخلص مبارڪ شعر ۾ "عاشق" آهي - جئن ته سندن وڏي ڏاڏي حضرت ابوالقاسم جو تخلص شعر ۾ "فائق" آهي -

هي رباعي سندن شعرن مان آهي -

روبهي گر گذرد شير کند بيشهٔ ما   آبرو گر طلبي گير قوي پيشهٔ ما
کنده شد بيخ جدائي ز رگ و ريشهٔ ما   صحبت گلشن ما بوي جدائي ندهد

سندن لقب امام العارفين هو - سندن والد صاحب جڏهن کين طريقت ۽ شريعت ۾ ڪامل ۽ مڪمل ڏٺو تڏهن پنهنجي حياتيءَ مبارڪ ۾ ئي کين مسندنشين فرمائي سڀني پائرن تي فوقيت عطا ڪئي کين مجاز فرمايو - سندن والد صاحب کين سندن خط جي جواب ۾ جو پاڻ ڪابل جي شهر مان لکيو هو ان ۾ وڏيون بشارتون ۽ اجازتون لکيون آهن ۽ کين نسبت خاص جون به بشارتون لکيون اٿن -

سندن عمر مبارڪ ستر کان تجاوز ڪري قريب اسيءَ (۸۰) جي هئي

باٺ مرهون شريف ۾ مغفات صحيح اٿن - سندن هڪ ننڍو
گنبذ باهر حضرت عروة الوثقيٰ جي گنبذ مبارڪ جي قبلا طرف آهي
سندن فرزندن جي اولاد مان حبيبي ڪمال ڪي هتل آهن
تنهن مان ۱ نيام حضرت شاه ~~[illegible]~~ محمد صبغة الله
صاحب آهي - سندن ارشاد پشاور جي آس پاس ۾ ڪابل
جي اطرافن تائين هيو - سندن عقيدتمندن مريدن مان
هڪ "خواجه حسن" نالي صاحب خليفه ڪابل آهي - جو
ڪابل جي هڪ ڳوٺ نالي گزه ۾ سڪونت پذير هوا
اهي خليفه صاحب جو ارشاد به تمام ڳوٺن هليو ۽ اطراف
ماوراء النهر ۾ سندن خليفن جي ذريعه ارشاد هليو.
حضرت شاه محمد صبغة الله صاحب جن کي فرزند ڪونه
هو هڪ نياڻي هئي انهي نياڻي مان هڪ فرزند نالي
"ميان مسجدي" هو - مسجدي صاحب نواحي ڪابل ۾
"باجوڙ" ۾ رهيا حضرات باجوڙي سندن اولاد مان آهن

مزار مبارڪ حضرت محمد صبغة الله صاحب عليہ الرحمت جو
پشاور شهر ۾ باغ عبدالرحيم خان ۾ واقع آهي
رحمت الله تبارڪ و تعالىٰ عليه -

حضرت شاه صبغة الله قدس سره جن کي چار فرزند هوا
١ پهريون حضرت شيخ ابوالقاسم صاحب جنهن جو ذڪر مٿي ٿي گذريو
٢ ٻيو حضرت شيخ امام العارفين حضرت محمد اسماعيل صاحب -
جنهن جو ذڪر پڻ مٿي ٿي چڪو آهي -

هن حضرت صاحب عليه الرحمت جا اسان يعني "راقم الحروف"
جا حضرات سنڌ سائين داد ۾ حضرات نارو ۽ ميان جي
۾ مليل وارا آهن -

٣ ٽيون حضرت شيخ "پير آهي رحمت الله تعالىٰ
عليهم اجمعين -

ذڪر فرزند ٽيون حضرت صبغة الله صاحب
رحمت الله جو -

حضرت شاهه صبغة الله صاحب جن جي ٻئين ٻه فرزند جو نالو
مبارڪ حضرت شيخ اهل الله صاحب آهي. حضرت شيخ اهل الله
صاحب جن سلوڪ ۾ پنهنجي والد صاحب کان حاصل ڪيو ۽ اعليٰ
درجات ۽ ڪمالات کي پهتا. پاڻ صاحب مخلوقات کان مستغني
هوندا هوا ۽ هميشه شاغل ۽ ذاڪر رهندا هوا. سندن والد
بزرگوار جن فرمائيندا هوا ته منهنجو فرزند ميان اهل الله
شاڪر ۽ صابر آهي. افغان فوجدار شمشير خان سان
گڏ سکن ڪفار نانڪ سان جهاد ڪيو اٿن. فوجدار
سرهند شريف شمشير خان انهي معرڪي جي جنگ ۾ شهيد ٿيو
انهي جنگ ۾ حضرت صاحب جن هٿان به تمام گهڻا سک
ڪفار مقتول ٿيا ۽ سندن شموليت جي برڪت سان رب
تعاليٰ جلشانه لشڪر اسلام کي فتحياب ڪيو. آخر عمر ۾
سير و سياحت خاطر دهلي ويا اتي سندن وفات واقع ٿي.
سندن جنازو مبارڪ سرهند شريف آندو ويو. سندن قبر

مبارڪ اندر گنبد حضرت شاه عروة الوثقيٰ صاحب قدس سره
جي ۾ . پڻ اتي دفن ٿيا . سندن عمر مبارڪ پنجاه سال رهي
رحمت الله تعاليٰ عليه .

ذڪر فرزند نمبر چوٿون حضرت شاه صبغة الله
صاحب رحمت الله عليه جو .

حضرت شاه صبغة الله صاحب قدس سره جن جي فرزند نمبر
چوٿين جو نالو مبارڪ حضرت شيخ پير آهي . طريقه جو
سلوڪ پنهنجي والد صاحب کان حاصل ڪيائون ۽ وڏي ء
عامليت ڪئي هئا . سندن ارشاد الخلق کابل ۾ تمام گهڻو
رهيو ۽ گهڻائي ماڻهن سندن صحبت مبارڪ مان فيضياب
ٿي باسعادت تحصيل ٿي هئا . نقل آهي ته پاڻ مهينه رمضان
شريف ۾ تولد ٿيا . ۽ ساري رمضان شريف ۾ ڪڏهن به
پنهنجي والده ماجده کان ٿڃ (کير) جي طلب نه ڪيائون
۽ فقط مغرب کان رات جو سحري تائين پنهنجي والده کان ن

ڪيو ويندا هوا - رحمت الله تعاليٰ عليه

هاڻي ذڪر بيانِ اولاد حضرت شاه محمد اسماعيل رحمت الله

تعاليٰ عنه جو ڪجهه ٿو.

ذڪر فرزندن ۽ پوٽن حضرت شاه محمد اسماعيل

رحمت الله تعاليٰ عليه

حضرت شاه محمد اسماعيل صاحب عليه الرحمت جي پهرئين فرزند

جو نالو حضرت شيخ حاجي "غلام محمد معصوم" آهي.

سندن لقب قطب الاقطاب غوث الاغواث آهي. حضرت

شاه عروة الوثقيٰ قدس سره جن پنهنجي فرزند حضرت شاه

صبغة الله صاحب عليه الرحمت کي بشارت عطا ڪئي ته

تنهنجي اولاد مان پوري تومان پاڻ پنهنجي اولاد مان هڪ

فرزند پيدا ٿيندو. جيئن اهو فرزند تولد ٿيو ته

سندن نالو پڻ پنهنجي نالي تان يعني محمد معصوم مقرر ڪيو

اهو صاحب زمانه جو عزيز الوجود ٿيندو ۽ ولايت نسبت

عبدي ۾ سدصوفي ٿيندو ۽ زمانہ جو قيوم هوندو. اهو ذڪر
سندن تولد مبارڪ کان اڳ مثل آهي. جهڙي طرح شيخ ابوالحسن
خرقاني رحمت الله عليہ حضرت سلطان العارفين بايزيد
بسطامي رضي الله تعاليٰ عنہ فرمايو ۽ مولانا رومي صاحب
عليہ الرحمت مثنوي شريف ۾ تصريح فرمائي آهي.
جڏهن حضرت شاه غلام محمد معصوم قدس سره جن جي عمر مبارڪ
تعليم لاءِ پهتي تڏهن علم دينيہ لاءِ متوجه ٿيا. جڏهن
سندن عمر مبارڪ ويهن ورهين تي پهتي تہ ساري علوم نقليہ
۽ عقليہ کان فارغ ٿي پنهنجي ڏاڏي صاحب حضرت شاه
صبغة الله رحمت الله تعاليٰ جن وٽ سلوڪ باطنيہ لاءِ
متوجه ٿيا ۽ ٿوري وقت ۾ فنون باطنيہ ۾ حد ڪماليت
کي پهتا. ۽ پنهنجي ڏاڏي صاحب عليہ الرحمت کان خلافت
جو مڪمل اجازت نامہ حاصل ڪيائون. سارو دعالمرشدين
فنون کان مٿون ٿيو. ۽ جيڪو فيض حضرت صاحب

مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن کي حاصل هو - اهو سارو
حق تبارڪ و تعالى کين عطا ڪيو - زمانه جا قيوم ٿيا -
هڪ شاعر ناني مير غياث الدين صاحب قدس سره جيڪو
سندن خاص عقيدت مند هو - سندن شان ۾ مثنوي جي
وزن تي هڪ تمام وڏو قصيده لکيو آهي - ان جا اختصار
۾ تبرڪاً هڪ فرد هت لکجي ٿو - وهو هذا -

اي همت خراب نام قيوم شد بر تو مزين اسم معصوم -

هي قصيده تمام وڏو آهي هت فقط هڪ فرد تبرڪاً لکيو اٿم
پاڻ هميشه مستغرق ذڪر الاهي ۾ هوندا هوا - ۽
دنيوي عمل ۾ شي جو خيال گهٽ هوندو هون - منقول
آهي ته ڏندن جي عمر ۾ کين سردي جو اثر هوندو هو طبيب سندن
لاءِ گرم ڪاڏو تيار ڪيو هو - سندن خادم جيڪو ڪاڏو تيار
ڪندو هو سو ڪڪڙ جي هڪ ٽنگ پاڻ کائيندو هو ۽ هڪ
ٽنگ سندن خدمت ۾ حاضر ڪندو هو، حضرت جن پاڻ

ڪڏهن به خادم کي ائين نه چيو ته ڪڙڪي ته به ٽنگون ٽيڏيون
آهن ڇو ته هڪ ٽنگ آئٽي تي. هڪ ڏينهن خادم ڏٺو ته حضرت
جن جي پرسان هڪ ڪُڪڙ قدرتاً هڪ ٽنگ تي بيٺو آهي
خادم پنهنجي ايمانداريءَ جي ثبوت لاءِ ڪڪڙ ڏانهن اشارو
ڪري حضرت جن کي عرض ڪيو ته قبلا هو ڏسو ڪڪڙ
کي هڪ ٽنگ آهي. پاڻ خادم جي ڳالهه تي يقين ڪري
فرمايائون "سبحان الله تعالىٰ! رب تعالىٰ اعلىٰ شانه جي قدرت
ڪامل آهي جو ڪڪڙين ۾ هڪ پير وارا ڪي آهن....
هن مان سندن استغراق جو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته
دنيا جي شين ڏانهن سندن ڪو به خيال نه هو. هن قسم جا
عوام کي ائين سمجهڻ نه گهرجي ته حضرت جن جي عقل
دماغ ۾ ڪا ڪوتاهي آهي. بلڪ انهيءَ مان سندن
ڪمال استغراق حق جو ثبوت ملي ٿو. سندن لقب
"معصوم ثاني" آهي. حضرت شاهه فضل الله صاحب

عليه الرحمة جن فرمايو ته منهن دستخط سان هڪ
بياض مون وٽ موجود آهي، انهن ۾ حبيبي اسرار ۽ رموز
حقاني لکيا اٿن سي هر ڪو عام سمجهي نه سگهندو جيئن ته
حضرت محمد صاحب رضي الله تعالى عنه ۽ حضرت عروة
الوثقى صاحب قدس سره ۽ منهن ڏاڏي سائين حضرت شاه
صبغة الله رحمة الله تعالى عليه جن کي رب تعالى جل شانه
بشارت عطا فرمائي ته غُفِرَتْ لَكَ وَلِمَنْ تَوَسَّلَ
بِكَ بِوَاسِطَةٍ اَوْ بِغَيْرِ وَاسِطَةٍ اِلٰى يَوْمِ
الْقِيَامَةِ ۰ (ترجمه) يعني رب تعالى کين بشارت عطا
ڪئي ته الله تعالى جل شانه توکي بخشش عطا ڪئي ۽
جيڪو توسان واسطي يا بغير واسطي توسل ڪندو
رب تعالى ان کي به بخشش عطا ڪندو ۽ اهو سلسلو
قيامت تائين رهندو ــ

الحمد لله والشکر لله تدا انهيءَ وسيلي جا اسان جهڙا

عاصي به اميدوار آهن - مولانا سعدي رحمت الله عليه فرمائي ٿو ته

شنيدم که در روز اميد و بيم ‏ ‏ ‏ بدان را به نيڪان ببخشد ڪريم

سوا ئِي انهي بشارت جي عطا عيل آهي ”ذالك فضل الله يؤتيه من يشاءُ“

سندن مناقب مون عاجز ۽ قاصر جي لکڻ کان باهر آهن

اختصاراً لکيا ويا. جنهن کي شوق هجي ته عتاب

عمدة المقامات ۾ ڏسي پڙهي معلوم ڪري سگهي ٿو -

ٻار هيڻ سفر مبارڪ ۾ سندن جي چهره مبارڪ تي ڪشيدو

وڌي رهيو هو - ته ڪنهن مبادا سفر ۾ ڪنهن ڪافر تي نظر

نه پوي - اتفاقاً صبح ڪڏهن ڪو ڪافر سندن چهره مبارڪ

جي زيارت کان مشرف ٿيندو هو ته ساڳي وقت ئي دائره

اسلام ۾ داخل ٿيندو هو - سندن عمر مبارڪ جڏهن

ستر سالن کان ٽپي ويئي ته ٻار ٻهي وصال جو اطمينان

ٿيو - سندن آخري عمر مبارڪ ۾ سلطنت مغليه

به دنيوي عيش و آرام ۾ گرفتار هئي حضرات مجدديه

صاحبان رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين کان عقيدت کان
روگرداني ڪئي. جنهن ڪري حڪومت مغليه ڪمزور ٿي وئي.
صوبن جي هر هڪ عملدار خودمختياري اختيار ڪئي. ۽ قوم هنود
به خروج ڪيو. ان وقت احمد شاه بادشاه دراني افغانستان
کان لاهور کان دهليءَ تي ڪاه ڪئي. جڏهن سرهند شريف
جي باهران سندس لشڪر ۽ فوج ڪٺي ڪئي. تہ بادشاه
دراني پنهنجي وزير شاه ولي خان کي سردار جهان خان جي همراه
حضرت جن جي خدمت ۾ پيغام سان موڪليو تہ سلام بعد
حضرت جن کي عرض ڪريو تہ مون کي فتح ۽ ڪامراني حاصل
ٿئي. حضرت جن فرمايو تہ منهنجي عمر اخير حد کي پهتل آهي
جو هڪ سال کان وڌ نہ هلندي. جيڪا جيتري ٽِڪ مغليه
حاڪمن هن خاندان کان روگرداني ڪئي آهي ۽ انهيءَ
ڪري سندن سلطنت کي زوال رسيو آهي. باوجود انهيءَ
جي بہ مان آخر عمر ۾ سلطنت مغليه کي ننگ نٿو ڪري

سگهان. تنهنڪري هن دفعي اوهان کي فتح حاصل نه ٿيندي...
باقي ٻئي سال جڏهن مان واصل بالله ٿيندس پوءِ اوهان
کي فتح حاصل ٿيندي - پوءِ ٻنهي جي دستار مبارڪ طلب ڪري
ان مان اڌ ٽڪرو تحفتاً شاهه ولي خان کي ۽ اڌ ٽڪرو
سردار جهان کي عطا فرمايائون - اهڙي امير حضرت صاحب
جن جو اهو سمورو قصو اچي بادشاهه کي ٻڌايو....
هر حال احمد شاهه اُن سال ڪيتري ئي ڪوشش ڪئي ته به فتح
حاصل نه ڪري سگهيو - هڪ سال گذرڻ بعد حضرت جن
هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو - ۽ احمد شاهه وري دهلي تي
چڙهائي ڪئي ۽ هندستان تي ڪيس فتح حاصل ٿي جيئن
حضرت جن ڪيس فرمايو هو - حضرت شاهه صفي الله صاحب
رحمت الله تعالىٰ عليه جن جو تولد مبارڪ ٿيو ته هن فرمايائون
ته مون کي هن فرزند مبارڪ لاءِ رکيو ويو هو. هاڻي جڏهن
ته هي ٻار جنم وٺي پيدا ٿيو آهي ته رب تعالىٰ الله شاهه مون کي

ماڻ وٽ گهرائڻ لاءِ حاضر رهندا آهن ـ حضرت قيوم جهان لاءِ
گهٽيون ڪي لشڪرن ڏيکيو ويا ته هي فرزند سندن قائم مقام
رهندو ـ سندن عمر مبارڪ ٨٠ اسي کان تجاوز ڪري حد هف
تاد کي هئي ته سنه ١١٦١ھ ۾ تاريخ ٻٽيهين ذوالحج جي
وصال فرمايائون ـ رضي الله تعالىٰ عنه ـ سندن قبر مبارڪ
سندن والد شريف حضرت شاه محمد اسماعيل صاحب رحمة الله
تعالىٰ عليه جن سان گڏ آهي ـ هڪ نئين گنبد حضرت
عروة الوثقىٰ جن جي گنبد مبارڪ جي اوڀر طرف آهي ـ .....
سندن مريدن ۽ خليفن جو تمام گهڻو تعداد آهي ـ

سندن وفات کان پوءِ سندن وڏي فرزند حضرت شاه
غلام محمد صاحب جي معروف به مير غياث الدين صاحب جن کي
صاحب جذب سلوڪ حاصل هو ـ مير غياث الدين صاحب جن
بدخشان جا ساڪن هوا ـ جي حضرت جن جي فيض مان
فيضياب ٿي ملڪ بدخشان ۾ خلق الله کي ارشاد

نوٽ ـ هي حصو سڀئي نه لکڻ جو لائق
آهي ـ

ڪامل عطا ثانيءَ جن - سندن قبر مبارڪ بدخشان ۾ آهي

هاڻي بيان حضرت محمد معصوم ثاني قدس سره جي اولاد مبارڪ جو ڪجهه ذ
حضرت جن جو وڏو فرزند حضرت شاهه غلام محمد صاحب آهي -
حضرت شاهه غلام محمد صاحب جن علم ديني جي حصول
۽ فيض باطني پنهنجي والد بزرگوار حضرت معصوم ثانيءَ
جن کان حاصل ڪيو ۽ وڏي درجهءِ ڪماليت کي پهتا -
سندن والد صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي ڪامل مڪمل ڏسي مسند
مبارڪ تي مشرف ڪيو ۽ سندن والد شريف جي وقت حيات
۾ ئي سندن رشد ۽ ارشاد ڪامل هيو - جڏهن حضرت
معصوم ثاني جن جي وفات ٿي ته پوءِ سلطنت ۾ خلل پوڻ
سبب ۽ حڪومتن کانئن سکن گرونانڪ وارن ڪري
سرهند شريف کان هجرت ڪري سڀ اهل و عيال ۽ عزيزن
جي اچي لاهور ۾ رهيا - سندن اهو اصول رهيو ته ٻار
ڇهه مهينا لاهور رهندا هئا ۽ ڇهه مهينا پشاور رهندا هئا -

سندن حيات تائين انهن ٻنهي شهرن ۾ ڪافرن جو تسلط ڪونه
هو. سندن ارشاد مبارڪ جو اثر ڪيترو زور ٿيو جو هزارها خلق الله
سندن فيض ۾ بهشت سان مالامال ٿيا جن جو بيان لکڻ کان بعيد آهي.
وڏن بزرگن کان معلوم ٿيو آهي ته سندن مراقبي جي وقت ۾
صبح ۽ شام جو روزانو ارڙهن[18] هزار عالمن جو سير ٿيندا هوا
۽ حج جي ڏينهن ته مخلوق جي اجتماع جو حساب لکڻ کان
ٻاهر آهي. مائي جنده عيال اطفال ۾ ٻنهي عزيزن سميت لاهور
کان پشاور تشريف فرما ٿيندا هوا ته ڏهن مستورات جي سواري
لاءِ هڪ سئو يا ان کان به زياده پالڪيون هونديون هيون
۽ اهڙيءَ طرح ٻين سوارين مثلاً محافا، گاڏيون، گهوڙا
۽ اٺن جو ته حساب ئي ڪونه هوندو هو. جڏهن سندن روانگي
لاهور کان پشاور ٿيندي هئي ته ماڻهون هڪ مهينو اڳواٽ
واٽ ۾ رستي جي صفائي ۽ مرمت لاءِ ويندا هوا ۽ منزلن
جو تدارڪ ڪندا هوا. انهيءَ مان سندن شاهوشان جو اندازو

ڪرڻ گهرجي. سنڌن وقت ۾ حضرت محمود عليه الرحمت جن جو
جيڪو به اولاد هو سو ساڻن گڏ هوندو هو ۽ سفر خواه حضر
۾ سڀئي مريد عيال اطفال عزيز قريب ٽمنهي ڪاڏو سنڌن
لنگر خانه مان کائيندا هوا. سنڌن بخشش ۽ سخا انتري
قدر هئي جنهنجو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. مطلب ته پاڻ
رحمت الاهي جي هڪ نشاني هوا. ساري عمر مبارڪ حديث
شريف جي درس ۾ مشغول رهيا. ۽ هزارها حديثون شريف
اسناد سميت کين ياد هونديون هيون.

هڪ ظاهري عالم ۽ ملا حبيب جو وقت جو وڏو ماهر ۽ مشهور
عالم هو. هڪ دفعه پنهنجي طالبن سميت ڪيترا عقليه سوال
ياد ڪري بحث مباحثه لاءِ حضرت جن جي خدمت ۾ آيو.
جڏهن حضرت جن جي حضور ۾ ويٺا ته ڏهن قدر تمام ترس
تنهن دل تان ياد ڪيل سڀئي سوال محو ٿي ويا بلڪ ڪو به
علم کين دل تي ياد نه هيو. نهايت عاجز ۽ پريشان ٿيا

ترهائي جا ڪري وڃن . مجبوراً حضرت جن جي محفل مان واپس
روانا ٿي گهر ويندا ۽ ڪتاب کولي ڏسندا هئا ته جيڪو ڪين ترهاءِ !
ءِ ته سڀ علم هت لکيو پيو آهي ۽ اهو پڙهي ڪري بحث
ڪري سگهندا هئا - ۽ ورڻي ٻئي دفعي ساڳين سوالن سان
حضرت جن جي محفل ۾ آيا . مگر ورڻي به ساڳي حالت
ساڳي پهرين طرح ٿي رهي - ۽ سندن دل مان سڀ ڪجهه
صفا محو ٿي ويو ۽ ڪين ڪجهه به ياد نه رهيو . بالآخر ٽئين
دفعي پنهنجا سمورا ڪتاب وغيره کڻي حضرت جن جي حضرت
۾ پهتا مگر ترهائي به ساڳو آيو ۽ انهن کي هڪ لفظ به
ياد نه رهيو مطلب ته الف ۽ ب به نه سڃاڻي سگهيا . لاچار
۽ مجبور ٿي حضرت جن جي قدمن ۾ سيس نوائي ڪري ندامت
ڪري پيا ۽ توبه تائب ٿي معافي جا طلبگار ٿيا .
حضرت جن کين معاف ڪري ڇڏيو ته - اوهان پهرين
دفعي فلاڻا فلاڻا بحث يا ذڪري مون وٽ آيا هوا

۾ هڪ هڪ سوال صفا ڪري بڌايا ويندا هئا. پوءِ جڏهن سڀ حاضرين پنهنجو سوال ٻڌي، ان تي غور ڪندا هئا.

بعد ۾ ملا قاسم وارا ڪجهه سوال جو مفصل جواب عطا فرمايا ويندا هئا،
ملا بنجي ۽ شاگردن سميت توبه تائب ٿي حضرت جن جو
مريد ۽ حلقه بگوش ٿيو ۽ سڀ حضرت جن جي فيض
مان فيض ياب رهيا. حضرت شاه فضل الله صاحب جن
جي والده صاحبه جا سندن پاڻ ٻڌي ٻڌي ٿي ڪان روايت
آهي ته: بي بي صاحب جن جي عمر انهيءَ وقت ستن سالن جي هئي
۽ رمضان شريف جي ٢٧ تاريخ ڏينهن جو مون کي روزو هو
تر مان ان ڏينهن حضرت جن جي مريد ٿيس. حضرت جن
تلقين ڪان فارغ ٿي مون ڏانهن متوجه ٿيا ته مون تي اهڙي
ڪيفيت طاري ٿي جو اها لذت اڄ ڏينهن تائين ياد اٿم.
بي بي صاحب جن جي خود وقت جا قطب هوا سي حضرت جن سان
بي حد محبت ۽ عقيدت رکندا هوا.

حضرت هف سندن محمد مبارڪ وڏي ٿي ته ڪين (لقب حضرت جن کي) لقائي

جي طلب ٿي - ۽ ٻنهي وصال جون خبرون بيان ڪيائون -
مثلاً ماهه رمضان شريف آيو - پاڻ پورا ٽيهه روزا رکيائون
تمام صحت سان باجماعت تراويحون ادا ڪيائون - ۽ عيد
جي رات بالعمل تندرستيءَ ۽ صحت سان گهر روانا ٿيا ۽ آرامي
ٿيا ۽ تهجد وقت اٿي وضو ڪري تهجد پڙهي ۽ سمورين دعائون
ماثوره پڙهي وري ٻيهر بستري تي اچي آرامي ٿيا - صبح جي
وقت نماز صبح لاءِ خادم ٻالي ڪڍڻ آيو ۽ ڪيئن سڏ ڪيائين
۽ حضرت جن جي جواب نه ڏيڻ تي دانهون ڪيائين ته حضرت
جن کي خبر نه آهي ته ڇا ٿيو آهي - سمورا متعلقين ۽ اولاد
اچي گڏ ٿيا - نبض شريف تي هٿ رکيائون ته نبض هلندڙ
سينه مبارڪ ڏانهن خيال ڪيائون ته سينه مبارڪ يعني دل مبارڪ
ذڪر الاهي سان معمور ڏسي حيران ٿيا - آزمائش لاءِ سندن
پيشاني مبارڪ تي زعفران لڳايائون ته زعفران خشڪ ٿي ويو
جو ته فوت ٿيل ماڻهن تي زعفران لڳائبو ته خشڪ نه ٿيندي -

وري آئينه (آرسي) کيئي سندن وات مبارڪ تي رکيائون ته دم مبارڪ جو اثر آئيني تي ظاهر ٿيو. سڀ حڪيم ۽ طبيب حيران ٿي ويا ته هي ڇا ماجرا آهي. حضرتن ته حيات آهن آخرالامر ڪشف وارن صاحبن کي معلوم ٿيو ته حضرت جن وفات ڪئي آهي. ۽ سندن دل مبارڪ قيامت تائين اسم ذات جي ذڪر الاهي سان هلندي رهندي. سبحان الله تعالیٰ.

رب تعالیٰ جي قدرت ڪامله جي عجائبات انتها نه آهي. سندس باصفا جيڪي خاص آهن سي حياتي خواه مماتي ۾ سندس ذڪر ۾ مشغول آهن. سندن وصال سنه ١١٧٧هه ۾ شاهه پور ۾ ٿيو. تاريخ پهرين شوال عيد الفطر جي رات

إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ ۝

سندن وصال مبارڪ بعد حضرات مجدديه رضوان الله تعالیٰ عليهم اجمعين ۾ ظاهري جمعيت نه رهي. ۽ هر ڪ حضرت مجدد جي معتقدين ڏانهن هليو ويو....

ڪي حضرات افغانستان هليا ويا. ڪي رامپور ڪي
ڀوپال. ڪي ٿورا ڪن ۾ خاص اسان جو خاندان
افغانستان ۾ رونق افروز ٿي ويو.

حضرت جن جي قبر مبارڪ پشاور شهر ۾ آهي. اڳ اتي
هڪ وڏو باغ ۽ احاطه هو. مگر هن وقت ٿورڙي ٽڪري
۾ سندن قبر مبارڪ ۽ مسجد شريف آهي. راقم الحروف
سندن زيارت فيض بشارت کان چار پنج دفعا مشرف ٿيو آهي.

حضرت قبله مرشدنا صاحب حضرت خواجه محمد حسن جان صاحب
رحمت الله تعاليٰ عليه جن اسان جي ننڍپڻ ۾ سندن قبر
مبارڪ ۽ احاطي جي مرمت ڪرائي ۽ هڪ ننڍي مسجد شريف
به ٺهرائي. وري پاڪستان جي اوائل ۾ جناب حضرت قبله
سائين شاه آغا صاحب عليه الرحمت جن مرمت ڪرائي
مسجد کي وڏو ڪرايو. ۽ تمام گهڻي ڪوشش ڪيائون ته جيڪو
درگاه شريف جو اصلوڪو احاطو آهي اهو ملي. مگر ان وقت

پشاور جو هڪ حاڪم جيڪو مرزائي ۽ قادياني هو. اُن
اهو احاطو درگاه واري ڏي منظور نه ڪيو. جون تا
ته اهو احاطو حفاظت (بچاءُ) جو افغانستان مان آهي.
اهو احاطو وڪڻي ڇڏيو. والله اعلم بالصواب =

هن وقت سندن روضه مبارڪ جي چوڌاري وڏيون هوٽلون
آهن. ۽ دڪان ۽ بازار. ۽ اهو ٽڪرو "زيارت ڪالوني"
جي نالي سان مشهور آهي. ۽ اها مسجد هاڻي تمام نئين
عمده طرز سان ٺهرائي اٿن. سندن قبر مبارڪ تي گنبذ
نه آهي. سندن سيراندي کان سنگ مرمر جو لوح جنهن
تي حضرت مرشد قبله رحمت الله تعاليٰ عليه جن تاريخ
وصال لکائي لڳارائي آهي. سندن وڏو فرزند صاحب
جي قبر مبارڪ بند ڏکڻ طرف ساڻن گڏ آهي. ٻي هڪ
قبر به حضرات مان هڪ صاحب جي آهي.

هاڻي حضرت شاه غلام محمد مطب رحمت الله عليه جي اولاد

جو ذکر کجي ٿو۔

حضرت شاه غلام محمد صاحب رحمت الله عليه جن جي ٻن

جيه فرزندن جا نالا۔

١

اول: حضرت شاه غلام حسين صاحب رحمت الله عليه

ملقب به حضرت "جيو صاحب" آهي، انهي حضرت صاحب

جي قبر مبارڪ شهر قندهار (افغانستان) ۾ آهي.

٢

ٻيو: حضرت شاه غلام حسن صاحب عليه الرحمت آهي

جو به جيو صاحب جي لقب سان مشهور آهي، هن

حضرت صاحب جي قبر مبارڪ پشاور ۾ جي والد شريف سان

گڏ آهي، هي ٻئي پاڪ شاه غلام حسين صاحب ۽

شاه غلام حسن صاحب رحمت الله تعالیٰ عليهما ٻنهي پاڪن

۾ ممتاز هوا۔ باوجود جي والد صاحب جي ٻنهي ڏاڏي

حضرت شاه معصوم ثاني کان اخذ فيوضات جو حاصل

ڪيو اٿن ۽ وڏي درجه عاليت کي پهتا آهن۔

اهي ٻئي فرزند هڪ ئي والده مبارڪه مان هوا. سندن والده صاحبه رحمها الله تعاليٰ اولاد حضرت غوث الثقلين محبوب سبحاني حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنه مان آهي. اهڙيڪري سندن والد صاحب ۽ سندن جد امجد صاحب سندن حرمت ۽ عزت ڀين ڀائرن کان وڌيڪ ڪندا هوا سندن ٻيون فرزند مبارڪ حضرت قطب الاقطاب حضرت غوث زمان حضرت خواجه ميان عبدالرحمان جيلاني صاحب آهي. هي حضرت به ٻنهي ڀائرن ۾ ممتاز هوا. ۽ ٻنهي والد صاحب جي حياتيءَ ۾ ئي سندن مسند ارشاد جي رونق افروز هوا.

سندن مريد ۽ خليفا پشاور ۽ شهر قندهار ۾ صاحب ارشاد ۽ ڪمالات وارا هوا. حضرت خواجه ميان عبدالرحمان صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن ٻنهي والد صاحب جي حياتيءَ ۾ رحلت ڪئي. ڪين هڪ فرزند نالي حضرت ميان محمد شاه نالي هيو جو اکين کان معذور هو. ڪلام مجيد جا حافظ هوا

۽ لعين علوم ديني به کين ياد ۾ حاصل هو. ۽ ارشاد فرمائيندا [١٠٥]
هوا.

لنهن جون فرزند مبارڪ حضرت ميان محمدي صاحب ثاني
سان هو. علوم ديني پاڻ اختتام تي پهچايو هوائون.
سندن شعر گوئي تمام شيرين هئي. سندن اڪثر شعر
نعت حضور سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم ۾
هو. هڪ فرد مون کي به ياد آهي جو مان هر وقت پڙهندو
آهيان. شعر ۾ سندن تخلص "لطفي" آهي. وهو هذا

دارد اميد شفاعت روز محشر يا رسول
لطفي عاصي که در دنيا سگ کوئي شماست

۽ هڪ ٻيو سارو نعت شريف تبرڪا هت لکجي ٿو. وهو هذا

(آها نعت شريف ٻئي صفحي تي ڏسو)

~~اي کرده خدا از جهان جمله گدايان تو اند~~
~~رحمت عالمي و خواجه قدسي نسبي~~

(نعت شریف)

ای که تو احمد و محمود و محمّد لقبی
سیدِ ابطحی و هاشمی و مطّلبی

ای که شاهان جهان جمله گدایان تو اند
رحمتِ عالمی و خواجهٔ قدسی نسبی

ای بشر را ز وجودِ تو شرف در کونین
که ز نسلش چو تو ممتاز نه شد هیچ نبی

چه خلیل و چه کلیم و چه نجی و چه مسیح
همه حیران کمالِ تو بدین بوالعجبی

هود با صالح و داؤد سلیمان یوسف
روز محشر به تو محتاج شفاعت طلبی

تو ئی ای مرسلِ اُمّی که به پشت دارد
با همه علم و خرد روح امین حکم صبی

گشته مست مئ اخلاق تو اى مرجع كل
چه جنوبى چه شمالى چه شرقى غربى
اى قريشي مغربي المدني المكي ﷺ
مهرِ خورشيد لقا نخل حديقِ عربى
جز ثنائى تو نيايد زمن نامه سياه
ذكر و فكرے سحري نالهٔ وافغانِ شبى
دعوى مدحِ تو كردن نه بلطفي زيباست
گرچه گفته سخنے چندوى از بے ادبى

حضرت لطفي صاحب رحمت الله تعالىٰ عليه جن جي ذهني
جوهڪ قلمي بياض اسان وٽ به هو مگر افسوس جو ضايع ٿي ويو
حضرت لطفي صاحب بعد از وفات والد صاحب اخذ فيوضات
حضرت قيوم جهان رحمت الله عليه جن کان ڪيو. جي
منزل چاچو هو. منهن پوياڻ ڪو به اولاد نه رهيو-

۵
پنجون ٻيو فرزند حضرت شاهه غلام محمدؒ صاحب جن جو حضرت

ميان خيرالدين صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه آهي هن حضرت

جو هڪ فرزند ناالي ميان محمد عمر صاحب آهي.

٦
ڇهون ٻيو فرزند حضرت شاهه غلام محمدؒ صاحب جن جو ميان

عبدالرحيم آهي هن کي ٻيان اولاد نه هيو. رحمت الله

تعاليٰ عليهم اجمعين.

هاڻي ذڪر جناب حضرت شاهه غلام محمدؒ صاحب رحمت الله عليه جي

وڏي فرزند ارجمند جو ڪجهه ٿو

مذڪور نالو مبارڪ شاهه غلام حسين صاحب آهي. ٻاٺ طريقه

جو اخذ پنهنجي ڏاڏي صاحب حضرت معصوم ثاني رحمت الله تعاليٰ

عليه جن کان ڪري ورتو آهي. پوءِ پنهنجي ڏاڏي صاحب جي

حڪم سبب پنهنجي والد بزرگوار ڏانهن رجوع ڪيائون. ۽ سلوڪ

پائيه تڪميل تي پهچايائون. پوءِ پنهنجي والد صاحب جي حڪم

سان سندن حيات ۾ مسند ارشاد کي رونق افروز ٿيا -
۽ جماعت ڪثير سندن فيض مان فيض ياب ٿي -
علم ديني ۾ يگانهءِ روزگار هوا . سندن خلفاءَ مريد
حد کان زياده آهن - سندن سخاءَ ڪرم بيان جي حد کان
ٻاهر آهي - سندن وفات سفر ڪندي شهر قندهار ۾ ٿي
۽ سندن مدفن مبارڪ به قندهار شهر سان متصل ٿيو
سندن معتقدين سندن مزار مبارڪ جي احاطه ۾ مسجد
حوض ۽ حجرا تعمير ڪرايا - اڄ تائين قندهار شهر ۾
اها جاءِ مشهور زيارت آهي . ساڻس ٻين حضرات جون
قبرون مبارڪ به آهن . جهڙوڪ شاه غلام النبي صاحب ۽
حضرت شاه فضل الله صاحب رحمت الله تعالى عليه صاحب
تأليف ڪتاب عمدة المقامات جو ۽ حضرت شاه عبدالقيوم
صاحب جي - رحمت الله تعالى عليهم اجمعين -

ذکر حضرت شاه غلام حسین صاحب رحمة الله تعالیٰ جي اولاد جو.

حضرت شاه غلام حسين صاحب چار فرزند آهن - سندن
(1) وڏو فرزند مياں غلام مجتبیٰ صاحب آهي - جنهن ننڍي ئي
والد صاحبن کان اخذ طريقه جو ڪيو - ۽ نهايت عمليت
کي پهتا هوا - سندن مريد ۽ خلفا ڪيترائي ۽ اطراف ڪيترا ئي
۾ هرات ۾ تمام گهڻا آهن - پاڻ صاحب علم جامع مولويت کي
پهتل هوا - سندن ٻه فرزند هيا، مگر سندن حيات وقت ۾
مرحوم هوا - سندن ٻيو (2) فرزند نالي حضرت ميان
ادريس صاحب آهي - پاڻ لقب ميان قاضي اسان مشهور هوا
طريقه ۾ به والد صاحبن سان سرفراز ٿيا - ننڍي ئي عمر
۾ مجاز ٿيا آهن - ۽ سندن فيض مان الله تعالیٰ جي
گهڻي مخلوق فيضياب ٿي آهي - ۽ علميت ۾ حد درجي جا ڪامل
هوا - پنهنجي ساري عمر ديني تدريس ۾ گذاريائون - اعتر

سندن درس مبارڪ ۾ صحيح بخاري شريف جو هوندو هو.

حضرت جن جو ٽيون ٣ فرزند ميان محمد عيسى صاحب هو.
علم ۾ وقت جا فائق هوا. طريقي جي نسبت پنهنجي حضرت
والد صاحب کان حاصل ڪيائون. سندن شجاعت حد درجي کان
زيادة هئي. جبهن سندن عمر مبارڪ آخري حد تي پهتي
تہ پشاور شهر ۾ رحلت فرمايائون. سندن قبر مبارڪ پنهنجي
ڏاڏي حضرت شاه غلام محمد صاحب رحمت الله تعالى عليه
سان گڏ آهي. پشاور ۾ ٽي ٣ قبرون مبارڪ آهن.
هڪ حضرت شاه غلام محمد صاحب ٻي ٢ حضرت شاه غلام حسن
ٽين ٣ قبر حضرت محمد عيسى صاحب جي آهي رحمت الله تعالى
عليهم اجمعين. چوٿون ٤ فرزند سندن حضرت ميان
غلام الرسول صاحب آهي. ابتدائي جواني ۾ رحلت فرمايائون.

ذڪر حضرت شاه غلام محمد صاحب رحمت الله عليه

جن جي فرزندن ٻن ٢ جو.

من فرزند جو نالو مبارڪ شاهه غلام حسن صاحب آهي - هن حضرت
جو اولاد حضرات منڊهه سائين داد - مٽياري - ملير ۽
ڪراچيءَ وارا حضرات آهن.

حضرت شاهه غلام حسن صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن ٻه
ٻنهي ڏاڏي حضرت محمد معصوم ثاني رحمت الله عليه جن کان اخذ
فيض طريقه جو ڪيو ۽ سلوڪ حاصل ڪيائون. ۽ تمام
عمال جي حرتي ممتاز ٿيا ۽ لوءِ ٻنهي ڏاڏي صاحب جي حڪم
موجب ٻنهي والد صاحب شاهه غلام محمد صاحب رحمت الله عليه
جن کان فيضياب ٿي مسند ارشاد جي رونق افروز ٿيا
سندن ڪماليت ۽ مرتبه جو بيان لکڻ کان ٻاهر آهي. هت
اختصاراً لکجي ٿو - سندن مريدن جو تعداد لکڻ کان ٻاهر آهي.
منقول آهي ته ٻارهن ڪابل شهر ۾ ويا ته اول
دفعه ۾ هڪڙن ڏينهن جيڪي طريقه عاليه ۾ داخل ٿيا
تن جو تعداد ١٨ ارڙهن هزار هو. جن ۾ ڪيترين زالون به هيون

بي ڏينهن جو تعلاد لکن کان باهر هو، انهيءَ واقعم مان سندن رفعت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سندن حلقه مبارڪ ۾ وهندڙ ماڻهون بي هوش ٿي ويندا هوا، ڪي ته حد جنون ٿي پهچندا هوا، ايڏو ته شور ۽ غلغله ٿيندو هو جو سارو محله شور سان پرجي ويندو هو، ۽ ماڻهون گهٽين ۾ بيهوش پيا هوندا هوا. حضرت شاه فضل الله صاحب جن عمدة المقامات ۾ فرمايو ٿا ته سندن هڪ مريد مون سان گڏ هو، هن ته ڪو فرصت جو وقت ڏسي حضرت جن کي ادب سان عرض ڪيم ته حضرت ! اوهان جو مشرب نقشبنديه آهي. ذڪر خفي ٿا فرمايو. ليڪن ڇا سبب آهي جو مريد صبر جي طاقت کان ذڪري غوغا ٿا ڪن. حضرت جن مرڪي وٺي فرمايو ته شيخ مستان نقشبنديه ڪاسات ۾ مسيح قادريه جو حامل ڪيو آهي. انهيءَ ڪري اسان جو فيض دو آتشه آهي. جو ته نسبت مادري طرفان قادريه آهي.

چوٿا سندن والدہ صاحبہ اولاد حضرت غوث الثقلين حضرت
شاہ عبدالقادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنہ مان آهي جنهن
متي ذڪر ڪري چڪا آهيون. انهي ڪري فيض دو آتشہ آهي.
جو ماڻهون ضبط ڪري نہ سگهن. فرد

ازين افيون كه ساقي درمئي افگند
حريفان را نہ سر ماند نہ دستار (حافظ شيرازي)

حضرت جن ۾ جلالي طبع جا صاحب هوا. سندن مجلس
۾ ڪوبہ ماڻهون اف بہ نہ ڪري سگهندو هو. سندن
ڪرامتون حد درجہ کان زياده آهن. سندن مزار مبارڪ
لشاد شهر ۾ پنهنجي والد صاحب ڏکڻ طرف متصل آهي
پاڻ ڪثيرالاولاد هوا. سواءِ نياڻين صاحبن جي ليڪن
جملہ ست فرزند هوا. منجهن وڏو حضرت ميان غلام
اسماعيل صاحب آهي. هي حضرت پنهنجي والد صاحب
جن کان طريقي ۾ مجاز ٿيا ۽ سلوڪ ۾ ڪمالات تي پهتا

پنهنجي والد صاحب جن جي وفات بعد سندن مسند تي پشاور
۾ رونق افروز ٿيا.

٢ حضرت شاهه غلام حسن صاحب جن جو فرزند دلبند هو حضرت
شاهه غلام النبي صاحب جي ناني آهي. حضرت شاهه غلام النبي
صاحب رحمت الله عليه جو اولاد. حضرات سندس سائين داد
مشائخ، ملير ۾ ڪراچي وارا آهن. سندن قبر مبارڪ
قندهار شهر جي ٻاهران آهي. جنهن جو ذڪر هيٺين ڪيو آهي.
حضرت شاهه غلام النبي صاحب جي والده صاحبه سادات اهل
بيت مان آهي. ۽ حضرت شاهه فضل الله صاحب عليه الرحمة
صاحب محدث المقامات جا والد آهن. حضرت شاهه غلام نبي
صاحب جن بعد علم ديني اخذ طريقه عاليه جو پنهنجي حضرت
والد صاحب جن کان ڪيو ۽ ڪامل مڪمل طريقي جا ٿيا
سندن لاءِ خلافت نامو سندن والد صاحب حضرت شاهه
غلام حسن صاحب رحمت الله تعالى عليه لکي ڏنو هين غزني

ڪابل، ڪوهه دامان، قندهار ۽ ترڪستان لاءِ ڏنو هو ۽ انهن شهرن جا جيڪي به مريد آهن سي شاهه غلام النبي صاحب ڏانهه رجوع ڪن. ۽ نذر نياز سمورا به حضرت کي ڏيندا رهن. انشاءالله تعالى سڀ غنيمن ياب ٿيندا. هت اختصاراً لکيو ويو. خلافت نامه تمام وڏو آهي.

حضرت شاهه غلام النبي صاحب جون ڪرامتون حد کان زياده آهن. جناب حضرت غلام الرسول جان صاحب زيد عمرهٗ درگاهه مسٽاري واري سندن عجيب عجيب حڪايتون لکيون آهن. ۽ جا پڇي به ويل آهن. اُن ڪتاب جو نالو مون کي وسري ويو آهي. مون وٽ هُيو مگر هن وقت نه مليو.

حضرت شاهه فضل الله صاحب جن جي والده صاحبه کان نقل آهي ته فرمائين ته بي بي صاحبه فرمايو ته جڏهن مان تو سان حامله هيس ته مون کي والد فرمايو هو ته توکي فرزند تولد ٿيندو. ۽ جڏهن تون ڄائين ته توکي نشان ڏٺي سينه تي آهي اهڙو ته هُن

جي سيني تي هوندو ۽ وڏيءَ عمر وارو ۽ صاحب فيض جو
هوندو. ۽ سندن ڏوٽي تولد ٿيڻ تي حضرت جن جي چوڻ
موجب برابر تنهن سيني تي هڪ ڪارو تر هو. اهڙيءَ طرح
تنهن بابت حضرت ضياء الحق صاحب جي حمل وقت بشارت
ڏنائون ته حجره ۾ ترجو نشان تنهن ڪلهي تي آهي اهڙو نشان
مولود فرزند جي ڪلهي تي هوندو. اهڙيءَ طرح ٻي دفعي بشارت
اسان جي همشيره صاحبه لاءِ ڏنائون ۽ فرمايائون ته انهيءَ ٻڌائي
جي وفات جوانيءَ ۾ ٿيندي.

۽ حضرت قيوم جهان رضي الله تعاليٰ عنه جن فرمايو ته مون کي
الهام ٿيو ته غلام النبي نالو رکجو. حضرت غلام النبي جن کي
جو رب تعاليٰ جل شانه ڪئين "محبوبيت" جو درجو عطا ٿيو هو،
ٻار هميشه شاڪر، صابر ۽ متوڪل علي الله هوندا
هيا. ماڻهن کي تعجب هوندو هو ته هيترو سارو خانقاه
جو خرچ آهي ۽ ظاهري اقتصادي صورت به ڪا ڪانه آهي،

ته ضرور حضرت جن کي ڪيميا جو نسخو آهي. هڪ شخص
کين عرض ڪيو ته حضرتا! ظاهري آمدني ته ايتري نه ٿي
ڏسجي جيترو خانقاه جو خرچ آهي. غالباً حضرت جن کي ڪيميا
جو نسخو آهي. پاڻ مرڪي فرمايائون ته اسان کي دنيوي ڪيميا
جو نسخو ڪونه آهي بلڪ حقيقي ڪيميا جو برابر نسخو آهي ۽ اهو نسخو
"توڪل علي الله" تي آهي. حضرت شاه فضل الله صاحب جن فرمائن
ٿا ته جڏهن پهريون دفعو حج مبارڪ جي اراده سان قنڌهار ۾ پنڌن
حضرت ۾ پهتس ۽ زيارت فيض بشارت کان مشرف ٿيس ته
فرمايائون ته هيءُ دنيا ۾ آخري وقت آهي. هاڻي تو کي گهرجي
ته مون وٽ رهي، تو حج جو فريضو ادا ڪيو آهي. مون کان پوءِ
خانقاه تي رهي فقيرن جي خدمت ڪر. مون عرض ڪيو ته
آءٌ ڪابل کان اراده سفر حرمين شريفين جو ڪري نڪتو
آهيان. مون کي مهرباني فرمائي اجازت عطا فرمايو.

پاڻ آيت ڪريمه ۾ فرمايائون حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ ○
ته ڪي الله پاڪ جي وٽ لاءِ اجازت ڏيو جو ته الله پاڪ جي
وٽ ٿان مونکي ڪا ڳڻتي نه آهي. دنيوي علائقات مشغول آهه
لوڙهي مون سان شهر کان ٻاهر تائين وداع لاءِ آيا ۽ روئي
موڪلايائون. جڏهن آءُ زيارت بيت الله شريف کان فارغ
ٿيس ته اتي غيبي طرح معلوم ٿيو ته حضرت جن وفات فرمائي
آهي جڏهن حج جي احڪامن ۽ ارڪانن کان فارغ ٿيس ته ڏاڍهن
جلدي سان خشڪي جي رستي واپس مرشد وٽ ٿي گهمان
حالات مانع ٿيا مگر خير سان جڏهن ٺٽي پهتس ته
اتي سندن رحلت جي پوري طرح خبر معلوم ٿي. گهڻو ئي
غمگين ٿيس. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ ○
سندن وفات سنه ١٢٣٦ھ جي جمادي الاول جي مهني ۾ ٿي.
سندن عمر مبارڪ ٥٦ ڇاونجاه سال رهي. بيماري جي وقت
۾ مريدن مخلصن کي فرمايائون ته صبر ڪريو. جڏهن

فرزند محمد فضل الله اچي تہ ان ڏانهن رجوع ڪريو ٻئي طرف
نہ وڃو. مون لاءِ هڪ وصيت نامہ لکي هڪ مخلص ملا
مرادي کي ڏنائين تہ هي وصيت نامہ ٻئي ڪنهن کي بہ نہ ڏجانءِ
خاص حضرت فضل الله صاحب کي ڏجانءِ. الحمد لله تعالىٰ
اهو وصيت نامہ مون کي سلامت مليو.

حضرت شاهہ غلام محمد صاحب جن جو ٽيون نمبر فرزند صاحب
"ميان مسعودي" آهي. هن صاحب جي والدہ شاهہ صبغة الله
صاحب "جيلو" جي اولاد مان آهي. حضرت مسعودي صاحب
جو ارخاد توالع ڪابل شهر "باجوڙ" ۾ آهي. ۽ گهڻي
خلق الله سندن فيض رباني کان فيضياب ٿيا آهن.
حضرت شاهہ غلام محمد صاحب قدس سرہ جن جو چوٿون
نمبر فرزند حضرت "ميان ابو الحسن صاحب" آهي. ۽
پنجون نمبر حضرت عبدالوهاب آهي. ۽ ڇهون نمبر ميان
حاجي آهي. ۽ ستون نمبر "ميان غازي" آهي.

رحمت الله تعالى عليهم اجمعين ٥

هي ٻئي پائر حضرت حاجي ۽ حضرت غازي ٻئي مرڳا پائر
حضرت شاه غلام النبيؒ صاحب جا آهن. ۽ تربيت به حضرت
غلام النبيؒ صاحب جن کان حاصل ڪيائون. حضرت شاه
غلام النبي صاحب جن جي وفات بعد حضرت شاه محمدؐ فضل الله
صاحب ڄمڙي وارا صاحب جي وصيت موجب متهر قندهار ۾
پنهنجي والد بزرگوار جي مسند شريف تي رونق افروز رهيا.
۽ سندن ننڍو فرزند حضرت شاه ضياء الحق صاحب جن
تعلقي ڪاٺڙي "درگاه فخر شاه" ۾ مسند آرا رهيا حضرت
شاه فضل الله صاحب عليه الرحمت جن جو اولاد حضرت
مهرشاهه صاحب رحمت الله تعالى عليه حضرات نيئي ساٿين داد
۾ ساماڻي وارا آهن. ۽ حضرت شاه ضياء الحق صاحب
جن جو اولاد حضرات متاري، ملير ۽ ڪراچي وارا
آهن. حضرت ضياء الحق صاحب جن "حضرت شهيد" جي

سان مشهور آهن. جو مارڪ هڪ معرڪه ۾ افغانن هٿان
شهيد ٿيل آهن. جنهن جو ذڪر جناب حضرت صاحبزادي
غلام الرسول صاحب مسياڻي واري مثنوي عتاب ۾ تفصيل
سان لکيو آهي. رحمت الله تعالیٰ عليهم اجمعين.

هاڻي ماجي رهيل اولاد حضرت شاه محمد معصوم رحمت
الله تعالیٰ عليه جن جو لکجي ٿو.

٢

حضرت معصوم ثاني جو ٻيو فرزند ميان "احمد"
صاحب جي نالي آهي. پنهنجي والد صاحب جي صحبت ۾ فاني هوا
انهي ڪامل صحبت خاطر ڪين ڪلي نتائج حاصل نه نصيب ٿيا
ڪين هڪ فرزند تولد ٿيو جنهن جا ٻه نالا هوا. هڪ
ميان "شاه احمد" ٻيو ميان "سراج احمد" رحمت الله عليهم اجمعين.

٣

حضرت معصوم ثاني جن جو ٽيون فرزند حاجي حضرت
شاه نور الدين صاحب جي نالي سان هو. ڪين هڪ فرزند
بنام حضرت شاه نور الدين پيدا ٿيو. بنام بدر الدين جي

جو ٽيون حضرت قطب الاقطاب ميان عبدالقدوس صاحبجو
ڪين هڪ فرزند تولد ٿيو - جنهن جو فرزند حضرت محمد معصوم ثاني
جو حضرت شاه عزت الله صاحب جي نالي سان هو -
مون صاحب اول سلوڪ طريقت جو پنهنجي والد صاحب کان حاصل
ڪيو ۽ پنهنجي والد صاحب جن جي حڪم موجب پنهنجي وڏي ڀاءُ
حضرت شاه غلام محمد صاحب جن کان اعلا درجات ۽ ڪمالات
حاصل ڪيائون - خلق جي تمام گهڻي رجوعات هين ۽ سندن
سخاوت ضرب المثل هئي - تاريخ ۱۲ ربيع الاول جي عابل
شهر ۾ وفات ڪيائون - احمدخان ابدالي جو سندن خاص
مريد هو شهر کان ٻاهر سندن مزار مبارڪ ڪئي ۽ مسجد ۽
ڪوه ۽ احاطه مزار جي مرتب ڪيو - وقت جي بادشاه
تيمورشاه دراني هڪ باغ جيڪو مزار شريف جي قريب هو
گلاب باغ جي نالي سان مشهور هيو سو مزار لاءِ وقف
ڪيو - سندن خاص مريد احمدخان " وصيت ڪئي ته منهنجي

قبر حضرت صاحبن جي پيرانديءَ کي.

کين ست فرزند تولد ٿيا - نمبر پهريون شاهه بيگ "نالي هو
جو پاڻ کنڌ ۾ مسند آرا ٿيو نمبر ٻيو فرزند "شاهه نواز
صاحب جي نالي هو هي به پاڻ ظاهري صورت ۾ پنهنجي
والد شريف جي مشابه هوا - نمبر ٽيون حضرت حافظ
عباس صاحب نمبر چوٿون حضرت ميان الياس صاحب
نمبر پنجون حضرت ميان عليم الله صاحب نمبر ڇهون حضرت
سائين نعمت الله صاحب نمبر ستون ميان حضرت رحمت الله
صاحب هو - رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين ٥

حضرت شاهه محمد معصوم ثاني ءِ جن جو ڇهون نمبر فرزند
جناب قطب الاقطاب حضرت پير محمد صادق صاحب آهي - پنهنجي
پنهنجي والد کان سلوڪ ۽ اخذ طريقه حاصل ڪري ڪمالات تي
پهتا علم ديني ۾ ڪامل مڪمل هوا - خلق الله فيض
مان فيضياب ٿيا - سندن عمر مبارڪ ٦٣ ورهيه هي

لشاوھ ۾ رحلت ڪيائون - ڪين ٽي ۳ فرزند تولد ٿيا -

نمبر۱ حضرت ميان محمد اسحاق صاحب نمبر۲ حضرت ميان غلام محمد الزمان

نمبر۳ حضرت ميان محمد يعقوب صاحب - رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين

حضرت شاه محمد معصوم ثاني جو ستون ۷ نمبر فرزند ميان

عبدالاحد صاحب مشهور بنام ميان ڪالو جيو ٿيا - ڪين

چار فرزند تولد ٿيا - نمبر۱ ميان غلام الرسول صاحب

نمبر۲ ميان غلام حيدر صاحب نمبر۳ حافظ ميان عبدالحميد صاحب

نمبر۴ ميان فضل الله صاحب - رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين

حضرت شاه معصوم ثاني جو اٺون ۸ نمبر فرزند بنام

حضرت بشير الله صاحب آهي - عين جواني ۾ لاولد

وصال ڪيائون - سندن مريد ۽ معتقدين ڪوهستان

سنجراب ۽ ڪابل ۾ گهڻا هوا - سندن وفات کان پوءِ مريدن

حضرت قيوم جهان ڏانهن رجوع ڪيو - سفر وفات حضرت آيات

سفر ۾ لاهور ۾ ٿي پيو - سندن جنازو مبارڪ سرهند

شريف ۾ ٻچيالو ويو - ٻنهي والد صاحب جي گنبد کان ٻاهر مدفون ٿيا
رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين - حضرت بشر الله صاحب ۽
حضرت شاه فضل الله صاحب جي ناني صاحب ۾ حضرت قيوم جهان
المڪني جن هڪ والده صاحب جي پيٽ مبارڪ مان هوا -
هاڻي بيان ۾ احوال مجدد مائة ثالث عشر غوث الجن
والبشر قطب الزمان قيوم جهان زبدة اهل الله حضرت
حاجي شاه محمد صفي الله صاحب رضي الله تعاليٰ عنه
جن جو ڪجهه ٿو - حضرت جن سنڌ ۾ مشهور بنام
(حرووه) آهن - راقم الحروف عاجز ۾ حضرات ڪابل
حضرت نور المشائخ مشهور حضرت شير آغا صاحب سنڌ
اولاد مان آهيون سنڌ ۾ فقط هڪ راقم الحروف جو فرزند
اولاد مان آهي - فرد

مثنوي را چون تو مبدء بوده   گر فزون گردد تواش افزوده

حضرت جن نالو مبارڪ حضرت شاه محمد صفي الله صاحب آهي

۾ مشهور حضرت "قيوم جهان" سان آهي - ادب خاطر سندن بابت ۾ نالو مبارڪ "قيوم جهان" سان لکيو ويندو، فرد

هزار بار بشويم دهن بمشڪ و گلاب

هنوز نام تو گفتن ڪمال بي ادبي ست

پاڻ حضرت جن نمبر نائون حضرت شاه معصوم ثاني جا آهن - سندن ولادت باسعادت ۲۸ جوتين ذوالقعد سنه ۱۰۵۶ھ سرهند شريف ۾ ٿي - سندن والد صاحب جن کان منقول آهي ته جڏهن ڏينهن پاڻ تولد ٿيڻ وارا هوا ته حضرت معصوم ثاني جن کي واقعه ۾ زيارت حضرت ابوالبشر يعني حضرت آدم علي نبينا عليه الصلوات و سلام سان مشرف ٿيا - جناب حضرت ابوالبشر عليه الصلواة والسلام جن کين بشارت ڏني ته سياڻي توهان جي گهر فرزند تولد ٿيڻو آهي - جو عجوبه روزگار ۽ برگزيده درگاه ٿيندو - ۽ سندس آباء اجداد

جوارث ٿيندو. ۽ سارو جهان سندن فيض سان منور
ٿيندو. سندن قدوم مبارڪ ۾ غنيمت جاڻي مٿن مڄو
نالو رکو. جڏهن حضرت جن جي اکه مبارڪ ننڊ مان بيدار
ٿي ۽ صبح جو وقت هو وضو کان فارغ ٿي فريضهءِ نماز
ادا ڪري خانقاه معليٰ ۾ جماعت فقرا سان مراقبه
۾ مشغول ٿيا. ڪين ظاهر ٿيو ته ڪعبهءِ حسنيٰ سندن گهر
۾ نزول فرمايو آهي. ۽ ڪعبه شريف فرمائي ٿو ته تهنجي
فرزند مولود جي زيارت لاءِ آيا آهيون اهڙي رويت ۾
هوا ته حرم سرائي مان هڪ خادم اچي ڪين بشارت
۾ مبارڪ ڏني ته حضرت! اوهان جي گهر فرزند تولد ٿيو
آهي. پاڻ حضرت پيءِ درپيءِ بشارتون محسوس فرمائي
هڪدم حرم سرائي ڏانهن روانا ٿيا اچي نومولود فرزند کي
کيم ۾ کڻي پيشانيءِ مبارڪ تي چمي ڏيئي ڪنن ۾ اذان
۽ اقامت پڙهيائون. منقول آهي ته جڏهن نومولود

تڪبير جو آغاز ٿيو ته پنهنجا جيب به تڪبير ٻُڌڻ جو ريا.
سينيءَ مان ٻين نومولود ڪان تڪبير ٻُڌي تعجب ڪيو.
بعد از تڪبير ٻُڌڻ والده صاحبه کي جيڪي پاڻ تاثر
حاصل ٿيو سو هو اُن سان مفصل طرح ٻُڌايائون ۽ انهيءَ
راز کي مخفي رکڻ لاءِ تاڪيد فرمايائون ۽ چيائون ته هي
نومولود هڪ عجائبات زمانه جو ٿيندو ۽ خلق الله تعالىٰ
هن جي فيض مان فيضياب ٿيندا - ۽ مون کي فقط هن جي
ڄڻڻ لاءِ قدرت الاهي ڪتب ڪيو هو. جڏهن ته هي تولد
ٿيو هاڻي مان پاڻ کي هن جهان ۾ نٿو ڏسان. هنن
والده صاحبه کان منقول آهي ته هن صاحبزادي جي
تولد ٿيڻ وقت جيئن ٻين ٻارن جو دستور آهي ته ماءُ
جي پيٽ کان ٻاهر اچڻ سان دستور موجب روئن ٿا.
مگر هن مهجي صاحبزادي ٻاهر اچڻ سان اول فصيح زبان
سان اسم "الله" جو لڳي دفعو چيو ۽ ٻارن جي دستور نه.

مطلب ته رب تعاليٰ اجهاڻا نه ڪين جهڙي جا مر فرمايو -
سنڌن والده صاحبه جن فرمائيندي ٿي ته - هن فرزند کان
ننڍپڻ ۾ جيڪي عجائبات اسرار الاهي ڏسڻ پيڻ ۾ آيا
اهن جو اظهار ڪرڻ کان ٻاهر آهي. مبادا ڪو نه مڃي هن ڪري
مخفي رکيا ويا آهن - فرد

عرض نادادن زحالات تو حالى ديگرست
چهرهٔ پوشيده حالان را جمالى ديگرست

سنڌن والد صاحب حضرت معصوم ثاني قدس سره جن
جيڪي زمانه طفوليت ۾ پنهنجي هن فرزند ڏانهن توجهات
ڪيا آهن تن لاءِ خود حضرت قيوم جهان رضي الله تعاليٰ
عنه جن ديباچهٔ "مخزن الانوار صفي احمدي ڪشف
الاسرار المجددي" ۾ بيان ڪيو آهي ته حضرت والد
صاحب جي حيات صوري ۾ اگرچه هي فقير ننڍو هو
ته به حضرت جن توجهات اسرار الاهي ذره جيتري به

کوتاهي نه فرمايائون. ۽ بشارات عاليه ۽ اشارات متعاليه کان مون کي سرافراز فرمائيندا رهيا. اگرچه مجهي نندڍي ۾ حضرت والد صاحب جن وصال فرمايو. مگر مطابق هن شعر جي اسان ۾ ڪا به جدائي نه آهي. فرد

نيست امروزي ميان ما وجانان اتحاد

بلبل ما را بطفلي چوب گل گهواره بود

اهڙي طرح حضرت شاه عروة الوثقى رضي الله تعالى عنه جن به سندن لاءِ اڳ ۾ گهڻيون بشارتون ڏئي ويا آهن. خود حضرت قيوم جهان جن جا ڪي بشارتون سندن حق جون فارسي شعر ۾ منظوم ڪيون آهن. انهن مان ڪجهه تبرڪا هت لکجن ٿيون وهو هذا.

عروة الوثقىٰ به آن شه والمود | بهر اين مسکين بشاراتي که بود

گفت کز نسل تو آيد در وجود | بو العجب فردي بالطاف ودود

کو يگانه عصر خود باشد چو من | بل خليفه حق بود اندر زمن

بر همه ذراتِ عالم ز اهرِ هو — همچو خور تابنده باشد نور او

از محیطِ فرش تا عرشِ علا — جمله زو یابند ارشاد و هدیٰ

اندرین دیرِ کهن زان نامدار — در وقوع آید عجائب روزگار

ای خدائی پاک چون هر حال — دستگیر و هم نمائی بے گمان

این صفی بے چارهٔ مسکین گدا — دارد امیدِ عطائی منتها

حاملِ بارِ امانت شد جبل — لطف کن از قوتش آور به فعل

بجيل

هي وقيرو و ڏو آهي نه ته فقط ايترو اختصارا لکيو ويو.

بابت حضرت قيوم زمان جن فرمائن ٿا ته منهنجي

ڏٺي نظر ۾ عجيب معامله اهڙو هو. ظهور ارواح طيبه

۽ ملاقات صلحاءِ قوم جن اکثر وقوع ۾ ايندا هيا

هڪ ڏينهن عمر طفوليت ۾ منهنجي چوکرن سان گڏ

شهر لاهور کان ٻاهر ويا سون. هڪ بيري وڻ تي آءُ

چڙهيس ۽ ڇوکرن لاءِ بيرَ ڇڻي ڏنم ته اوچتو

هِڪ اُن سِکن جي قوم جا سوار اچي ويا، جيڪي ان وقت مسلمانن سان مخالف جنگ ۾ هوا. ڇوڪرن جڏهن سِکن سوارن کي ڏٺو ته خوف مان شهر ڀڄي ويا. ۽ مون کي ڇوڪرن جي ڀڄڻ خبر نه پئي. جڏهن گهڻا پير گذري ڇوڪرن کي سڏيم ته پيرو نه ڇوڪرن ڇيو ته اڇلائو. مون ڏٺو ته اهي ڇوڪرن جي وات مان ٻاهه جا اُلا ٿي نڪتا. حيران ٿي ڇوڪرن کان پڇيم ته اوهان کي ڇا ٿيو آهي. جو اوهان جي وات مان ٻاهه جا اُلاءِ ۽ شعلا ٿا نڪرن. ڇوڪرن چيو ته اسان سڀ جڏهن جو اولاد آهيون. جڏهن ته اسان لئي ڇوڪرا سکن کي ڏسي اوهان کي اطلاع ڏيڻ کان سواءِ هتان ڀڄي ويا تڏهن اسان اوهان جي خدمت ۾ حفاظت لاءِ آيا آهيون حضرت تميم جهان جن ٻاڻ فرمائين ٿا ته هڪ دفعه نندڙپڻ ۾ لاهور شهر کان اڪيلو هڪ جنگ ۾ نڪتس

تہ ڏٺم تہ ھڪ شينھن منھنجي پٺيان ھلندو ٿو اچي.
۽ جيڏانھن مان ٿي وليس اوڏانھن ھو بہ ھلندو ٿي آيو
منھنجي دل قوي ھئي ۽ مون کي ڪو بہ خوف نہ ھو. جڏھن
مان جھنگل کان ٻاھر نڪتس تہ اھو شينھن موٽي ويو.
جاتم تہ ھو منھنجي حفاظت لاءِ ٿي آيو....
وري فرمايائون تہ ھڪ ڏينھن گھوڙي تي سوار ھوس ۽
مون سان خادم بہ ساڻ ھوا. رستو جھنگل ۾ ھو
اسان ھلندا رھيا سون تہ اوچتو جنھن گھوڙي تي مان
سوار ھوس ھڪدم بيھي رھيو ۽ اڳتي نہ ٿي ھليو. ڏٺم
تہ ھڪ شينھن اسان تي حملو ڪرڻ لاءِ اچي رھيو آھي
جڏھن منھنجي نظر ان شينھن تي پيئي تہ ھڪدم لوٽي ويو
جاتم تہ رب تعالیٰ جو حفظ مون شامل حال آھي. مصرعہ

وآن را کہ تو رهبري کس باکش نيست

اھڙيون ئي ننڍيون وڏيون سندن ڪيتريون ئي ڪرامتون آھن.

جيڪڏهن اُهي سڀ لکجن ته هڪ ڪتاب پرجي وڃي -
جڏهن سندن عمر مبارڪ ڇهن سالن جي ٿي ته سندن والد
صاحب حضرت معصوم ثاني رحمت الله تعالیٰ عليه جن رحلت
فرمائي - نسبت جي امانت اجمالاً ڪين پنهنجي والد صاحب
کان حاصل ڪئي - حضرت معصوم ثاني قدس سره جن جي
رحلت بعد ملڪ ۾ امن نه رهيو ته حضرت قدوة الاولياءَ
شاه غلام محمد صاحب عليه الرحمت جن سرهند شريف کان
هجرت ڪري ساري خاندان سميت لاهور آيا. ۽ پوءِ
جيئن جو حضرت جن جو ڇهه مهينا لاهور ۾ ۽ ڇهه مهينا پشاور
۾ رهڻ ٿيندو هو - جيئن مٿي ذڪر ڪيل آهي. اهڙي طرح
حضرت قيوم زمان جن به پنهنجي وڏي ڀاءُ سان گڏ هوا-
بقيه سلوڪ بالتفصيل پنهنجي ڀاءُ کان حاصل ڪيائون
جهڙي طرح ان جو ذڪر پنهنجي هڪ رساله ۾ ڪيو اٿن. حضرت
شاه غلام محمد صاحب پنهنجي والد صاحب جي وصيت جب

باقي رهيل سلوڪ جا انتها تائين ڪين سپرد ڪيائين. بابت حضرت
قيوم جهان فرمائيندا هئا ته ننڍپڻ ۾ جيڪو به مرض ٿيندو هو
انهي بابت تشخيص ڪري ان جو علاج ڪندا هوس. ڪنهن
به حڪيم يا طبيب جي محتاجي نه هوندي هئي. رب تعالى
جي مهرباني سان مون کي ان علاج مان فائدو ٿيندو هو
حضرت شاه غلام محمد صاحب جن جي رحلت لڳ ڀڳ سڀني حضرات
مجددين ۾ پراڳندگي ٿي هئي حضرت جن جي معتقدين
ڏانهن هليا ويا ڪي حضرات افغانستان کي رامپور،
پٽيالا، دکن هليا ويا ته حضرت قيوم جهان به لشادرڪان
افغانستان جي شهر ڪابل ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا.
جتي عنايت بي غايت رب تعالى جل شانه جي سائين
شامل حال ٿي ۽ سندن سينه مبارڪ ۾ عشق الاهي جو
شعلو موجزن ٿيو. بابت لکن ٿا ته حضرت معصوم والد ماجد
رضي الله تعالى عنه جي رحلت ڪري جدا ٿيس ته ڏاڍو

متفڪر ۽ غمگين رهندو هوس - ۽ سندن فراق ۾ زار زار
جو ابر نوبهار گريان هوندو هوس - ۽ جماعت ۽ عزيزن
هٿان سينه بريان رهندو هوس - جو من کي هر وقت ٽوڪ
سان مجروح ڪندا هوا - جو آءٌ يتيمي ڪري بيوس هوندو
هوس - انهيءَ حالت زار ۾ ڪيترا سال رهيا - تان جو عنايت
ازلي حضرت لايزالي جلشانه جي شامل حال ٿي جو ارواح
طيبه روح الله روحهم تائين هيڪس ۽ طريق اندراج النهاية
في البداية سندن برڪات سان حاصل ٿي ۽ اجازت تلقين
طريقه عاليه جي مون کي عطا ٿي - الحمد لله على ذالك
حمدًا ڪثيرًا طيبًا مباركًا فيه ومباركًا عليه - تم كلامه
مخفي نه هجي ته معاملات مذڪور جيڪو ٿيو سو مزيد عشق الاهي جو
هو ورنه حضرت حق تعالى جلشانه کين طريقه عاليه ۾ بلند
درجو عطا ڪيو هو - لهٰذا جي ڪو رتبو رب تعالى جلشانه کان

کين حاصل ٿيو سو قيوميت جو آهي. (نوٽ) اميد ته انشاءالله تعاليٰ قيوم بي معنيٰ ۾ درجه رساله جي آخر ۾ لکندس. جنهن عوام کي خبر پوي ته قيوم جو درجو ڇا آهي. حضرت قيوم جهان جو مرتبو ۽ مناقب لکڻ کان ٻاهر آهن. هت فقط اختصاراً ڪجهه لکيو ويو آهي. فرد:

وصفِ حالاتش نيايد در شمار عاجزم گر يک بگويم از هزار

معلوم ٿئي ته حضرت جن ملتان ۾ ٻي دفعه عشق الاهيءَ جا ڪيفيات آيا آهن - هن دفعي جذبا عشق الاهيءَ جي مدهوشي ۽ مستي سفر ترڪستان ۾ متي واقع ٿي هئا انتها کان ٻاهر ٿي. ۽ جذبو ۽ ڪابل ۾ ٿيا ته هيڪاڻي وڌيڪ ٿي - پاڻ هڪ دم هڪ حرم سرائي جي حجري ۾ گوشه نشين ٿي رهيا. رات ڏينهن گريه زاري ۾ گذرندي هئي. حتيٰ ته مريدن کي گهرائي چيائون ته مون تي هڪ حالت آئي آهي تنهنڪري اوهان مون کي مجذوب جاڻي ڪنهن ٻئي سالڪ وٽ وڃو

نگر مريدن ۽ معتقدن جيڪا چاشني وتائن حاصل ڪئي

هئي سا ياد ڪري توڪل ڪري خانقاه ۾ ويهي رهيا. فرد

تو خواهي آستين افشان و خواهي دامن اندر ڪش
مگس هرگز نه خواهد رفت از دڪان حلوائي

انهيءَ مدهوشيءَ جي حالت جيڪو اسباب سندن گهر ۾ هو
سو سارو گهرائي فقرائن کي ڏئي ڇڏيائون ۽ جيڪي هن
وقت جي بادشاه کان ڪين مليا هوا سي به سڀ موٽائي بادشاه
ڏانهن ڪلي ڇڏيائون. آخر ۾ ڪين خيال ٿيو ته جناب حضور
سرور ڪائنات صلي الله تعالى عليه وآله وصحبه وسلم جن
جا ڏند مبارڪ معرڪه احد ۾ شهيد ٿيا آهن. تن ڪري
پنهنجا سمورا ڏند به پٿر هڻي ڪڍي ڇڏيائون. ڏند تمام
مضبوط هيا تن ڪري ڪين انهن جي ڪڍڻ ۾ حد کان زياده
تڪليف ٿي. انهيءَ حالت ۾ هوا نه رب تعالى ٻمل شانه جي
عنايت سان ڪين حضور سرور ڪونين ۽ شاه دين و دنيا

صلي الله تعالى عليه و آله و اصحابه و بارڪ و سلم جن جي زيارت
مان فيض بشارت حاصل ٿي - حضور اڪرم صلي الله عليه و سلم
جن وڏي شفقت سان تسلي ڏني - ان ڏينهن کان
پوءِ مونکي والد شريف جي ڏنالون اعليٰ حضرت معصوم ثاني جي)
تي توجهه بالمثني بيان ڪن - وري ٻن ڏينهن کان پوءِ جناب
حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن جي ڏنالون
تي نسبت خاصه جو القا بيان ڪن. اهڙي طرح روز بروز
ترقي حاصل ٿيندي وئي - وري ٻيهر زيارت حضور
سرور ڪائنات صلي الله تعالى عليه و آله و صحبه و سلم
جن جي ڪين عطا ٿي - حضور جن فرمائين پيا ته مونکي
ٻن ڏينهن کان پوءِ شوهو - هاڻي الحمد لله بالڪل
صحت ڪامل عطا ٿي آهي - سبحان الله ڪيتري نه محبت
حضور جن عليه الصلواة والسلام سان سندن هئي جو خود
حضور جن عليه الصلواة والسلام جن سندن ڪيفيت ٻڌي ڏي

منسوب ڪن ٿا - مگر اهان به ارشاد نه ٿي فرمايائون -
ته ان جو هڪ رات يا ڏينهن رب تعالى جي فضل ۽ ڪرم سان
قيوميت جو تاج منهن سر مبارڪ تي مزين ٿيو - اُن تاج
۾ اهڙا ته هيرا جواهر ۽ ياقوت هوا جو جنهن ڪري هڪ هڪ
جواهر دنيا ۾ اچي ته ساري ڪائنات نهايت منور ٿي وڃي
۽ ٻيو هڪ طوق به ڏنائين لعل لولو ته جيڪو به فرد اوهان جي
رتبه قيوميت کان انڪار ڪندو ته هي لعنت جو طوق
اُن جي گردن ۾ اچي - ۽ ٻين بارگاه حضرت رب العزت
جل شانه کان حڪم مليو ته ارشاد حقاني سان مخلوقات
کي سرافراز فرمايو - جڏهن اها بشارت ٻين عطا ٿي ته
اول اول ٻي ٻي صاحبه جيڪا منهن يا ٻنهي ۽ والده صاحبه
حضرت شاه فضل الله صاحب جن جي هوئي - اُن کي
گهرائي توجه القائي خاص لا نسبت نقشبنديه مجدديه رضوان
الله تعالى عنهم فرمايائون ۽ ڏنجي ساري ماجرا اول کان آخر

تاءِ حضرت بي بي صاحبه موصوفه کي بيان فرمايائون - ان کان
بعد حرم سرائي کان نڪري خانقاه طرف فقراءُ ذالطف
تشريف فرمائيا - خانقاه جي دروازه تي حضرت خواجه
حبيب الله صاحب جو مندن والد حضرت محمد معصوم ثاني رح
جو خاص ۽ معتمد خليفه هو. بيٺل ڏٺائون - خواجه
صاحب سلام بعد ڪين درجه قيوميت جي مبارڪبادي ڏني
ڪيئي ۽ چيائين ته مون کي بيان ڪرڻ جي طاقت نه آهي
مگر حڪم موجب مبارڪبادي عرض ڪيم - پوءِ حضرت
جن خانقاه ۾ تشريف فرمائيا ۽ سڀ مريد جيڪي انتظار
۾ هوا تن کي گهرائي سارين حالات کان واقف فرمائي
سندن لاءِ توجهات فرمايائون - سڀني مريدن رب تعالیٰ
جل شانه جا شڪرانا بجا آندا ۽ مجلس ميلاد ۾ مشغول ٿيا. فرد

جمله عالم شد ازان مئي در سرور
جز که خفاش عدوئي ديده ڪور

سندن ارشاد مبارڪ ايتري قدر تابناڪ ٿيو جو سارا ملڪ منوّر
ٿي ويا. ۽ مخلوق الٰهي جوق درجوق هر طرف کان ايندا رهيا.
۽ هر ڪنهن پنهنجي استعداد ۽ قدر آهر فيض حقاني حاصل ڪيو
حضرت شاهه فضل الله صاحب جن فرمايو ته فقير هن وقت
امر تي قلبي يقين سان ظاهر ڪري ٿو ته مثل هن جهڙي
اهل الله ۽ صحبت الله جي ڪا حضرت صاحبن جي مجلس ۾ آهي
جيڪڏهن ساري جهان ۾ ڳولجي ته اهڙو فيض ملڻ محال آهي
۽ ٻين جي مشيخت هڪ ٻارن جي راند آهي. مطلب ته
حضرتن جي فيض سان سارو جهان منوّر ٿي ويو. انهن
جا بيان لکي سگهبو. قلم قاصر آهي. بقول حافظ شيرازي

فرياد حافظ اين همه آخر بهرزه نيست
هم قصهٔ عجيب و حديث غريب هست

ڪين رب تعاليٰ جل شانهٗ جي درگاهه عاليءَ مان هي بشارت ملي
ته سڀاڻي روز قيامت ۾ امت اهل عيال جي شفاعت پنهنجي حوالي

تيزي - ان ڏنيه پاڻ شڪرانه ۾ وڏي خيراتڪيائون

۽ گهڻا نقد يا فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ايثار ڪيائون ته

(وَاَمَّا بِنِعۡمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثۡ) ۽ ٻڌڪين ننهنجن

اجدادن وانگر بي بشارت هيءَ عطا ٿي ته -

غَفَرۡتُ لَكَ وَلِمَنۡ تَوَسَّلَ بِكَ اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيَامَتِ ۝

انشاءَ الله تعالىٰ رب تعالىٰ جي فضل ۽ ڪرم سان مون جهڙو

عاصي گنهگار ۽ سمورا مخلص مريد بروز قيامت انهيءَ

بشارت ۾ شامل هوندا سون - ۽ ڪين منهنجي بشارت ملي

ته حقيقت به عنا بجا ڪاڪي اوهان هيا سو صحيح غير آهي -

پاڻ فرمائين ٿا ته اي فقيران آهيان ته ڪي شيخ (يعني پير)

جيڪي ڪجهه ڪن ٿا سو ڪتاب ۽ سنت رسول الله صلي الله

تعالىٰ عليه وآله واصحابه ڪان مخالف آهي - الحمد لله والمنة

جيڪو معارف مون کي رب تعالىٰ جي فضل و ڪرم سان عطا

ٿيو آهي سو مطابق ڪتاب الله تعالىٰ ۽ مطابق سنت

حضور سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وآله وصحبه وسلم جي
مطابق عطا ٿيو. جيئن ابتدائي عمر ۾ ۽ وچ عمر ۾ ۽ انتقال جي وقت
پاڻ حضرت قيوم زمان روحانيت منهنجي والد صاحب جي (اويسي)
آهن ۽ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن جي روحانيت
کان پڻ اويسي) آهن. ۽ جناب حضرت اقدس نبوي صلي الله
تعاليٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جن کان پڻ اويسي آهن.

۽ اخذ ڪمالات حضور سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وآله
وصحبه وبارڪ وسلم جن کان عطا ٿيل اٿن -

سندن تصنيفات ٽي (۳) رسالا آهن -

(۱) پهريون رسالو آداب الاسرار سنه ۱۱۷۶ھ ۾ آغاز جوانيءَ ۾ تصنيف فرمايو اٿن

(۲) ٻيو رسالو مخزن الانوار صفي احمدي المسمىٰ به مخزن الانوار
احمدي في ڪشف الاسرار المجددي" آهي - هن ۾ بيان
سلوڪ جي هر چهار طريقه جا آهن - هي رسالو ڪامل ۾
تصنيف فرمايو اٿن. سنه ۱۱۹۸ هجري ۾ -

۽ سئون رسالہ منظوم المسمیٰ بنام "چھارجونجي" هونگھن طريقہ
لائق سندن نالو لکيو اٿن - طريقہ نقشبنديہ قدس اللہ تعالیٰ اسرارهم
کي مثال "ٺھرڪير" جو ڏنو اٿن ۽ طريقہ اکابر قادريہ رضي اللہ
تعالیٰ سبحانہ عنھم کي مثال "ٺھرماکي" سان ڏنو اٿن ۽
طريقہ حضرات چشتيہ کي قدس اللہ تعالیٰ اسرارهم کي "ٺھرٺھر"
سان تشبيہ ڏني اٿن ۽ طريقہ حضرات سهروورديہ کي
"ٺھرباڪ" سان تشبيہ ڏني اٿن - رضوان اللہ تعالیٰ عليھم اجمعين
ٻو ٻين رسالہ حد اختتام تي نہ ھيتو اگرچہ سندن عمر مبارڪ وڏي
مگر خلق اللہ سان گھڻي مصروفيت سبب رھجي ويو - ان جا
مجموعا باب اول وارا ڪتاب عمدة المقامات ۾ ذڪر ڪيل آھن
سندن عادات مبارڪ ۽ عبادات، اڪل، لبس حتى للمقدور
سنت رسول اللہ صلی اللہ تعالیٰ عليہ وآلہ وصحبہ وبارڪ وسلم"
جي مطابق ھوندا ھوا - ۽ وظائف رات خواہ ڏينھن جا بہ
مطابق سنت جي ھوا، نفلي روزن لاءِ سندن ۾ عادت

مقرر هئي ته هر هفتي ۾ چار ڏينهن روزي ۾ گذاريندا هئا ۽
ٻه ڏينهن افطار ۾ - سومر، آڱاري، اربع، خميس،
روزي ۾ هوندا هئا ۽ جمعه - ڇنڇر - آچر افطار ۾
هوندا هوا ته جمعه جو ڏينهن عيد جو ڏينهن آهي - ۽ سندن
لباس به عين مطابق سنت جي هوندو هو. ۽ بدعت کان
متنفر هوندا هوا - ۽ صاحب بدعتي کي پنهنجي مجلس ۾ نه
ويهڻ ڏيندا هوا. اغنياء ۽ بادشاهن جي صحبت کان هميشه
پرهيز ڪندا هوا - افغانستان جي وقت جي بادشاهه تيمور شاهه
پنهنجي مرض الموت جي وقت استدعا ڪئي ته مون کي زيارت کان
مشرف فرمايو مگر پاڻ انڪار ڪيائون . پاڻ اذن رباني
جا مامور هوندا هوا . هر قسم جو ڪم بنا اذن الله تعالى
نه ڪندا هوا - ڪنهن ڪافر هندوءَ کي پنهنجي مجلس ۾ اچڻ
نه ڏيندا هوا - جڏهن ڪنهن ڪم لاءِ ٻاهر نڪرندا هئا ته پنهنجي
چهره مبارڪ تي چادر مبارڪ وجهندا هوا ته متان ڪنهن ڪافر

تي نظر نه پوي - اتفاقاً جيڪڏهن ڪنهن ڪافر تي سندن نظر
مبارڪ پئجي ويندي هئي ته هو آخر ڪلمه اسلام جي دائره ۾
ايندو هو. حضرت صاحبن جون حد کان زياده ڪرامتون
آهن. جنهنکي شوق هجي ته ڪرامتون ڪتاب عمدة المقامات ۾
ڏسي سگهي ٿو.

ذڪر حضرة قيوم زمان جي مريدن خليفن جو
(رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين)

سندن مريدن جو ڪو ڳاڻيٽو نه هو. مگر سندن خليفا به گهڻا هوا
هيٺ ڪن جن جو ذڪر ڪبو.

(۱). بي بي صاحبه جن کا سندن پاڻجي ۽ جناب حضرت فضل الله
صاحب ۽ حضرت ضياء الحق صاحبن جي والده صاحبه آهي
رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين - بي بي صاحبه جو رتبه
اعليٰ آهي - جو خود حضرت قيوم زمان سن فرمائيندا هئا ته
اگرچه ظاهري صورت انسان جي جدا آهي مگر حقيقت انسان
جي ڪنڊيل آهي. ان مان بي بي صاحبه جو رتبه ظاهر آهي

اميد ته حضرت بي بي صاحبه موصوف جن جو مجموعو احوال هن رساله

جي آخر ۾ لکندس ممڪن ٿيو. جناب حضرت فضل الله صاحب

نمبر ٣ سون جناب حضرت ضياء الحق صاحب نمبر ٢ چوٿون

جناب حضرت مخدوم محمد ابراهيم صاحب ٺٽوي آهي.

رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين ٥

جناب حضرت شاه فضل الله جي جو مرتب ڪيل ڪتاب

"عمدة المقامات" مان ظاهر آهي. جناب حضرت ضياء الحق

صاحب جو حضرت شهيد جي نالي سان مشهور آهي.

ان جا احوال ۽ ذڪر خير جناب حضرت آقا ميان غلام الرسول جان

صاحب مشاڙي واري پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي، ۽ اهو ڪتاب

ڇپيل آهي. مخدوم صاحب حضرت محمد ابراهيم صاحب ٺٽوي

سندن و ڏو ڪامل ڪمل خليفو هو. مخدوم صاحب جن جي

هم مريدن وٽ ڏيل هوا ۽ اتي سندن وفات ٿي.

سندن قبر مبارڪ شهر "مڪلي" ضلع ٺٽي ۾ وڏي گنبد ۾

احاطو سان آهي، حضرت قبله مرشديم صاحب رحمت الله تعاليٰ
عليه جن پنهنجن خوابن مان هڪ خواب مخدوم صاحب جو لکيو آهي
اهو خواب جناب حضرت سائين شاه آغا صاحب رحمت الله عليه
جن حضرت مرشديم صاحب جن جي ذڪر احوال ۾ ڪتاب
مونس المخلصين ۾ لکيو آهي، مخدوم صاحب جي گنبد مبارڪ
جي نيل مٿان جيڪڏهن ڪو به پرندو آيو ته هڪدم نور تجليٰ
رباني ۾ ڪري مري ٿو وڃي - مخدوم صاحب جن جو رتبو
هن مان معلوم ڪجي ته جڏهن حضرت قيوم زمان جن حج
جي ارادي سان سفر دريائي ۾ روانا ٿيا ته مخدوم صاحب جن
به ساڻن همسفر هوا. ۽ حضرت جن جو انتقال ملڪ
يمن شهر حدود عرب ۾ ٿيو ته حضرت جن وصيت فرمائي
ته منهنجو نماز جنازو مخدوم صاحب پڙهائي باوجود جو حضرت
شاه فضل الله صاحب ۽ حضرت ضياء الحق صاحب جن
به ساڻن هم رڪاب هوا - انهي مان رتبي ۽ ڪماليت مخدوم صاحب

سو ظاهر آهي. حضرت حسن جا جملہ ڪامل مڪمل خليفہ ٢٨ آهن

ذڪر حضرت حسن جي آخرين حج ۽ سندن رحلت جو

جڏهن سندن عمر جا ڪي وڏي ٿي ته ڪين شوق زيارت بيت الله شريف زاده الله شرفاً و تعظيماً جو ۽ زيارت حضور پرنور سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليہ و آلہ و صحبہ و بارڪ وسلم جو از حد زيادہ ٿيو. اگرچہ پاڻ حج حوالي ۾ فرض حج ادا ڪيو هوائون. اهي آخرين شوق ۾ هي نذر ڪيائون ته جيستائين سفر حجاز بابت ڪي نه ڪريندس تيستائين گوشت نه کائيندس. ڪا ڏيئي ۾ گوشت سندن مرغوب خاطر ڪا ڌو هو. پورا ١٢ ٻارهن سال سندن ان سفر ڪي نه ڪرڻ نه ٿيو ۽ پورا ١٢ ٻارهن سال گوشت نه کاڌائون. جڏهن اهي ارادہ سان ڪابل مان روانا ٿيا ته اول منزل ۾ بي بي صاحبہ جا ٻنهي فرزندن سميت سائن همسفر هوا. بي بي صاحبہ سندن دعوت ڪئي ۽ گوشت گهڻن قسمن ۾ تيار

ڪري مزن خدمت ۾ پيش ڪيائون - ۽ پاڻ حضرت جن
الهي شڪرانو بجا آڻي تناول فرمايو - جڏهن ڪابل کان
روانا ٿيا ته نزديڪي واري رستو جيڪو غارن مان هو غارن
سو اختيار ڪيائون - ڏهن فرسنگن تي منزل اندازو هيا
۽ ٽي ڏينهن متابعت هجرت سرور دوجهان صلي الله تعاليٰ
عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جي غار ۾ ٽي هيا - ۽ ڪابل مان
به به متابعت حضرت رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وبارڪ وسلم
جي رات جو سفر ۾ نڪتا - انهي سفر ۾ انهي منزل تي
الهام ٿيو الهام رباني ٿيو ته اوهان جي نڪرڻ بعد آفات
سماويه ڪره ارض تي نازل آهي - پاڻ انهي سفر مبارڪ
۾ نوافل ۽ وظائف عادت مبارڪ کان وڌيڪ پڙهيائون
جناب حضرت شاه فضل الله صاحب جن فرمايو ته ته...
مون عرض ڪيو ته هي وڌيڪ نوافل ۽ وظائف سفر مبارڪ
جي شڪراني لاءِ آهن يا ڪو ٻيو سبب آهي - پاڻ فرمايائون

۽ بابا عمر آخري حد تي پهتل آهي. جيترو ٿي سگهي ته غنيمت آهي
جو هي فرد پڙهيائون.

در دو روزي زندگي جامي نه شد سير از غمت
کاشکي در عشق عمر جاودان مي داشتي

جڏهن شهر احمد شاهي يعني قندهار ۾ پهتا ته اتي چند
روز اقامت فرمايائون. جتي ڪيترا خلق الله داخل طريقت
ٿيا. قندهار کان بلوچستان جي رستي جڏهن قلات جي
شهر نصير خان ۾ پهتا ته اهل قلات سندن اقبال لاءِ ڪي
منزل اڳتي اچي سندن قدم بوس ٿيا ۽ وڏي تعداد ۾ خلق الله
طريقه عاليه ۾ داخل ٿيا. ۽ چار ڏينهن اتي رهيا. اهڙي
طرح هر منزل ۾ ماڻهن جو هجوم هو. قلات کان ڪوهستان جي
رستي سنڌ ڪراچي ڏانهن سفر جو آغاز ڪيائون. موزا يعني
حضرت شاه فضل الله صاحب) عرض ڪيو ته حضرت صاحب ڪن
سنڌ جي رستي سان هلجي ته خلق الله اوهان جي ارشاد

جي نور سان منور ٿيندا. پاڻ فرمايائون ته بابا عمر حيات بالڪل
گهٽ نظر ٿيا اچي. جيڪڏهن سنڌ جي رستي سان حلب تر ڪافي
وقت لڳندو. جيتري حلب تي سگهي تر ملڪ عرب ۾ پهچي
جناب شاه حضرت فضل الله صاحب جن فرمائين ته آءٌ ڀي سفر
۾ حضرت جن سان مان هڪ ڪجاوه ۾ ڪجاوه جي ٻئي
خانہ ۾ هم سفر هوس. رات تي حضرت جن کي غنودگي آئي
جڏهن بيدار ٿيا ته فرمايائون ته عجب اسرار ظاهر ٿيو جهڙوڪ
جماعت سماني ٻوارن اهل الله تعالى جي ڏٺم جو اُهي گهوڙن
تي سوار ٿيل ڏسڻ ۾ آئي. جيڪي ملڪ عرب ڏانهن راهي
آهن. سندن گهوڙن جا ڪنڌ دنيا جي گهوڙن کان وڏا آهن
۽ مجهي پالڪي ۽ اوهان جي پالڪي ڪان جدا ٿي الهن سان
وچ شامل ٿي. انهي ۾ مان معلوم ٿيو ته مون کي حياتي ۾ ته
پر ممالي ۾ زيارت نصيب ٿيندي. جڏهن مڪي اچي پهتا
تي عتباسون ته فرمايائون ته مون کي دربار ڏٺ واضح نظر آيو

جنهن مان معلوم آهي ته مخدوم وفائي جن راهه ۾ تشريف ـ ڪراچي
بندر کان درياءُ سفر ذريعي روانا ٿيو. ڪشتي ۾ سواري
بعد بندر گوادر جي قريب سخت طوفان ۽ بارش نازل ٿي
حتيٰ ڪه ماڻهن کي غرق ٿيڻ جو خوف نظر آيو. حضرت جن
ڏانهن رجوع ٿي عرض ڪيائون ته دعا ڪريو ته طوفان کان
نجات ملي. حضرت جن فرمايو ته ڀلي آهي ته پاڻ کي رضائي
الاهي جي سپرد ڪجي ۽ جيڪا به رضائي الاهي جي سا قبول ڪجي
جڏهن اهل سفينه وارن عرض ڪيو ته حضرتا دعا ڪريو ته
طوفان جو دفع ٿئي. گهڻي التجا کان بعد نهايت مبارڪ
درگاه الاهي ۾ منٿ ڪيائون اڃان سندن هٿ مبارڪ
دعا ۾ هوا ته طوفان بلڪل سرد ٿي ويو ۽ برسات بند ٿي وئي
۽ سڀ عڪس ڪرڻ مان ظاهر ٿيو. ۽ جڏهن دعا کان فارغ
ٿيا ته بالڪل امن امان هو. برابر ٻي ڏينهن ڪشتي طوفان
۾ مبتلا هوئي. ليڪن رب تعاليٰ جي فضل سان موافق

سوا مشهور ٿي ۽ عشي سلامتيءَ سان مسقط بندر تي پهتي
مسقط ۾ "قريه" ارتعب" ۾ منزل انداز ٿيا جت مخدوم
صاحب محمد ابراهيم آگي ئي مقيم هو. جيترو وقت حضرت
جن اُتي رهيا اوترو وقت ساري ڪاملن جي خدمت گاري
مخدوم صاحب جن ڪئي. اُتي مسقط ۾ حضرت صاحب جن
جي ڏندن مبارڪن ۾ سخت سور ۽ ايذاء سبب اٿيو مصلحت
ٿي ته اهي سور وارا ڏند ڪڍجن ان وقت ڏند ڪڍڻ لاءِ
جو ڪو به خاطر خواه اسباب ڪونه هو تنهنڪري ڏاڍي تڪليف
سان ڏند نڪتا مگر سندن پاڙ رهجي ويئي جنهنڪري
حضرت جن کي سخت تڪليف درپيش آئي. الغرض ايذاء
۽ تڪليف ڪري ڪين ضعف غالب آيو ۽ ضعف ۾ ڪين
غشي آئي جو ڪو وقت غش رهيا جڏهن بيدار ٿيا ته
فرمايائون ته عجيب معامله نظر آيو. پاڻ کي حضور پرنور
صلي الله تعالیٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جي حضور ۾ ڏٺم

حضور جن حلڪان زياده عنايات الهي فرمايون ۽ نسبت
خاصه نبوي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم نصيب ٿي. (لَا عَيْنٌ
رَأَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ) مطلب ته جيڪا به تمنا هوئي
اها سموري پوري ٿي - انهيءَ مان معلوم ٿيو ته هنجو وقوف
جيڏي روضه شريف تي نه ٿيندو بلڪ روحاني ٿيندو -
جڏهن مسقط بندر کان بذريعه سفر دريا (منح) بندر تي پهتا
ته اتي دريائي سفر ترڪ ڪري ۽ خشڪي جي رستي سان
يمن کان حديده بندر ڏانهن روانا ٿيا - حديده ۽ شهر
زبيده ۾ عقيدتا ته خلق الله سندن فيض کان فيضياب ٿيا -
اتان قريه هُما جو زبيده شهر کي نزديڪ هو بزرگن جي
زيارت کان مشرف ٿيا. جو مزارات بزرگان ڏٺا هو -
سفر يمن ۾ ڪفايت خوش ۽ ملڪ يمن جي گهڻي تعريف ڪيائون
هڪ شخص جيڪو ته ملڪ خراسان يعني ڪابل ۽ قندهار
جن يمن ملڪ کان مراتب ۾ وڌ آهي - حضرت جن فرمايو ته

هي حديث شريف نه ٻڌي اٿئي -

إِنِّي أَجِدُ رِيحَ الرَّحْمٰنِ مِنْ جَانِبِ الْيَمَنِ ۝

۽ ٻي هي حديث به ڪانه ٻڌي اٿئي -

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ فِيْ شَامِنَا وَ يَمَنِنَا ۝

جو ٻئي ملڪ کي افضل ٿو سمجهين - هي ملڪ عرب آهي ۽
ملڪ خراسان عجم آهي ته ان عجم کي عرب ملڪ سان ڪئن
ٿو مساوات ڏين - جڏهن سيد حيدره ته هيتا - اتي هڪ
مڪان ۾ رهيا جتي قدرتاً منزل مبارڪ به اتي ئي - اهل شهر
قدرتاً سندن مزار مبارڪ
حيدره گهڻا ان تي ٻيعت جي سعادت کان مشرف ٿيا - منزل
ارشاد مبارڪ ايترو زور ڏنو جو جيڪو درجو سالڪن کي سالن
۾ مهينن ۾ ئي مليو اهو ساعتن ۾ ميسر هو - انهي ڪري
چار پنج ڏينهن سڪونت ڪيائون - قدرت الهي جو بابت اتي
دوبارو مريض ٿيا ۽ ڪين سخت تپ لاحق ٿيو اهو ڏينهن جمعه
جو هو جو حلقه ارشاد جو ٿيو ۽ ان کان پوءِ ورو حلقه نه ٿيو -

سمورو مرض جو وقت عبد ستارهن (١٧) ڏينهن هليو مگر تپ اهڙي شدت
سان هو جو سترهن (١٧) سال جي عمر جي تہ بہ گهٽ آهي. حضرت فضل الله
صاحب جن فرمائين ٿا تہ مون ساري عمر ۾ اهڙو شديد بخار
نہ ڏٺو آهي. بيماري جي عرصہ جي چوڏهين (١٤) ڏينهن سفر درياءِ
ڪشتي جو اختيار ڪيائون. سيٺ مخلص عرض ڪيو تہ سفر
جو وقت ڪافي آهي. جيڪڏهن ڪجھ وقت رهو تہ رب تعاليٰ
صحت عطا فرمائي تہ پوءِ اهو سفر اختيار ڪجي. پاڻ فرمايائون
تہ ڪهڙي مصلحت ڪان منتي ڦي ويو آهي؟ هي بيت پڙهيائون -

رند عالم سفر با مصلحت بيني چہ ڪار
ڪار ملڪ ست آنڪہ تدبير و تحمل بايدش

بهرحال جيڪي بہ شيون آهن اڳتي هلي تہ هلڻو. ارادة الله
تعاليٰ پوري ٿي ڪهڪي مانع نہ ٿي آيا جمعہ ڪري پوري بہ ڏينهن
بندر تي رهي ويا. ڪشتي جي ناخدا عرض ڪيو تہ صبح جي
علي الصباح لنگر کڻي روانا ٿيندا سون. حالي جيئن حڪم!!

پاڻ فرمايائون ماشاء الله على الصباح روانو ٿجي -
انهيءَ رات حضرت شاه فضل الله صاحب کي فرمايائون ته
اڄ رات مون کي اڳين راتين کان فرحت ۽ آرام آهي - مرض
پنهنجو ڪم پورو ڪيو - بي بي صاحبه حضرت شاه فضل الله صاحب
جن جي والده صاحبه جيڪا حضرت صاحبن جي بيماريءَ سبب
پاڻ به غم ۽ الم سبب مريض هئي - هيءَ ڳالهه حضرت جن
جي ٻڌي بستري تان اٿي مشڪل سان حضرت جن وٽ
آيا ۽ پنهنجو هٿ مبارڪ حضرت جن جي پيشاني مبارڪ تي رکي
تسلي لاءِ چيائون ته پيشانيءَ تي ٿڌڪ آهي اميد ته جلد
شفا جو هوندو - حضرت جن پاڻ مرڪي فرمايو ته اوهان
جي زبان مان شفا جو لفظ آيو آهي - اميد ته شفاء آخرت
جي ٿيندي پوءِ جيڪي به هم سفر هوا تن کي گهرائي دعائون
ڪري موڪلايائون ۽ فرمايائون ته مون تي رفيقن جو قرض
اٿ سو آهي ڪو به رفيق اهو قرض پاڻ تي ادا ڪري ۽

مون کي آزاد ڪري ته نبي ﷺ صاحب جن فرمايو ته اهو قرض آءٌ
ڏيندس ۽ قرض دارن اهو قبول ڪيو. پوءِ دعا مبارڪ لاءِ هٿ
کڻي نبي ﷺ صاحب جي حق ۾ دعا گهرڻ ڪيائون. جڏهن اڌ
رات ٿي ته پاڻيءَ جي طلب ڪيائون جڏهن پاڻي آندئون ته
پاڻي پيڻ جي رغبت نه ڪيائون ۽ نبي ﷺ صاحب کي چيائون
ته مون ڏانهن متوجه رهو. جو هي وقت هن دنيا کان هلڻ
جو آهي. جڏهن ته ڪجهه وقت رات جو هو ته حضرت شاهه
فضل الله صاحب جن کي فرمايائون ته مونکي گوڏي تي هٿ
رکي زور ڏي جڏهن زور ڏنم ته پاڻ فرمايائون ته مون
کي اهڙي جاءِ اوهان جو هٿ محسوس نه ٿو ٿئي معلوم ٿو ٿئي
ته روح مبارڪ اتان هليو ويو آهي. جڏهن سينه مبارڪ تي
هٿ رکيم ته فرمايائون ته اتي هٿ رکڻ محسوس ٿئي ٿو. اُن
وقت منهن ۽ چهره مبارڪ تي اهڙي بشاشت ۽ فرحت هئي
جو ماڻهن کي تعجب ٿي آيو. علي الصبح غشي لڳي وئي

سفر تي روانا ٿيا - انهي وقت منهن حالت متغير ٿي ۽
پاسو ورائي قبلي رو ٿيا ۽ حضرت شاه فضل الله صاحب جن
کي سورة يٰسين شريف جي پڙهڻ لاءِ فرمايائون ۽ پاڻ ذڪر الله
۾ مشغول ٿيا - ۽ هڪ گهڙيءَ ۾ جان الله پاڪ کي سپاري
روانا ٿيا. هي مصداق — فرد

آن چنان زی که وقت رفتن جان
همه گریان شوند تو خندان

إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ ۝ جڏهن حضرتن رحلت فرمائي
ته حضرت بي بي صاحبه جن ڪشتي جي ناخدا کي گهرائي چيو ته
جيڪڏهن حضرتن جو جنازو بيڙيءَ رستي حيدري بندر
تي پهچايو ته جيترا پيسا اوهان چوندا اوترا اوهان کي ڏبا .
مگر ڪشتيءَ جي ناخدا چيو ته اسان جو اهو معمول نه آهي
ته بيڙيءَ ۾ جنازو کڻي هلون. مگر اوهان جي خاطر موٽي
حيدري بندر تائين هلون ٿا - اوهان خشڪيءَ رستي حضرت جن

جو جنازو مبارڪ مڪه شريف کڻي ويو.

ان سير ڪشتي موٽي جزيره سنمرفي آئي ۽ اُتي جي مخلصن
چيو ته جيئن ته ڪجهه شريف مڪه جي اجازت کان سواءِ جنازو کڻي
هليو ته وري مرمت ٿيڻ جو انديشو آهي. تنهنڪري في الحال
حضرت جن کي هتي ئي دفن ڪريو. پوءِ حڪومت کان اجازت
وٺي جنازو کڻون. گهڻي قيل و قال بعد حضرت جن کي متصل
مسجد "رعش هندي" جتي پاڻ اول حيات ۾ سڪونت ڪئي
هوائون اُتي جسد وٽ جي هنان دفن ڪيائون ۽ پاڻ انهي
وٽ هناڻ حياتي ۾ چيائون ته ويٺل هوا ۽ فرمايو هوائون
ته هتي وٽ هتان هڪ ڪامل ولي الله جو مدفن ٿيندو
غسل جي وقت حضرت فضل الله صاحب جن وغيرن ٿا ته آ
۽ مخدوم صاحب بيٺل هوا سڀن. جڏهن جان پاڪ تان ڪفن
مبارڪ لاهي سڀني جسد مبارڪ کي غسال وڌو سڀن ته
ساعت به ساعت سڀني ظاهري حسن وڌندو رهيو

جو سڀ ماڻهون متحير رهيا. جڏهن غسل مبارڪ پورو ٿيو ته
حضرت شاه فضل الله صاحب جن جيڪي سرن متي ڪان بيٺل هوا
ته حضرت جن ڪين پنهنجي پير مبارڪ ڏانهن اشارو ڪيو. پير
مبارڪ تي نظر ڪيائون ته ڏٺائون ته پير جي ڄاءِ غسل کان
رهجي ويئي آهي. جنهن ڪري دوباره پاڻي آڻي پير تي ڌوئجي
غسل مڪمل ڪيائون ۽ ڪين ڪفن مبارڪ مطابق سنت حضرت
رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم
جي پهرايائون. جڏهن سنت حسب مبارڪ ڪفن ۾ حضرتن
ٿيو ته بي بي صاحبه جا سڀني پاڻ ٻيجي هوئي ۽ خاص خلافت
۾ شامل هوئي تنهن حڪم ڪيو ته غير ماڻهون پاسي ٿين
ته اسان حضرت صاحب جن جي آخري زيارت ۽ ديدار ڪريون
غير ماڻهو پري ٿيا ته بي بي صاحبه آئي ۽ ڪفن مبارڪ چهرو
پاڪ تان هٽايو ويو. ته پاڻ جن ڪو ننڊمان اکيون
کولي ٿڻ آهستي اکيون مبارڪ کولي بي بي صاحبه جن ڏانهن

ڌسي وري آهستي اکيون بند ڪري ڇڏيائون - جڏهن حضرت
صاحبن جو جنازو مبارڪ نماز لاءِ کنيو ويو ته انتها کان
ٻاهر خلق اچي جنازي نماز لاءِ گڏ ٿي - حضرت صاحبن جي
جنازي جي نماز سندن حڪم موجب جناب حضرت مخدوم
محمد ابراهيم صاحب پڙهائي - جڏهن سندن جسد مبارڪ
قبر مبارڪ ۾ آندو ويو ته حضرت شاه فضل الله صاحب
جن کين لحد شريف ۾ پهچايو - حضرت فضل الله صاحب
جن فرمائين ٿا ته جڏهن حضرت جن جو منهن مبارڪ قبله
طرف ڪرڻ جو ارادو ڪيم ته پاڻ ئي پنهنجو منهن ۽ چهرو قبله
طرف ڪيائون ۽ جڏهن سندن چهري مبارڪ تان ڪفن کي هٽايم
ته سندن روئي مبارڪ تي ايتري تجلي هئي جو نظر نه ٿي ڪري سگهيس
اها ڳالهه عقل عقل کان ٻاهر هوئي -

حضرت صاحبن جي وفات بابت

حضرت صاحبن جي وفات مبارڪ صبح جي وقت سومر ڏينهن ماه

ذوالقعده الحرام سنه ١٢١٢ هجري ۾ ٿي .

سنڌن وفات حضرت آيات تي ڪيترن مخلصن تاريخون لکيون آهن انهن مان ڪجهه هت لکجن ٿيون —

اول تاريخ حضرت شاه فضل الله صاحب عليه الرحمت جي لکجي ٿي

ز باغِ مجدد شهِ ملکِ دین — که فردوس ازاوست صد زیب و زین
چو معصوم اولیٰ که قیوم وقت — بشد صبغة الله ز فیضش قرین
درختی که بد بر فلک سایه‌اش — که معصوم ثانیش خوانند هین
ببر بود گلی داشت خوب و لطیف — کزو بود خوشبو گلستان دین
قوام جهان را قضا چون گرفت — نزول نمود آن به سوی زمین
همه قدسیان زین به ماتم شدند — ازان رو فلک جامه نیلی ست بین
هجوم غمش عالمی گشت باز — به ملکِ دل فضل شد جانشین
چو تاریخ جستم ندا شد ز غیب — به جنت مکان کرد این شاه دین

سنه ١٢١٢ هجري

تم علم شریف

خليفه احمدخان نظامانيءَ به سندن تاريخ وفات لکي آهي

مخدوم صاحب حضرت محمد ابراهيم صاحب جن عربي زبان ۾

۾ جيڪو آهي ـ ۽ فارسيءَ ۾ به هي به بيت چيا اٿن =

ذی قعده بدو يگاه ششم — کان اختر بروج شد گم

ده شنبه دوازدهم صد سال — کان باز زده از جهان پروبال

۽ حروف "غم دلم افزود" سان تاريخ وفات ذکر ڪئي.

۱۲۱۲

جيڪو قصيدو حضرت مخدوم صاحب محمد ابراهيم عربيءَ

زبان ۾ جيڪو آهي سو تمام وڏو آهي ۽ ڪتاب عمدة المقالات

۾ درج آهي ـ هنن ٻن خليفن سندن بابت مجمل احوال

لکيو ـ مخدوم صاحب حضرت محمد ابراهيم صاحب رحمة الله عليه

جي والد صاحب جو نالو مخدوم ميان عبداللطيف آهي مخدوم

ميان عبداللطيف جو والد شريف حضرت مخدوم محمد هاشم صاحب

ٺٽويءَ آهي ـ جو مشهور معروف عالم رباني هو ـ مخدوم

مخدوم محمد هاشم صاحب ثاني منتوي غلام شاهه ڪلهوڙي جي وقت
۾ هو. مخدوم ميان محمد ابراهيم جي اولاد مان به هڪ محمد هاشم
ثاني جي نالي سان هو. جڏهن اسان جا ليفي راقم الحروف
جا والد صاحب بنهي جي مرشد مامي صاحب حضرت قبله شاهه
عبدالرحمان جان صاحب سان گڏ افغانستان مان هجرت
ڪري هت سنڌ ۾ آيا. تڏهن مخدوم محمد هاشم ثاني
بنهي مريدن ۽ مخلصن کي حڪم ڪيو ته بنهي مرشدن جي اولاد
مان اهي حضرات سنڌ ۾ آيل آهن. تنهنڪري سڀئي
مريد اوڏانهن رجوع ڪن. ڪراچي ۽ ڪڏهه وارا ناڪارن
وقت کان حضرت والد صاحب عليه الرحمت جي مريدي ۾ داخل ٿيا
۽ لس ٻيلي (بلوچستان) وارا مريد ۽ ڪاڇي وارا مريد به اعظم
۾ شامل ٿيا مخدوم صاحب ميان محمد هاشم ثاني کي ڪوبه
نرينه اولاد ڪو نه هو. پاڻ وصيت ڪيائون ته سڀ ڪاٻه املاڪ
زرعي خواهه غير زرعي (سڪني) اهو اها سڀئي حضرت صاحب

اسان جي والد صاحب عليه الرحمت جن کي ڏنا ويا. مگر اسان جو
والد صاحب جو دنيا جي ملڪيت کان متنفر هو سموري املاڪ
زرعي خواه غير زرعي (مسڪني) مخدوم احمد کي موٽائي ڏنائون
گهڻي ڪوشش بعد چوپائو مال يعني مينهون قبول ڪيائون
۽ هٿيار به قبول ڪيائون - مخدوم صاحب کي به نياڻيون هيون
هڪ مخدوم احمد جي گهر ۾ هئي افغان هڪ نياڻي عبدالرحيم
عقيلي جي گهر هئي - اُها بي بي هت اسان وٽ به آيل هئي
۽ ٺٽي ۾ رهندڙ هئي . هاڻي اها بي بي وفات ڪري وئي
آهي ڪين ڪو به اولاد نه رهيو آهي . ڪاڻي جي مريدن مان هڪ
جوڪرو جو بابت نياڻيو هوائون ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ان وٽ
اچن ٿا - حضرت مخدوم صاحب فقيه ميان محمد هاشم صاحب
۽ مخدوم ميان عبداللطيف صاحب ۽ مخدوم ميان محمد هاشم ثاني
صاحب جن قبرون شهر ٺٽي جي مشهور مقام مڪلي تي آهن
فقط ميان مخدوم محمد ابراهيم جي قبر مبارڪ رياست ڪڇ ۾

جي ڳوٺ منڌي ۾ آهي. جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي ـ
ٻيا ڪي خليفه احمد خان نظاماڻي ڳوٺ "ٽنڊ" نزديڪ شهر
راڄي نظاماڻي ۾ جو آهي خليفه جي فرزند جو نالو محمد اسماعيل خان
هو خليفه محمد اسماعيل مستجاب الدعوات هو. اڪثر دعا ۾
چوندو هو ته "رب ميڏا! اينوين ڪر" ان جو فرزند خليفه ا
محمد مريد نالي هو. سو راقم الحروف به ڏٺو ـ عجيب متوڪل
انسان هو ـ اڪثر حضرات مشائخ وارن سان سفر ۾
شامل رهندو هو. ان جو فرزند پڻ محمد اسماعيل نالي هو
۽ هڪ عجيب انسان هو. هاڻي سالن ۾ وفات ڪئي
اٿس ـ انهن جون قبرون مبارڪ ڳوٺ راڄي نظاماڻي جي
جي اتر طرف نزديڪ آهن ـ راقم الحروف ڪيئي دفعا انهن
زيارت ڪئي آهي. هي سڀ خليفا متوڪل علي الله غريب هوا
۽ مسڪيني جو وقت گذاريندا هوا ـ اسان وٽ ڳهوڙن
ڪري پاڻ ايندا هوا ۽ سندن ڳوٺ جا ماڻهو به خدمتگار

رب ميڏا

لاءِ اُنيڏا ھوا - جن جي مون کي بہ چڱيءَ طرح يادگيري آھي - ھاڻي اُن قوم جا سمورا باشندا وھابي ٿي مذھب حنفيہ کان روگردان ٿي ويا آھن - ۽ اسان سان بہ اھڙي ويڙھ جو سلسلو ڪونہ اٿن ۽ الحمدلله تعاليٰ اسان کي بہ سندن ڪا ضرورت ڪانہ آھي (تمام احوال خليفن)

ذڪر اولاد مبارڪ حضرت قيوم جهان
قدس الله تعاليٰ سرهٗ

حضرت قيوم جهان صاحب جن ڪثير الاولاد - سندن گھڻي اولاد ننڍپڻ ۾ وفات ڪئي آھي - باقي جيڪو اولاد بچيو ھو تن مان اٺ فرزند ۽ ٽيرھن نياڻيون آھن - سندن ساري اولاد مان سندن اول ۽ اڪبر فرزند جو نالو مبارڪ حضرت شاھ ولي الله صاحب آھي رحمة الله تعاليٰ عليه حضرت شاھ ولي الله صاحب جن اعليٰ درجات ۽ ڪماليت تي پھتل آھن ۽ اول کان آخر تائين فيض محبوبي والرجاء ڪمالات ۽ ميراثن

۾ ارشاد ۾ پنهنجي والد کان ماذون آهن - حضرت قيم جهان قدس سره
سندن مڪاشفات کي سينه ڪندا هوا - پاڻ شمع عالم کان ٻري
رهندا هوا - ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي والد جن خدمت ۾ ايندا هوا -
۽ پنهنجو احوال بيان ڪندا هوا - اڪثر خط و ڪتابت سان
احوال ڏيندا هوا ۽ وٺندا هوا - سندن پرهيز ۽ تقويٰ بيان
کان ٻاهر آهي - ڪوبه ڪم بغير مڪاشفه جي نه ڪندا هوا -
حضرت شاه فضل الله صاحب جن فرمائين ٿا هڪ شخص مشارد
کان هڪ (تحفه) حضرت جي خدمت ۾ هديه طور عرض ڪيو
حضرت قيم جهان صاحب جن اهو تحفه حضرت ولي الله صاحب
جن کي ڏنو - ان جي مٿان ڪجهه نه ٻڌايو جو ڪم ٿيل هو حضرت
ولي الله صاحب جن اهو ڪاڌي لبد ۾ استعمال ۾ آندائون ۽
جڏهن حضرت قيم جهان جي مجلس ۾ آيا ته حضرت جن
کين ڏسي رب تعاليٰ جا شڪرانا بجا آندا ته الحمد لله منهنجي
اولاد ۾ اهڙو صاحب تقويٰ آهي - حضرت قيم جهان جن

جن جي مجلس ۾ فرمايو ته جيڪڏهن زير آسمان ڪو به ماڻهو
ڳولبو ته به ولي الله جهڙو صاحب تقويٰ جو ملڻ مشڪل آهي.
علوم ديني ۾ به ڪامل هوا. گهڻئي حديثون شريف ڪين
ياد هيون. جڏهن ڪابل جي بادشاه تيمورشاه وفات ڪئي
۽ سندس جانشين "شاه زمان" تخت تي ويٺو ته سڀني حضرات
ارادو ڪيو ته بادشاه جي غائبانه خواهش ڪري ۽ وقت جي بادشاه
کي سندس تخت نشيني لاءِ مبارڪ باد ڏجي. حضرت قيوم ثاني
صاحبزادو بادشاهن جي ملاقات ۽ مجلس کان متنفر هوا
تنهنڪري ٻنهي صاحبزادي حضرت ولي الله صاحب ۽ ٻين
متعلقين کي چيو ته ٻنهي طرفان وقت جي بادشاه ڏانهن جو
صلاح ڏني ته سمورا حضرات اول قلعه جي جامع مسجد ۾ گڏ
ٿي پوءِ بادشاه ڏانهن وڃن. جڏهن سمورا حضرات گڏ ٿيا
۽ مسجد کان روانه ٿيا ۽ شاهي قلعه جي دروازه تي پهتا ته
وقت عصر جو هو. ۽ قلعه جي دروازه تي نوبت، نقارا

ڪرڻ لڳا ۽ جهٽ شروع ٿيا. جو وقت جي بادشاهه جو معمول هو

جڏهن اهو نوبت وغيره جو آواز حضرت شاهه ولي الله صاحب

جن جي ٻڌڻ ۾ آيو ته پنهنجي ڪنن کي انهي آواز ٻڌڻ کان بند ڪيائون

۽ لاحول پڙهي پنهنجي گهوڙي جي واڳ لوڙي ورايائون.

حضرت فضل الله صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهن ته پاڻ

اسان سڀني کان عمر ۾ وڏا هوا تنهنڪري اسان سڀ وارا به الڳار

مولوي گهر آيا سون. جڏهن حضرت جن قيوم جماني جي خدمت

پهتاسون ته حضرت جن پڇيو فرمايو ته اوهان جو جلد آيا

اسان ساري ڪيفيت سندن خدمت ۾ عرض ڪئي. انهي حال

ٻڌڻ کان حضرت جن جي طبع مبارڪ البته ملول ٿي ۽ فرمايائون

ته ساري خلق بادشاهه ڏانهن ويئي ۽ اسان مان ڪو به نه ويو.

مبادا وچ ۾ مفسد ماڻهون بادشاهه کي اسان جي خلاف ڀڙڪائين

۽ حضرت جن کي وقت تڪليف ۾ پهچي فرمايون. حَسْبُنَا الله تامل

نِعْمَ الوَڪِيل ۝ بادشاهه کي اها سموري حقيقت معلوم

ٿي سڀ حضرات فاتحه ڦي ٿي آيا مگر غير شرعي آواز
نقارن ۽ نوبتن جو ٻڌي واپس هليا ويا . بادشاه جو
حضرت جن جو خاص معتقد هو تنهن جيئن ته فخرناهي
مان خود پاڻ پيادو حضرت جن جي خدمت حاضر ٿيندس
۽ مجهي به دستار ڪٺي وڃي حضرت جن جي هٿن کان
دستار بندي ڪندس . پهرئين اول حضرت جن جي زيارت ڪري
پوءِ ٻين حضرات سان ملندس . پوءِ بادشاه پنهنجي
معتمد عفا خان کي حضرات جن جي خدمت ۾ ملاقات لاءِ
وقت وٺڻ واسطي موڪليو – جواب مليو ته في الحال ملاقات
نه ٿي سگهندي عيد ڏينهن اوهان اچو ته ملاقات ٿيندي .
بادشاه اُن رات پاڻ پيادو قلعي کان نڪري حضرت
قيوم جهان جن جي خدمت ۾ اچي زيارت کان مشرف
ٿيو ۽ حضرت جن جي هٿن کان دستار ٻڌائين .
پوءِ ٻئي ڏينهن ٻين حضرات سان ملاقات ڪيائين .

حضرت قيوم جهان صاحب جن فرزندن ۾ هي بادشاهه جو بابائي بلاده
اسان وٽ اچڻ خاص ورع ولي الله صاحب جو اثر آهي۔
جنهن مون کي دنيوي ملامت کان ڇڏايو۔ حضرت ولي الله
صاحب توڪل، تبتل، ورع ۽ تقوىٰ جو صاحب هو۔
سندس توصيف حد کان ٻاهر آهي۔ سندن وفات حضرت
آيات سنه ١٢٣١ هجري ۾ ٿي۔ انا لله وانا اليه راجعون٥

٢

حضرت قيوم جهان جي ٻئي بلغ فرزند جو نالو مبارڪ حضرت
قدرة الله صاحب هو۔ عامل کان ٻاهر نواحي ۾ رهندا هوا

٣

حضرت قيوم جهان جي ٽئين فرزند جو نالو ڪرامة الله
صاحب هو۔ نواحي پڳلي ڪوهستان ۾ سکونت پذير هوا
حضرت قيوم جهان جي چوٿين فرزند جو نالو حضرت شاهه
امين الله هو اسان راقم الحروف والا سندن اولاد مان آهيون
سندن طبع شعر گوئي ۾ نهايت قابل ذڪر آهي۔ پاڻ
نهايت بهادر شخص هوا۔ پشاور کان جنهن هجرت ڪري

ڪابل آيا ته پاڻ ويڙهه جي دستي ۾ مسلمانن مجاهدن سان
شريڪ ٿي سکن ڪافرن سان جهاد في سبيل الله ڪيائون
گهڻن معرڪن ۾ فتحياب ٿيا آخر ضلع اٽڪ ۾ ڪافرن
هٿان شهيد ٿي ويا. حضرت قبله گاهه والد صاحب عليه الرحمه
جن کان نقل ياد اٿم ته حضرت امين الله صاحب آخر
ضلع اٽڪ ۾ جنگ جي دوران توب جي گولي لڳڻ سبب
هڪ پير مبارڪ ضايع ٿي ويو. پاڻ تلوار جي ٽيڪ سان
هڪ پير تي هلي هڪ مسجد جي ديوار تي اچي ويٺا. ۽
اُتي جيڪو به سِک ڪافر سندن آڏو ٿي آيو اُن کي
قتل ڪري ڇڏيائون. مشڪل سان هڪ سک سندن پٺيان
اچي سندن گردن مبارڪ تي تلوار جي ضرب ڪئي. حضرت
جن مٿو ڪنڌ هڪ هٿ سان جهلي هڪ پير تي تلوار
جي ٽيڪ سان مسجد جي صحن ۾ اچي جان راهه
خدا ۾ قربان ڪئي. انا لله وانا اليه راجعون
حضرت قبله گاهه والد صاحب سندن زيارت ڪئي آهي ضلع اٽڪ ۾ اسٽيشن
سيدو سيدو نزديڪ هڪ مسجد جي صحن ۾ سندن قبر مبارڪ آهي —

حضرت قيوم جهان جي پنجين[٥] فرزند جو نالو مبارڪ ذڪر الله صاحب

هو. سندن سڪونت ڪوهستان ڪابل ۾ هئي -

حضرت قيوم جهان جي ڇهين[٦] فرزند جو نالو مبارڪ ظهور الله صاحب

هو. هي ٻچي والي صاحب جا نهايت مقبول هئا -

حضرت قيوم جهان جي ستين[٧] فرزند جو نالو مُطيع الله صاحب

هو. حضرت قيوم جهان جي وفات لجل حوالي ۾ رحلت ڪيائون

حضرت قيوم جهان جي اٺين[٨] فرزند جو نالو مبارڪ حضرت

ميان عبدالباقي صاحب آهي - حضرت عبدالباقي صاحب جن جي

والده صاحبه شريفه حضرت خواجهءِ خواجگان حضرت بهاؤالدين

نقشبند جي اولاد مان آهي. هن جي تولد سان حضرت قيوم

جهان صاحب جن تمام گهڻو خوش ٿيا - هي ٻارهن سالن

جا هوا ته حضرت قيوم جهان جن رحلت فرمائي ---

حضرت عبدالباقي صاحب جن جي اولاد مان حضرت نور المشائخ

حضرت شير آغا صاحب ڪابل وارا آهن --- راقم الحروف

کي ننڍپڻ ۾ ياد آهي ته حضرت شير آغا صاحب جن جو والد
مبارڪ حضرت محمد صديق صاحب جن جي سفر کان موٽي
بمبئي ۾ عطا ٿيا وارث جي مريدن مان تنڊا جهن سندن هيتا.
۾ تشريف ورتائين ته حضرت قبله گاه والد صاحب جن رحمة الله عليه
کين دعوت ڪري سندس محمد خان وٽ آيا. هيت اسان وٽ
هڪ دفعي ۾ هڪ رات رهيا. وڏي عمر وارا بزرگ ۽ هستي
جا مالڪ هوا. اسان جي والد صاحب جن اخوي مرحوم
عبدالسلام جان کي سندن مريد ڪيو. بعد ۾ سندس سائين داد
ويا ۽ اتان تي مسيار جي حضرات وٽ ويا سندن عزت تي.
ان ڪان پوءِ سيتا جهن جي رستہ قندهار هليا ويا. حضرت
محمد صديق صاحب جن اسان جي والد صاحب تي نظر آندو ته
تون اسان جو آهين. هت منجهه ۾ اوهان کي بيو ڪو به بزرگ
عزيز ڪونه آهي تنهنڪري اوهان اسان سان افغانستان هلو
هاڻي افغانستان ۾ وقت جو بادشاه حبيب الله خان آهي.

سو خاندان قيوميه جو مريد ۽ معتقد آهي - ان ڪان اوهان کي

جاءِ دلدوڻي ڏيندس - حضرت والد صاحب به اُن لاءِ راضي ٿيو

مگر اسان جي والده صاحبه هتان هلڻ پسند نه فرمايو -

جنهنڪري اسان هت سنڌ ۾ رهجي وياسون رحمة الله تعاليٰ عليهم اجمعين

ذڪر حضرت امين الله صاحب جي اولاد جو
رحمة الله عليه

حضرت شاه امين الله صاحب شهيد کي به فرزند هوا -

پهرا جناب حضرت عظيم الله صاحب جو راقم الحروف جو پڙ ڏاڏو هو

جنهن جي قبر مبارڪ رياست قلات بلوچستان ۾ آهي - راقم

هڪ دفعه جنهن زيارت ڪئي آهي

ٻيو جناب حضرت عزيز الله صاحب مشهور بنام گدائي محمد

جنهن جي قبر مبارڪ حيدرآباد شهر کان ٻاهر هن وقت لطيف آباد

جي دامن ڪوه ۾ آهي -

اسان جي پڙ ڏاڏي حضرت عظيم الله صاحب ڪابل مان هجرت

ڪري اچي بلوچستان جي شهر قلات ۾ رهيا جو اُتي قلات

جو مستوفي ۽ بلوچستان ۾ خصوصاً پاگ ناڙي جا مريد هوا.
پاگ ناڙي کي جڏهن حضرت قيوم زمان جن سفر حج تي لاءِ
آيل هوا ته انهن جي مريدن عرض ڪيو ته دعا ڪريو ته اسان جو
ملڪ باران رحمت سان آباد ٿئي ته هڪ زمين تان اسان
هڪ هڪ ڪاسو ان جو نذر ڪندا سون - حضرت جن جي دعا
مبارڪ سان ملڪ آباد رهيو - ۽ پاگ ناڙي مان حضرت
عظيم الله صاحب جن کي نذرانو طور ڪافي جُدا الڳ ايندو هو .
اهو ڪاسو اسان جي والد صاحب جي وقت تائين ايندو رهيو.
حضرت والد صاحب قبله گاه جن جي رحلت بعد قلات جي وزير
اهو ڪاسو بند ڪرائي ڇڏيو - حضرت عظيم الله صاحب کي فقط
هڪ فرزند نالي جناب حضرت حبيب الله صاحب هو - جي
اڪثر اوقات بمبئي ۾ رهندا هوا - ۽ حضرت عزيز الله صاحب
کي هڪ نياڻي هئي جيڪا صاحبزاده محمد شريف شڪارپوري
جي گهر ۾ هئي - هن مان هڪ فرزند نالي بحر الدين هو -

وزير

حيدرآباد واري بيبي ان مان هوئي - جيڪا چار پنج سال ٿيندا
ته لاولد فوت ٿي آهي - اسان جي جد امجد حضرت شاه حبيب الله
صاحب جي والده اهل سادات مان هوئي. حضرت حبيب الله
صاحب جو ٺيٺ ڏاڏو عربستان ۾ ۽ ڏاڏو هندستان جي
بمبئي شهر ۾ رهندا هوا. بمبئي جا ميمڻ سندن مريد هوندا هوا
سيٺ الهرکيا ميمڻ جا بحري جهاز هوندا هيا. جن ۾ هر سال
حرمين شريف ويندا هوا. سيٺ حاجي الهرکيا ميمڻ سندن
خاص مريدن مان هو. حضرت حبيب الله صاحب جن جڏهن
افغانستان ويندا هوا ته ڪابل مان قندهار به ايندا هوا.
اتي قندهار ۾ جناب حضرت قدوة الاولياء حضرت عبدالقيوم
صاحب رحمت الله عليه رهندا هوا. جن کي جڏهن حضرت
حبيب الله صاحب جن پرهيزگاري ۽ ولايت جا احوال معلوم
ٿيو ته کين پنهنجي نياڻي جو رشتو عطا فرمايائون. حضرت
شاه حبيب الله صاحب اسان جي جد امجد شادي ڪري

سب ڪجهه هتنا قنڌهار ۾ رهيا - پوءِ سندن معمول مطابق حضرت جن حرمين شريفين جي سفر تي روانا ٿيا. جناب حضرت عبدالقيوم صاحب جن کان موڪلائي جيئن ته حج کان پوءِ موٽي وري هت ايندس. يا سنڌ پهچي گهروارن کي وٺي بمبئي ويندس. قدرتاً جڏهن حرمين شريفين کان موٽي آيا ته سندن افغانستان وڃڻ نه ٿيو. هر سال نقد عيدي ۽ سامان بمبئي کان قنڌهار موڪليندا رهيا ۽ چوندا رهيا ته الاجلب ايندس - مگر قدرت الله آخر تائين سندن وڃڻ نه ٿيو - ڪين هڪ فرزند اسان جو قبله گاهه حضرت والد صاحب ٻُڌا ٿيو - اسان جي والد صاحب جو نالو مبارڪ حضرت عبدالقدوس صاحب آهي. ۽ مشهور آغا شيرين جان صاحب سان هو - اسان جو والد صاحب پنهنجي والده صاحبه سان گڏ قنڌهار ۾ رهيا - تان جو جناب حضرت عبدالقيوم صاحب جن رحلت ڪئي - جنهن بعد اسان جو حضرت والد صاحب

صغر سنيءَ ۾ پنهنجي ماميءَ مرشد جناب حضرت خواجه عبدالرحمان
جان صاحب جي تربيت ۾ رهيا. جڏهن سنِ عمر بلوغ کي پهتا
سالن جي ٿيا ته حضرت شاهه حبيب الله صاحب جن جناب
حضرت خواجه عبدالرحمان جان صاحب قدس الله تعالى اسره جن
کي خط لکيو ته اوهان پنهنجي اهليه کي وٺي مٽياري ۾ اچو
ته آءٌ اتي سنڌ ۾ اچي اتان کين لمبي ولي وٺي ويندس
جتي هنن جي سڪونت آهي.

(نوٽ) مٽياري ۾ حضرات مان اول اول جناب حضرت
حضرت
عبدالرحيم صاحب المعروف "مصحف وارو" حضرت حبيب جو جناب
حضرت خواجه عبدالرحمان جان صاحب رحمت الله عليه جن جو
ماموءَ ۾ اسان جي جدِ اطهر جو سڳو مامو هو سو
افغانستان مان هجرت ڪري اچي مٽياري ۾ رهيا هوا
جن جو اولاد اڄ تائين مٽياري ۾ آهي - جناب حضرت
خواجه عبدالرحمان جان صاحب رحمت الله عليه جن پنهنجي هيٺين

صاحبن کي قندهار کان وٺي مٽياري ۾ هئا - مٽياري ۾
اچي جناب حضرت حبيب الله صاحبن کي ٻيو خط لکيائون ته
اسان مٽياري ۾ هئا آهيون اوهان اچي ٻنهي عالمن کي وٺي
وڃو - قدرتًا انهي وچ ۾ حضرت حبيب الله صاحبن بيمار
ٿي پيا - ۽ اهو خط حيدرآباد واري حضرت عزيز الله صاحب
جي ننڍا ڀائي جي اولاد جيڪو ونئن سان گڏ هو تنهن لڪايو
۽ حضرت جن کي نه ڏيکاريائون ۽ نه وري حضرتجن کي
اهو احوال ئي ڏنائون ته اوهانجو عيال مٽياري آيل آهي
وري جناب حضرت خواجه عبدالرحمان جان صاحب رحمت الله عليه
جن ڪين دوبارا خط لکيو ته اسان مٽياري آيل آهيون
اهو خط حضرت حبيب الله صاحبن کي مليو مگر قدرت الله
تعالى جو حضرت حبيب الله صاحبن بيماري سبب اٿڻ جهڙا
نه هوا ۽ جوابي خط لکيائون ته هنن ظالمن اوهان جو
پهريون خط مون کي نه ڏنو. هي ٻيو خط اوهان جو مليو آهي

مگر سندس حالت بيماريءَ سبب اهڙي آهي جو هلڻ چلڻ جهڙو نه
آهيان. جڏهن صحت ياب ٿيس ته لکي ڏيندس. قدرت الله
تعاليٰ جو ان خط لکڻ کان پوءِ حضرت حبيب الله صاحب جن ٻن
ڏينهن ۾ وفات ڪئي. اها وفات جي خبر جڏهن جناب
حضرت خواجه عبدالرحمٰن جان صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه
جن کي مٽياريءَ ۾ پئي ته پنهنجي همشيره صاحبه کي پنهنجي ماسي
حضرت عبدالرحيم صاحب جن وٽ مٽياريءَ ۾ ڇڏي ۽ اسان
جي والد صاحب جن جي عمر ان وقت ست سال هوندي پاڻ ساڻ
ڪري وٺي بمبئي ويا. جڏهن بمبئي پهتا ته ان کان اڳ
حيدرآباد وارا جيڪي حضرت حبيب الله صاحب جن وٽ
رهندا هوا ۽ خط لکيو هو انهن حضرت حبيب الله صاحب
جن جو سمورو اسباب فرش فروش کڻي وڃي چڪا (مدني) هئا
۽ جڏهن حضرت صاحب خواجه عبدالرحمٰن جان صاحب قدس سره
جن بمبئي پهتا ته ميدان بالڪل صاف هو. ۽ اهي ڪما لم حضرت

حبيب الله صاحب جن جي ناليءَ تي گهڻو قرض وٺي فرمائيا ـ
حضرت خواجه صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن حيران ٿيا ته
هاڻي ايترو قرض هي ننڍو ٻار ڪيئن ادا ڪندو. آخر حضرت
حبيب الله صاحب جن جو خليفو ميان قلاتي هو تنهن چيو ته
اوهان حضرت لاءِ هت گهڻا خيرات ڪريو ۽ بمبئي جي سيٺين
مريدن کي دعوت ڪريو ـ ان دعوت ۾ مريد چندي ۾ رقم
ڏيندا ـ اميد ته هي قرض ادا ٿي ويندو. جناب حضرت خواجه
صاحب عليه الرحمة جن خيرات جو وقت مقرر ڪيو ـ سمورا مريد
گڏ ٿيا. ۽ دل کولي ڏيون رقمون نذرانه طور پيش ڪيائون.
مون کي ياد آهي ته اسان جي والد صاحب فرمايو ته ايترا پئسا
گڏ ٿيا جو مان ويٺل هوس ته سمجهيم قد برابر پئي جو ڍڳ
ٿيو ـ ان وقت نوٽ نه هوا ـ چانديءَ جا رپيا هوندا هوا ـ
جناب حضرت خواجه صاحب رحمت الله عليه جن انهن پئسن
مان سمورو قرض ادا ڪري باقي هڪ هزار ٻيو سو ڪٽي

اسان جي والد صاحب سميت موٽي سنڌ ۾ مٽياري آيا -
۽ پاڻ سنڌ ۾ سفر مبارڪ تي روانا ٿي ويا ۽ سندن همشيره
صاحبه مٽياري ۾ عدت جو وقت پورو ڪيو - ان وقت سواءِ
ريل يا موٽرن جي ڪانه هئي - سفر اُٺن ۽ گهوڙن تي ٿيندو هو
ان کان پوءِ جناب حضرت خواجه صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه
جن ٻنهي همشيره صاحبه جيڪا عمر ۾ سندن کان وڏي هئي
۽ صاحب علم دين جي هئي . ان کي اسان جي حضرت والد صاحب
سميت بلوچستان جي شهر قلات ۾ جتي اسان جي والد صاحب
جو جد امجد حضرت عظيم الله صاحب جن حيات هوا انهن
وٽ ڇڏي پاڻ وري افغانستان (قنڌهار) روانا ٿيا
اسان جي جده صاحبه ٻنهي سهري وٽ قلات ۾ رهيا
اسان جي حضرت والد صاحب سميت -
حضرت جده صاحبه جن اُتي ٻن ٽن مهينا رهيا مگر ڪيئي قلات
جي آب هوا موافق نه آئي تنهنڪري قنڌهار وڃڻ جو ارادو

ڪيائون. اسان جي والد صاحب کي سرهند مجدد صاحب جن
چوندا هيا ته بابا توهين مونجي فرزندن جي هڪ نشاني آهين هت مونجو
ٻيو ڪو به اولاد ڪونه آهي ۽ آءٌ هاڻي "آفتاب بر ڪوه" آهيان
يعني وڏي عمر وارو آهيان - حياتي جو ڪو اعتبار ڪونه آهي-
توهين مون وٽ رهو - مگر اسان جو حضرت جو ننڍڙي عمر وارو
هو سو پنهنجي والده صاحبه سان گڏ افغانستان يعني قندهار
روانا ٿيا سرهند مجدد صاحب کين جهيز سامان ۽ اسباب ۽ نقدي
زيور وغيره ڏنا ۽ دنيا جي ساري دولت کان وڌيڪ محبوب ۽ قيمتي
شي يعني "وار مبارڪ" حضور سرور ڪائنات صلي الله تعالى عليه
وعلى آله وصحبه وسلم جن جو کين عطا فرمايو ۽ کين وڃڻ
جي اجازت ڏني ۽ وداع ڪيو - ان کان پوءِ اسان جو والد صاحب
پنهنجي ماسي صاحب جن وٽ هيا ۽ تربيت هيٺ تعليم حاصل
ڪيائون سو لکڻ کان ٻاهر آهي. اسان جو والد صاحب اسان
جي مرشدنا و مولانا حضرت صاحب محمد حسن جان صاحب رحمت الله عليه

جن کان عمر ۾ ٻارهن [١٢] سال وڏا هوا - ٻاڻ وفات کان ڄاڻايو اٿائون (اسان
جي حضرت مرشدنا صاحب قدس سره جن کي مون پنهنجي ڪلهن تي کڻي
راند ڪرائي آهي. اسان جي والد صاحب جن کي سندن والد صاحب
جن جي ملڪيت مان فقط هڪ ڪتاب "بوستان" مليو بس
سمورو اسباب هنن ظالمن شڪارپورين لٽي ڇڏيو - ۽ حضرتن کي
پوءِ جيڪي ڪجهه سامان ۽ اسباب عزيزن ملي ويو سو پنهنجي ڀائرن
کان ڇڏيون ۽ دين دنيا جي سعادت "وارث مبارڪ" ۾ هئي اها
سعادت اڄ تائين سندن پوٽي صاحبزادي غلام قيوم جان صاحب
وٽ رهندي آئي آهي. اسان جي حضرت والد صاحب جيڪو
به علم ظاهري خواه باطني حاصل ڪيو سو پنهنجي مهربان ماموي
جناب حضرت بابرڪت خواجه عبدالرحمان جان صاحب قدس الله سره
جن کان حاصل ڪيو جنهن جو تفصيلي بيان لکڻ کان ٻاهر آهي.
جڏهن اسان جي والد صاحب جي عمر مبارڪ ٻارهن [١٢] تيرهن [١٣] سال يا
چوڏهن [١٤] سالن جي هئي ته افغانستان تي انگريزن چڙهائي ڪئي

ان وقت جو افغانستان جو حاڪم امير شير علي خان هو جو انگريزن
جو مقابلو نه ڪري سگهيو ۽ فرار ٿي ويو. ان بعد امير شير علي خان
جي پٽ امير ايوب خان مسلمانن کي گڏ ڪري جهاد جو اعلان
ڪيو. جنهن ۾ جناب حضرت خواجه صاحب عبدالرحمان صاحب
رحمت الله عليه جن به شامل ٿيا ۽ ان جهاد ۾ اسان جو
حضرت والد صاحب جن به آغاز جوانيءَ ۾ مجاهدن ۾ پنهنجي
ماڻهن سان گڏ جهاد ۾ شامل ٿي انگريز ڪافرن سان جنگ
ڪيائون. ميوند جي جنگ ۾ وڏي فتح حاصل ڪئي - مگر
آخرڪار امير ايوب خان کي پنهنجي رقابت سبب فائدو نه ٿيو
۽ انگريز غالب آيا. مگر اتي افغانستان ۾ انگريز مسلمانن جي
بلوي ۽ فسادن سبب حڪومت نه ڪري سگهيا ۽ آخر
جي افغان سردارن کين اها صلاح ڏني ته اوهان هت آرام
سان حڪومت نه ڪري سگهندا تنهنڪري اوهان هتان جي
امير عبدالرحمان خان کي گهرايو جيڪو افغانستان جي

ترڪستان ۾ معلوم آهي - ان ڪري گهرائي ظاهري دوستي ڏيکاري حڪومت
سنڀالڻ حوالي ڪيو - پوءِ ظاهري حڪومت انهي هوندي ۽ اندروني
طرح حڪومت اوهان جي هوندي. انگريزن ترڪستان مان امير
عبدالرحمان کي گهرائي پنهنجو دوست ۽ خيرخواه ڪري ظاهري
حڪومت سنڀالڻ حوالي ڪئي. ۽ ان کي جيڪي به ظاهر ۾
علماءَ يا سردار هوا تن جا نالا ڏنائين. قتل ڪرائڻ لاءِ چيائون
انهن ۾ جناب حضرت بابرڪت خواجه عبدالرحمان صاحب قدس الله سره
جن جو نالو به هو. امير عبدالرحمان خان جيڪو ظالم نالي مشهور
هو. تنهن آهستي آهستي انهن سردارن علماءَ ۽ مشائخن
جو قتل شروع ڪرايو. انهي وچ ۾ اسان جي حضرت والا صاحب
کي جناب حضرت بابرڪت خواجه عبدالرحمان صاحب رحمة الله تعاليٰ عليه
جن کي پنهنجي دامادي جو شرف عطا فرمائي پنهنجي نياڻي سڳوريءَ
سان شادي ڪرائي - انهي شورش ۾ حضرت بابرڪت
خواجه صاحب جن کي پنهنجن دوستن صلاح ڏني ته اوهان جا

سنڌ جا ڪيئي گهڻائي مخلص مريد آهن جڳون قنڌ وتر اوهان
هتان عزت سان هجرت ڪري سنڌ ۾ وڃو. نمانا امير اوهان
جي ٻڌا ڪري رهيو آهي مبارڪ لقمان ڀائي. انهيءَ حڪم
جناب حضرت بابرڪت خواجه صاحب عبدالرحمان جان صاحب رحمة الله
تعاليٰ عليه جن هجرت ڪري قنڌهار کان سنڌ جي طرف آيا
ڀيڻي ساري عيال ۽ اطفال سميت آيا. اسان جا حضرت والد صاحب
۽ ڀيڻي والده صاحبه ساڻ گڏ حضرت جن سان گڏ جي سنڌ ۾
آيا ۽ اچي ۾ ساڻن گڏ هوا. حضرت خواجه صاحب عزيزن
جن ڀيڻو ضروري سامان ۽ اسباب سواءِ جاين ۽ زمينن
جي ٻارن سان گڏ ڪٺي سنڌ جي سفر تي روانا ٿيا. انهيءَ
وچ ۾ اسان جي والد صاحب جن جو سڳو ڀاءُ غلام الله
صاحب رحمت الله عليه جن کي وقت اڳ قلات ۾ وفات
ڪئي. حضرت خواجه صاحب رحمت الله تعاليٰ جن قلات
جي تمام مخلص خصوصاً مستوفي فقير محمد خان وغيره کي

وقت ۾ پوءِ ميان گل ناٿ بيءَ جي ريشما سان ٺکارپور ۾ آيا.
ٺکارپور سان متصل ڳوٺ هڪ ٻاجهي پر خان عطاءالله خان
نالي هڪ وڏو زميندار حضرت جن جي مريدن مان هو. تن
وٽ اهل و عيال سميت پورو هڪ مهينو رهيا. اتي
خان موصوف عرض ڪيو ته هت اوهان سڪونت فرمايو
جنهن جي ساري ملڪيت مان هڪ اڌ حصو نذر ڪيائين.
مگر حضرت صاحب جن جيڪي مريد ڪاڄا هوا سي ٺکارپور
مسڪن جي ڳرهين کان اتان اڳتي اڳتي ٿيا. هر هڪ منزل
تي سنڌ جي مخلص مريدن رهڻ لاءِ استدعا ڪئي ته اسان
وٽ رهو. مگر حضرت بابرڪت خواجه صاحب قدس الله سره
جن هلندا رهيا. تان جو جڏهن ٽکڙ شهر ۾ منزل
انداز ٿيا ته اتان جي مخلص سيد ميران محمد شاه صاحب اچي
عرض ڪيو ته قبلا اسان وٽ رهو. حضرت صاحب جن
سڀني مريدن کان مافوق سيد ميران محمد شاه صاحب ٽکڙائي

کي رهڻ جي غرض کان مشرف فرمايو. سادات صاحبن پنهنجون
ماڙيون خالي ڪري حضرت صاحب کي ڏنيون. انهي نگهه ۾ هڪ سال
رهڻ کان پوءِ حرمين شريف ڏي ويا. ۽ انهي مڪه شريف ۾
پورا پنج سال رهيا. سائين سمورا اهل عيال به ساڻ هوا. انهي مڪه
مڪرمه ۾ اسان جي وڏي عشيره صاحبه جيڪا مرحوم شهيد
جناب حضرت صاحبزاده صاحب غلام علي جان صاحب جن جي والده
صاحبه هوئي تولد ٿي. جو آخر ۾ سندن وفات به انهي مڪه
مڪرمه کان باهر جدّه شريف ۾ ٿي. ۽ سندن قبر مبارڪ حضرت
سيدتنا بي بي حوّا صاحبه رضي الله تعالى عنها جي ڀر ۾ آهي.
مطلب ته اسان جو والد صاحب حضرت خواجه صاحب رحمت الله عليه
جن کان اڳي اتان ڪراچي سنڌ ۾ پنهنجي والده صاحبه ۽ عيال سميت
بمبئي پهتا. ۽ حضرت بابرڪت خواجه صاحب قدس الله تعالى سره
جن مڪه شريف ۾ رهيا. جو اتان ڪين نڪرڻ جي باطني طرح اجازت
ڪانه ملي هئي. جڏهن ته اسان جو والد صاحب جن جنهن وقت

بمبئي ۾ رهيا ته قدرتاً سندن والده صاحبه بيمار ٿي پيا ۽ قدرتاً
سندن وفات به اُتي بمبئي ۾ ٿي. سندن مدفن مياڻجي سوناپوري
محله جي پراڻي قبرستان ۾ جتي اسان جي جد امجد جن جي
قبر آهي اُتي سندن شوهر جي پاسي ۾ ٿي. حياتي ۾ پاڻ
ٻئي فقط چند مهينا پاڻ ۾ گڏ رهيا مگر آخرت ۾ سمورو
وقت پاڻ ۾ گڏ رهيا. رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين ۰
اُتي اسان جو والد صاحب پنهنجي والده صاحبه جي جدائي ۾
نهايت پريشان رهيا. آخرڪار وري سنڌ ۾ موٽي اچي
ٺٽو ٺٽي جي سادات ۾ وڃي رهيا عيال سميت. ٺٽي ۾ پنهنجو عيال
اتي ڇڏي جتي اڳ نانا حضرت بابرڪت خواجه صاحب عليه الرحمت
جن رهيا هيا پاڻ اڪيلا قنڌهار ويا ۽ اُتي قنڌهار کان ٻاهر
منگو جي علائقي ۾ زمين خريد ڪيائون ۽ خيال هون ته وري
به افغانستان وينداسون - هتان سنڌ مان اسان جي حضرت
والده صاحبه جن جناب حضرت بابرڪت خواجه صاحب قدس الله سره

جن کي برڪت شريف خط لکي سرڪليو ۽ ساڳي ڪيفيت کان لکيو واقف
ڪيون. حضرت صاحبن کين جواب لکيو ته اوهان دلگير نه ٿيو.
مون کي جناب حضرت سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وعلي
آله وصحبه وبارڪ وسلم جن جي درگاه پاڪ مان اجازت ملي آهي
۽ اسان سڀ ماڻهو جلد واپس اچڻ وارا آهيون. ان وچ ۾
اسان جو والد صاحبن به قندهار کان موٽي آيا. ۽ جناب
حضرت صاحب خواجه صاحبن رحمت الله تعاليٰ عليه جن به خير سان
دربار پاڪ کان واپس سنڌ ۾ ٽکهڙ ۾ اچي رهيا. اهو ٽکهڙ
جو شهر ڪنهن وقت ٽکهڙ شريف جي نالي سان مشهور هو.
سو هيئنر جيڪي به "حضرت خواجه صاحب" لکيو آهي اهو ادب خاطر
لکيو اٿم. حضرت خواجه صاحبن جو نالو مبارڪ "حضرت
خواجهءِ خواجگان نقشبنديه حضرت خواجه عبدالرحمان جان
صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه آهي" هت سنڌ ملڪ ۾
باڻ اهڙو فيض جو درياه وهايو اٿن جو اڄ تائين جاري آهي

۽ ٻلڪل ساڳي اڄ تائين قائم ۽ دائم آهي. حضرت خواجه صاحب قدس سره جن وقت جا قيوم ۽ زمانه جا قطب هوا. سندن حيات جو احوال جناب مرشدنا مولانا حضرت آغا خواجه محمد حسن جان صاحب عليه الرحمت جن پنهنجي ڪتاب انيس المريدين ۾ مفصل طرح لکيو آهي. اتي ذرو گهڻو ڪجهه عرض ڪري سگهڻ جي طاقت نه آهي جو ڪجهه بيان ڪيان. اسان جي والد صاحب سائين عمر سندن سايه مبارڪ ۾ گذاريو ۽ جيڪي ڪجهه حاصل ڪيائون سو لکڻ کان ٻاهر آهي. حضرت خواجه صاحب جن پنهنجي حياتي ۾ ئي کين مجاز ڪري ارشاد جي اجازت عطا فرمائي - ۽ وڏي پيار ۽ گهڻي مهرباني سان سندن نالو مبارڪ "آغا شيرين جان" رکيائون. ۽ پنهنجي اولاد برابر کين پنهنجي وراثت ۾ شريڪ ڪيائون. اسان جي والد صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن جي طبع مبارڪ مستغني دنيا هئي - جيڪي به کين ملندو سو به هليو ويندو. جناب حضرت خواجه صاحب قدس الله سره سندن تڪلم ۾ بيا به ڪي حال هئا.

جيئن ته ٺٽي کي نشيب ۾ درياهه جي ٻوڏ جو خطرو هوندو هو. تنهنڪري
جناب حضرت مرشدنا و مولانا عبيد دين و دنيا جن کي جيڪا ٻنڌڪ
غلام علي جي مير ٽنڊي سامهون دادواري باغ ۾ زمين نذراني ۾
ڏني آهي حضرت مرشد صاحب جن عليه الرحمت پنهنجي والد صاحب حضرت
خواجه صاحب قدس سره جن جي اجازت سان حويلي جي جاءِ
۾ مسجد شريف جو بنياد وڌو ۽ اسان جي حضرت والد صاحب
جن به ساڻن گڏ هٿ جو خيال ڪيو. قدرتاً جناب حضرت خواجه
صاحب جن قدس الله سره سنه ١٣١٥ هجري ۾ ٺٽي ۾ رحلت فرمائي
۽ سندن قبر مبارڪ گنبج ٺڪر (جبل) تي تي جبت بابت
حيدرآباد کان سفر مبارڪ ڇا ايندا هوا ۽ اُن جاءِ تي نماز
پڙهندا هوا جتي هاڻي سندن قبر مبارڪ آهي. ۽ ٺٽي جا سارا
۽ مخلوق آهي سندن استقبال لاءِ ايندا هوا. جناب حضرت
مرشدنا و مولانا صاحب جن سندن قبر شريف تي هڪ جوڪنڊي
۽ مقبره شريف ۽ مسجد شريف ۾ حجرا ۽ احاطه ڪوٽ جو ٺهرايو

جو اڄ تائين قائم آهي ۽ سائلن جي سوال لاءِ منهن درگاهه شريف
هر وقت کليل آهي. ۽ حضرت خواجه صاحب جن جي جانشيني تي اُتي
مقبره شريف واري درگاهه تي جناب حضرت مرشدنا و مولانا حضرت بابرڪت
حضرت سائين خواجه محمد حسن جان صاحب رحمت الله تعالى عليه جن
جي دستاربندي ٿي. دستار شريف جو ٻڌرائڻ وقت اسان جي
حضرت والد صاحب کين ٻڌرايو هو ۽ ٻين حضرات، علمائن،
سادات، مخلص مريدن ٻڌرايا. جناب حضرت خواجه صاحب
قدس الله تعالى سره جن جي وفات جون تاريخون عربي ۽ فارسي
زبان ۾ تمام گهڻيون چيل آهن. مگر آءٌ هت هڪ سنڌي
شاعر، سيد محمد حافظ شاهه جي تاريخ لکان ٿو جو حافظ صاحب
حضرت جن جو مخلص مريد ۽ سنڌي زبان جو وڏو شاعر هو،
حافظ صاحب جو سنڌي شعر قابل ذڪر ۽ لائق تعريف آهي
حضور ﷺ سندس ڪلام "ڪافين رنگ" ۾ مقبول آهي. سندس
شعر جو باقي چيل آهي. حضرت خواجه صاحب قدس الله سره

جن جي تاريخ وفات هن ريت چئي اٿس - وهو هذا ،

بر وفات حسرت آيات حضرت مرشدنا ومولانا

حضرت خواجه عبدالرحمٰن جان صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه

ش ۹۱

از زبان سيد حاجي محمد حافظ غزله ٽکڙائي جو سنڌي زبان ۾ مرثيه

---

① هاءِ ڪيو دور زمان جي ڏس تڏهن هي شور و شر

ساروعالم غمزده، ٿي هن زمين زير و زبر

② جڳ سڄو ماتم زده، اڄ ما لا تا ماهي ٿيو

زير ابرِ غم پوشيده ٿيا شمس و قمر [1]

③ حضرت مرشد عبدالرحمان رهنما چلتو ڪئي

مقتدا، مرشد، مڪمل، رهرُلين جو راهبر

④ بي وسيلن جو وسيلو ۽ اڙين آڌر اَجهو

مقتدا، مشڪل ڪشا، ۽ بيڪسن جو هو وَرُ

---

[1] - حضرت جن جي وفات تي سڄ گرهڻ ٿيو هو -

(٥) سينه بريان ٿيا جدائي کان سيني اقربا

سڀ مريدن ۽ محبن لاءِ ٿيو داغِ جگر

(٦) هو وليءَ الله ۽ والي ولايت جو ولي

رهنمائي رهبري سڀ ملڪ ۾ هو مشتهر

(٧) صفوه سڀ اوليا ۽ زبده سڀ سالڪن

در شريعت در طريقت در حقيقت بهره ور

(٨) سروَر سرهندين ۽ پيشوائي عارفن

قدوه اهل يقين، عمده آل عمر (رضي الله عنه)

(٩) محو مستغرق سدا وحدت شهوديءَ ۾ ٿيا

در ره شرع نبي محڪم هميشه با حذر

(١٠) جا ڪجي توصيف تنهن محبوب سبحاني سندي

نا هه ڪو ثاني سندن، مرشد سندم هو ڪان کسر

(١١) ديه تنهن ورهيم جي جنات عدن جائي تي

مرحبا چيئي سڀ ملڪ حورن غلمان لئي منتظر

(١٢) "ڪُلُّ نفسٍ"، ذڪر پڙهي قرآن ۾ ظاهر ظهور

ڇا ٻيهي تجويز ۽ تدبير قائم سان قدر

(١٣) هاڻ رهه راهنمائي گهر ڇاهي دمبدم

شل هجي هي خانداني آباد تا روزِ حشر

(١٤) خادم خدمتگار تي هو فيض فياضي سندو

محض هن مسڪين تي نوريني جو نوري نظر

(١٥) آهيان منجهه بحرِ عصيان غرق، غلطان منجهه ضمن

تون ذڪي درياءَ جو آن حضرت خيرالبشر (صلي الله عليه وسلم)

(١٦) آءٌ شهر شيطان جي ڪان آهيان غمگين گهڻون

ٻيو جوان احوال ڇا؟ آن وٽ مڙئي يارس پڌر

(۱۴) ٻي سٽ - اذڪار محبت سيف محمد حافظا

هو خدا جو خاص چوءِ ولي پيشوا - قدسي انش

مطلب ته حضرت خواجه صاحب جي ڪمالات کي ڪا حد نه آهي. مون کي ڪٿي طاقت جو سندن توصيف جو بيان ڪيان. پاڻ قطب الزمان هوا. سندن فيض جو دريا بي پايان وهائيندڙ.

کين ٻه فرزند هئا ته ٻه نياڻيون هيون. وڏو فرزند جناب حضرت مرشدنا ومولانا قبله حضرت آغا محمد حسن جان صاحب رحمت الله عليه آهن. سندن ٻيو ننڍو فرزند نالي حضرت آغا محمد حسين جان صاحب رحمت الله عليهن آهن. حضرت قبله مرشدنا صاحبن جي ننڍي ڄاءِ ڪان عمر ۾ ڏهه سال وڏا هوا ۽ راقم الحروف جي والده صاحبه مونجهي وڏي ڄاءِ ڪان ٻه سال ننڍي ۽ مونجهي ننڍي ڄاءِ ڪان اٺ سال عمر ۾ وڏي هئي ۽ ٻي نياڻي حضرت خواجه صاحب جن جي صاحبزادي مرحوم حضرت محمد سالم جان صاحب.

جن جي گهر ۾ هوءَ اهانيا ٻي صاحبه جوانيءَ جي عمر ۾ جناب حضرت
خواجه صاحب جن جي حياتيءَ ۾ ٽکڙ ۾ وفات ڪري ويئي - سندن
قبر مبارڪ ٽکڙ جي شهر ۾ جت راقم الحروف جا ٻه ننڍا ٻار
هڪ جو نالو عبداللطيف ۽ ٻئي جو نالو عبدالفتاح آهي تن سان
گڏ منهن قبر آهي - انهي ٻي قبرون جناب حضرت خواجه صاحب
جن جي حياتيءَ ۾ ٽکڙ شهر ۾ ٿيون - پوءِ جڏهن حضرت خواجه
صاحب جن وفات فرمائي ۽ سندن مدفن گنبج ٺهرائي ٿيو
تڏهن وقت کان وٺي هاڻي تائين ۽ اهو قبرستان اسان جي
ساري خاندان جو آهي ، ۽ الهي ٻچي ٻي ٻي صاحبه جيڪا اسان جي
خاله صاحب (ماسي) آهي تنهن کي هڪ فرزند تولد ٿيو جنهن جو
نالو محمد ابراهيم جان عرف ڇوٽي صاحبزادو سنه ١٩١٤ع ولادت ٿي
ننڍي ٻيماري ۾ عين جوانيءَ جي وقت وفات ڪيائين - سندس قبر
مبارڪ درگاه سرهندي ۾ آهي ، حضرت جناب مرشدنا ومولانا
حضرت خواجه جناب عليه رحمت جن جا ٻه فرزند سرهندي سيا مرحوم -

سندن حافظو ايترو قوي هو جو پاڻ فرمايو هوائون ته جيڪو ٻارن کي
تختيءَ (پٽيءَ) ۾ پڙهايو آهي سو به مون کي ياد آهي. سندن
سندن علمي ڪمالات جو بيان ڇا ڪجي سندن تصنيفات مان ڏسي
سگهجي ٿو. ننڍپڻ ۾ ديني علم هڪ عالم فاضل کان ورتو ۽ پنهنجي حضرت
والد خواجه صاحب جن وٽ ڪندا هئا ۽ باقي حج ڪرڻ لاءِ ساري خاندان
سميت ملڪ عرب ان ۾ مڪه مڪرمه وڃي رهيا ته اتي سندن
والد صاحب جن کين مدرسه صولتيه ۾ داخل ڪرايو. باوجود
شادي شده ۽ ساري عيال جي خدمت جي سپرد ڪئي هوندي به پاڻ
اهڙي عمر وڏيءَ سان گڏ علم به انهيءَ مدرسه ۾ آخر تائين
پورو ڪيائون. انهيءَ وچ ۾ قرآن پاڪ به مخفي طور حفظ
ڪندا رهيا يعني استاد جي ياد ڪندا هيا ۽ باقي جيڪو ڪجهه
رهيو سو واپس ٽنڊي ۾ اچي پوءِ جڏهن حضرت خواجه صاحب
رحمت الله عليه جن کي سندن قرآن پاڪ جي مخفي ياد ڪرڻ جي خبر
پئي ته جناب مولانا ميان لعل محمد صاحب متعلوي مرحوم

نعمت

جنهن کي پاڻ وٽ گهرائي ڪين ڪلام پاڪ جو حفظ پورو ڪيائون ، ڪلام
پاڪ جي حفظ وارن نعمت حاصل ٿيڻ لاءِ حضرت خواجه صاحب
رحمت الله تعالیٰ عليه جن وڏي خيرات ڪئي . حضرت خواجه
صاحب جن کي ماڻهن عرض ڪيو ته قبلا هيڏي وڏي خيرات جو ته
ڪريو پاڻ فرمايائون ته رب تعاليٰ جلشانه جي فضل سان فلانه
ڪلام پاڪ حفظاً ياد ڪيو آهي . جيڪڏهن انهي نعمت جي
شڪرانه ۾ مان پاڻ کي قربان ڪريان ته به گهٽ آهي . مطلب
ته خداوند تعالیٰ اهڙيءَ سعادت حضرت مرشد صاحب قدس سره
جن کي عطا فرمائي ان جو مثال ملڻ ناممڪن آهي . حضرت خواجه
صاحب عليه الرحمت جن جو ٻيو فرزند آقا محمد حسين جان صاحب
عليه الرحمت آهي . هو صاحب به علم ۾ يڪتا ۽ بي نظير هوا
جن جو مثال دنيا ۾ نه آهي . ٻيءَ هفتي ۾ مولوين کي پاڻ ۾ علمي
بحث ڪرائيندا هوا ۽ پاڻ به انهي بحث ۾ هڪ سان شامل
ٿي سوال جواب ڪندا هوا . مطلب ته علم جا گهر هوا . جن جي

پرهيزگاري، قناعت ۽ درويشي بي مثال آهي. ڪين به فرزند تولد ٿيا هڪ جناب آقا محمد اسماعيل جان صاحب ۽ ٻيو آقا محمد يعقوب جان صاحب محمد يعقوب جان صاحب وڏين ٻاويهن ورهين جي عمر ۾ مرض انفلوئنزا جيڪا جنگ عظيم اول جي پڄاڻيءَ تي لڳي هئي ان بيماريءَ ۾ وفات فرمايائون. حضرت آقا محمد اسماعيل جان صاحب جن علم جا گوهر ۽ طبع جا لطائف تخليق ۾ ممتاز هوا. ۽ شعر و شاعريءَ ۾ سندن مقام وڏن شاعرن ۾ هو. سندن شعر جا ڪليات فارسي سندن فرزندن ڇپيا پيا آهن. سنڌيءَ ۾ به سندن گهڻو شعر آهي. سندن تخلص "روشن" هو. بابا جي والد صاحب جن جي حياتيءَ ۾ ئي جوانيءَ اندر وفات ڪيائون. سندن ٻه فرزند جناب صاحبزاده محمد اسحاق جان آهي ۽ ٻيو فرزند جناب صاحبزاده آقا محمد ابراهيم جان صاحب آهي ۽ ٽيون صاحبزاده جناب عبدالمجيد جان آهي.

جناب حضرت قبله مرشدم صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن جو

اهو اولاد هن ريت آهي . سندن ١ فرزند نالي جناب حضرت

بابرڪت قبله مڪانم حضرت "عبدالله جان" مشهور بنام

"شاه آغا" صاحب ٻيو ٢ فرزند جناب آغا عبدالستار جان صاحب

ٽيون ٣ فرزند جناب حضرت اخوي آغا حافظ محمد هاشم جان صاحب

انهن ٽنهي ڀائرن جي شادي مان حضرت مرشدم صاحب عليه الرحمت جن

کي انهن پٽن کان سواءِ ست نياڻيون هيون . ۽ پاڻ جيڪا ٻي

شادي ڪئي جي حضرات مان نڪيا اُن انهي مان ڪيت

لي ٣ فرزند ۽ ٻه نياڻيون هيون . اول فرزند صاحبزاده محمد شريف صاحب

۽ ٻيو فرزند صاحبزاده محمد حنيف جان ۽ ٽيون فرزند صاحبزاده

عبداللطيف جان هوا . سواءِ صاحبزاده محمد حنيف جان جي

حضرت مرشدم صاحب جن جو اهو ٻي ٻي مسڪوري وارو اولاد اطفال

زلزله ڪوئيٽا ۾ شهيد ٿيا ۽ سندن قبرون به آغي ڪوئيٽا شهر

جي قريب شاهو ڪلي ۾ آهن رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين

صاحبزادہ محمد حنيف جان صاحب اج تائين حال حيات آهي ۽ صاحب
اولاد جو آهي ۽ هن وقت سندن سڪونت حيدرآباد شهر ۾ آهي.
ٻيو فرزند حضرت قبله مرشدم صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن جو
حضرت قبله سائين شاهه آغا جان صاحب آهي. سندن توصيف
آءٌ عاجز ۽ قاصر ڇا ڪري سگهندس. پاڻ ڇهو احوال ننڍي عمر
کان وٺي آخر تائين ڀي تصنيف ۾ لکيو اٿن جو [ڪي] هڪ مسلم آهي
پاڻ ديني علم ۾ يڪتاءِ زمانه ۽ بي مثال هوا. ديني تعليم ۾
سندن استاد حضرت مولانا مولوي حاجي ميان لعل محمد صاحب
متعلوي متياريءَ وارا هوا. ۽ مولوي خير محمد مگسي بلوچ جن هو
۽ علم الحديث صحاح ستہ تائين مڪمل ڀي والد صاحب
جناب حضرت مرشدم صاحب جن وٽ پاڻ تڪميل تي پهچايائون.
خداوند تعاليٰ اهڙو ڪين علم ظاهري خواه باطني عطا فرمايو
هو سو ڪنهن ڀي اندازه کان باهر آهي. سندن تقويٰ ۽
پرهيزگاري ضرب المثل آهي. جناب حضرت مرشدم صاحب

جن جي ڪمالات لهن - باني مسند آراي سجادهٔ حضرات مجدديه ٽيا ۽ اهو فيض جو درياه جاري ڪري ويائون جو هر فرد کي ياد هوندو. خادم مون عاجز تي جيڪا منهن عنايت ۽ شفقت ۽ ڪمال مهرباني هئي حيران آهيان ته ڪهڙو بيان لکان - مطلب ته مجموعه خصال باڪمال هوا. زماني جا قيوم ۽ وقت جا قطب هوا. افسوس جو اسان منهن قدر نه سڃاتو. اميد ته منهن شفقت واري نظر هميشه تائين قائم رهندي - آخر ۾ رب تعالى جل شانه شهادت جو رتبو عطا فرمايو - ڪين چار فرزند هوا - پهرين گهرواري مان جيڪا راقم الحروف جي همشيره هئي انهن مان ٻه فرزند هوا. وڏو صاحبزادو ١ غلام صديق جان جيڪو ننڍي عمر ۾ ١٣٣٤ھ ۾ وفات ڪري ويو ٢ ٻيو فرزند جناب صاحبزاده حضرت آغا غلام علي جان صاحب هوا ٣ ٻي گهرواري مان فرزند ٽئون جناب محترم مولوي غلام النبي جان صاحب هو ۽ ٤ چوٿون فرزند جناب آغا محمد سعيد جان صاحب آهي جو حال حيات ۽ صاحب اولاد آهي - رب تعالى جل شانه

کين عمر اولاد اطفال وڏي حياتي عطا فرمائي - سندن صلاحيت
تي انسان سيني کي فخر آهي - آمين - مرحوم جناب غلام النبي صاحب
جن هڪ عجيب شخصيت جا مالڪ هئا - ديني علم دار و مشهور
جي متصل مدرسه امينيه ۾ جناب حضرت شاه صاحب
حاجي امين محمد شاه صاحب کان حاصل ڪيائون - افسوس جو
عين جواني ۾ وفات ڪيائون - ٻه ٻار ٻه گهر ۽ اولاد ڇڏي
ويا - حضرت جناب غلام علي خان صاحب رحمت الله تعالىٰ عليه
جن مون راقم جو سڳو ڀاءُ آهي - ننڍپڻ ۾ کين ام صبيان
جو مرض ٿيو جنهن ڪري کين ڪيئي غش ٿيا - جناب حضرت قبله مرشدم ڏينهن
صاحب رحمت الله تعالىٰ عليه جن کين علاج لاءِ ڪراچي وٺي ويا
۽ هڪ وڏي انگريز ڊاڪٽر نالي نذرت کان علاج ڪرايائون
اتان حق تعالىٰ جل شانه کين شفا عطا فرمائي - سندن طبع مبارڪ
ننڍي کان ئي درويشانه هئي - فارسي تعليم ۽ عجم غزلي تعليم
حضرت والا صاحب ۽ جناب حضرت مرشدم صاحب رحمت الله عليه

جن ڏنهن حاصل ڪيائون. ان کان بعد ڪين سندن حضرت والد صاحب
سندن استاد جناب حضرت مولانا الحاج لعل محمد صاحب متعلوي
ميانءِ جن وٽ ڪيو جيڪي باقي گهٽ قدر ديني علم حاصل ڪيو.
پاڻ بيعت به پنهنجي حضرت جد امجد حضرت مرشدم صاحب عليه الرحمة
جن کان ڪيائون. ۽ باطني فيض به پنهنجي حضرت جد امجد صاحب
کان عطا ٿيل اٿن. حضرت مرشدم عليه الرحمة جن سندن لاءِ
ڏاڏا ڪن شان ۾ مهربان هوا. سندن ننڍپڻ ۾ ڪئي عجيب عجيب
مڪاشفات آهن. خداوند تبارڪ وتعالیٰ کين هر طرح سان نوازيو
هو. سندن تعريف ۽ توصيف حد ڪتابت کان ٻاهر آهي.
سندن حضرت والد صاحب جن جي شهادت بعد مسند آراءِ سجاده
نشين ٿيا ۽ سڀ مريد ۽ مخلص سندن فيض مان فيضياب ٿيندا
رهيا. مگر افسوس صد افسوس جو پاڻ مرحله مورڙي جي حادثه ۾
شهيد ٿيا ۽ اسان پياسا رهجي وياسون. رحمت الله تعالیٰ
عليهم اجمعين. سندن شادي مبارڪ ٿي هئي وڏي ڀاءُ حضرت

آغا عبدالسلام صاحب جن جي وڏيءَ نياڻيءَ مان شل اڪيچ جمال حيات آهن - ڪين هڪ فرزند ۽ ٻه نياڻيون رهيون سندن فرزند نيڪ نالو مبارڪ حضرت آغا عبدالحميد جان صاحب آهي جو پاڻ پنهنجي آباءُ اجداد جي گاديءَ شريف تي هاڻي سجاده نشين درگاه شريف ٽنڊه سائينداد جا آهن - ۽ ڪمال صالحيت جا مالڪ آهن - "يارب تعاليٰ تون هن نونهال حضرت کي اهي برڪتون ۽ درجات عطا فرمائي جيڪي سندن آباءُ اجداد کي عطا ٿيون...." ۽ دعا ۾ جناب سيد حاجي محمد حافظ شاه جو هي دعائيه فرد ڪافي ٿو

هاڻ ره راضي رضا تي، گهر دعا هي دمبدم

"شل هجي هي خاندان آباد تا روزِ حشر"

جناب حضرت آغا عبدالحميد جان صاحب مدظله سجاده نشين درگاه عالي ٽنڊه سائينداد جن کي رب تعاليٰ جي فضل سان چار فرزند ۽ آهن ۽ ٻه نياڻيون - سندن وڏي فرزند ارجمند جو نالو مبارڪ جناب آغا عبدالوحيد جان صاحب طول عمره بالهداية آهي

سندن طبيعت مبارڪ نهايت ذڪي ۽ ڪمال حافظي جي مالڪ آهي. خدا پاڪ کين
هن وقت تائين ڪمال قابليت ۽ صلاحيت جي نعمت سان نوازيو آهي
۽ تمبندي جا جام عيو آهي. هن وقت ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ
ٺٽي شهر ۾ مدرسه عربيه ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا. سندن سموري
اخراجات جي خدمت جناب حاجي ڪريم بخش خان جتوئي صاحب جن
اکين تي رکي آهي ۽ هو انهي خدمت کي دارين جي فلاح ۽ نجات
تو سمجهي. الله تبارڪ تعاليٰ سائل جتوئي صاحب کي هن ڪار خير
جو اجر عطا فرمائي ۽ آخرت ۾ به اجر عطا ڪري.

٢

ٻيو فرزند سندن نالي صاحبزاده "فضل الله" صاحب آهي جو حيدرآباد
۾ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي.

٣

ٽيون فرزند سندن نالي صاحبزاده "نثار احمد" صاحب آهي.
جو پڻ وڏي ياد سان گڏ موري ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي

٤

چوٿون فرزند نالي "حضرت خواجه عبدالرحمان صاحب رحمة الله عليه
جي آهي. مگر ادب ڪان مشهور آهي؟ "آغا" سائين هنن تا

سائون
محمد حسن جان

هن وقت منهنجي عمر مبارڪ ٽيٽيهن سالن جي آهي. رب تعاليٰ جل شانه
لکين ورهين عمر، علم، عمل، هدايت، صلاحيت ۽ برڪت عطا ڪري آمين.

هاڻي آخر ۾ ختم ۾ ٻنهي حضرت والد صاحب رحمت الله تعاليٰ جن
جو ذڪر ڪيان ٿو. جناب حضرت قبله گاهه صاحب جن ننڍپڻ کان
وٺي زير تربيت ٻنهي ماميءَ جناب حضرت قبله خواجه عبدالرحمان جان
صاحب جن جي رهيا. ننڍپڻ ۾ ستن سالن جي عمر ۾ خواب اندر
جناب حضرت غوث الثقلين سيدنا شيخ عبدالقادر صاحب جيلاني
رضي الله تعاليٰ عنه جا مريد ٿيا آهن. جو بابت ۾ اکين ٻارهين ۾
هڪ وڏ للڪم خاطر لکي اتي وهو هذا:

پس از اثنا عشر قطب عراقي — مريد او شدم من به طفلي
طريقه نقشبندي او مرا داد — به پاس نقشبندان شاه بغداد

وري جڏهن ڏهن ورهين جا ٿيا جناب حضرت خواجه صاحب عليه الرحمت جن جي
بيعت ڪيائون ته وري جناب حضرت قبله خواجه صاحب
رحمت الله تعاليٰ عليه جن جي تعريف ۾ هڪ شعر چيائون.

گر بطفلی برشدم را پیر پیران کرده اند
منّت ایزد که پیرم عبدالرحمٰن ساختند

جڏهن جناب حضرت خواجه صاحب جن قنڌهار ۾ هوا ۽ جڏهن ته سنڌ ۾ سفر مبارڪ تي ايندا هوا ته اسان جي والد صاحب کي به پاڻ سان آڻيندا هوا. ان وقت جو سفر اٺن ۽ گهوڙن تي هوندو هو ۽ مهينا لڳي ويندا هوا. جڏهن سنڌ جي سفر کان موٽي قنڌهار ويا ته اسان جي والد صاحب کان پڇيائون ته ڪتابن مان ڪيترا سبق ورتا آهن. اسان جي والد صاحب عرض ڪيو ته هن ست سبق ڪتاب جا پڙهيا اٿم - ~~اسان جي~~ سنڌن والد صاحب جن کي ديني علم ۾ ڪافي درڪ هو تنهن ڪري چيو ته هيتري وقت ۾ ته فقط بس ست سبق ورتا آهن. جواب ۾ اسان جي والد صاحب چيو ته مون باطني علم جا پورا ست سبق حاصل ڪيا آهن ۽ جڏهن قلبي ۽ روحي ست لطيفا حاصل ڪيا اٿم - تنهن سنڌن والد صاحب شڪر الحمد بجا آندو - پاڻ سفر ۾

خواه حضر ۾ حضرت خواجه صاحب جن ساڻ گڏ هيا ۽ ڪين خوبن جو
رتبو رب تعالیٰ عطا ڪيو هو سو حضرت خواجه صاحب جي فيض ۽ برڪت مان تيو
۽ انهن جي لئي فيض مان فائض ٿيا - ۽ آخر ۾ ڪين حضرت خواجه
صاحب عليه الرحمت جن طريقه ۾ ڪامل ۽ مڪمل ڏسي ارشاد جي
اجازت عطا فرمائي - سندن طبع اول کان آخر تائين دنيا کان
متنفر هئي - جيڪي به ڪين ظاهري ملڪيت مان مليو سو به
ترڪ ڪيائون - ۽ هميشه اين چوندا هيا ته هر وقت اسان ڏي
جيڪو به اچي تو سو دنيا ملڻ لاءِ پٽ ملڻ لاءِ دعا وانگي ٿو
مگر افسوس جو ڪو به رب ملڻ لاءِ دعا وانگي نٿو هي - جنهن
لاءِ هميشه افسوس ڪندا هوا. جڏهن حضرت خواجه صاحب
عليه رحمت جن رحلت فرمائي ته پاڻ حضرت مرشدم صاحب
جن ساڻ گڏ جي اچي ٽنڊو سائينداد ۾ رهيا - جيت حضرت
مرشدم صاحب جن کي ٽنڊو لاهي غلام علي خان واري ٿالپر مير امام بخش
خان زمين ۽ باغ ٽنڊو ۾ ڏنو هو. جنهن ۾ ذڪر ڪيو ويو لکي

اٿي سنڌ جا مساڻ داد ۾ تقريباً ٻه سال گذريا - اتي ئي وچ ۾ حڪيم
سيد الاهي بخش شاهه اسان جي حضرت والد صاحب کي عرض ڪري
اوهان ڀيٽ سنڌ جا محمد خان ۾ اچي رهو - اسان جي حضرت والد
صاحبن به اها صلاح پسند ڪئي - ۽ جيڪا هن وقت اسان جي
موجوده جاءِ آهي سا زمين مير مرحوم ساڳي امام بخش خان ٽالپر
سورهن (١٦) سوڻن ۾ خريد ڪري جلد ست الحرام اسان جي حضرت
والد صاحب نالي ڪئي - ۽ ان زمين ۾ هڪ ايغرتي اسان
جي حضرت والد صاحب ڪون عيدگاهه ۽ مسجد ۽ اوطاق ٺهرائي ۽ اچي
سنڌ محمد خان ۾ رهيا جتي اڄ تائين اسان سندن اولاد رهون ٿا -
حضرت قبله صاحبن جي اولاد جيتي پلڪي آيو آهيان - سندن وڏو
فرزند لخوي حضرت آغا عبدالسلام جان صاحب هو ۽ ٻن
فرزندن هڪ عبدالفتاح ۽ ٻيو عبداللطيف جن ننڍپڻ ۾
ننڍپڻ ۾ وفات ڪئي - جو ٽئون فرزند حضرت آغا محمد جان هو
۽ ٻيون ٻڌهي راقم الحروف العاصي عبدالغفار آهي -

آخري محمد عمر جان مرحوم ۽ اڪبر آهي هت سنڌ محمد خان ۾ تولد ٿيا آهن
جن جي ولادت جو سال سنه ١٣٢١ھ آهي - سيد محمد عمر حضرت قبله گاهه
صاحبن جي رحلت وقت تيرهن (١٣) سالن جا هئا. ننڍپڻ ۾ پڙهڻ
کي ڪلام پاڪ جي ۽ علم فارسيءَ جي تعليم حضرت قبله گاهه کان ملي -
فارسيءَ جي ڪتاب مولانا سعدي عليه الرحمت جي بوستان ستين
باب تائين حضرت قبله گاهه صاحبن پڙهيو ۽ ڪلام پاڪ سورة
يوسف (عليه السلام) تائين به حضرت قبله گاهه صاحب وٽ پڙهيو
حضرت قبله گاهه صاحبن مون کي ڪلام پاڪ تفسير کي معنيٰ
سان پڙهائيندا هوا. اسان جي حضرات جو هي اصول هو ته
ٻارن کي اول فارسيءَ جي ابتدائي ڪتابن جو سبق ڏيندا هوا
تنهنڪري ته ٻار قرآن پاڪ جو ادب بجا نه آڻيندا ۽ بي وضو
نه پڙهن - تنهنڪري جڏهن ٻار سمجهدار ٿيندو هو ته
تڏهن انکي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيندا هوا. ۽ نماز لاءِ ٻارن
کي ننڍيون ننڍيون سورتون يا دعائون ڏيندا هوا - انهيءَ اصول

مرجب مون کي به ابتدائي فارسي ڪتابن جي تعليم حضرت قبله گاهه صاحب جن ڏني. مون کي ياد آهي ته حضرت صاحب جن مقبره شريف جي زيارت لاءِ هليا ۽ رات جو اتي رهيا. صبح جو مون کي به بيت ڪريما جا لکي ڏنائون ته وڃ ۽ وڃي حضرت خواجه صاحب جن جي آڏو پڙهه. اهي به بيت هي هوا.

ڪريما ببخشاي بر حال ما که هستم اسير کمند هوا
نداريم غير از تو فرياد رس توئي عاصيان را خطا بخش و بس

"ڪريما" کان پوءِ مون کي "نام حق" فارسي جو پڙهايائون - پوءِ "پندنامه" پوءِ "بوستان" ساڻ گڏ قرآن پاڪ جي تعليم ڏيندا هوا. حضرت قبله گاهه صاحب عليه الرحمت جن جو اصول هو ته نماز عصر کان پوءِ نماز عشا تائين مسجد ۾ رهندا هوا ۽ انهي دوران قرآن پاڪ يا حديث شريف مان نبين ۽ ولين جا قصا ٻڌائيندا هيا. سنت [طبع] مبارڪ اِتري ته جلالي هوئي جو سندن آڏو عيب ۽ خوف کان ڪو به نه ڳالهائي سگهندو هو. رمضان

شريف ۾ تراويح جو نا حافظ يا پاٺ پڙهائيندا هوا ۽ تراويح بعد
مسجد ۾ ويهي قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول هوندا هوا تان
به سحوءَ — پوءِ گهر اچي سحري کائي نماز فجر ۽ اشراق بعد
آرام ڪندا هوا ۽ ظهر جي نماز تي اچي نماز بعد وري به قرآن پاڪ
جي تلاوت ڪندا هوا ۽ عصر جي نماز بعد ختم خواجگان
حضرات جو مقرر پڙهندا هوا. جيڪي منهنجي ننڍي عمر ۾ به مون کي
دهلي نبين، ولين ۽ حضرات جا قصا ٻڌائيندا هوا. ۽ آءٌ وري
گهر اچي اهي قصا حضرت والد صاحب جن کي ٻڌائيندو هوس
۽ منهنجا اخوي مرحوم آقا عبدالسلام جن کي چوندا هيا ته تون قاضي
آهين — افسوس صد افسوس جو آءٌ ننڍي عمر ۾ حضرت قبله
گاهه جن جي سايه مبارڪ کان محروم ٿيس جو ١٣٣٤هه ۾ حضرت
١٣ ١٤
قبله گاهه صاحب جن رحلت فرمائي. ان وقت منهنجي عمر ٽيرهن چوڏهن سال
هئي. حضرت قبله گاهه صاحب جن منهنجي تعليم لاءِ مسيارين جي
هڪ مولوي صاحب نالي ميان حافظ محمد صاحب جن کي مقرر ڪيو

حضرت قبله گاهه صاحبن جي رحلت بعد مون فارسي ڪتاب سڪندر
تائين ۽ عربي جا ابتدائي ڪتاب صرف وارا مولوي صاحب ميان
خير محمد وٽ پڙهيا. هڪ بار افسوس جو آءٌ حضرت قبله گاهه صاحب
جي فياضانه صحبت کان محروم رهجي ويس. جيڪڏهن حضرت
جن جو سايه مبارڪ ڪي سال اڃان مٿان قائم هجي ها ته ضرور
ناچيز آءٌ ڪنهن علمي مقام تي پهچان ها. مگر افسوس جو غير
ماڻهن جي صحبت ۾ ڀٽڪيل رهيس. مولوي ميان خير محمد کان
پوءِ مولوي ميان عنايت الله مرحوم وٽ ابتدا کان عربي
جا ڪتاب فقه، شرح وقايه، نحو ۽ ڪافيه تائين پڙهيا.
جناب حضرت قبله مرشد صاحبن پنهنجي همشيره جي خاطر احسان
جي حد کان زياده مهربان هوا. تان جو مون کي پنهنجي دامادي جو
شرف عطا فرمايائون ۽ شادي جو سارو خرچ پاڻ تي هموار ڪيائون
۽ مون کي پنهنجي مريدن جي نفاست تي پنهنجي خاص خليفه مرحوم قاضي
عبدالحڪيم سان [illegible] گڏ سنڌ جي سفر تي موڪليائون

سيوهڻ کان وٺي شڪارپور تائين سفر ڪيم - حضرت والد صاحب جن
جي ڪهڙي شڪارپور مان حاجي محمد عارف جي دوڪان تان
شاديءَ لاءِ ڪپڙا ورتم ۽ باقي ٻيو سامان ڪيو سو پنج سؤ (٥٠٠)
روپيه والد صاحب کي آيا ڏنم ان وقت سڄا پنج سؤ اڄ
جي پنجن هزارن روپين جي برابر هيا - آخري رحيم حضرت حافظ
محمد هاشم جان صاحب جي شادي جو اسان جي گهران هئي ان مرحوم
سان گڏ منهنجي به شادي ٿي - شاديءَ کان پوءِ مون کان تعليم
بند ٿي وئي ۽ پورا ڇهه سال بنا تعليم جي رهيس - ڇهن سالن
کان پوءِ وري مون کي شوق ٿيو ۽ گڙهي ياسين وياسين ۽ جناب
حضرت مولانا محمد قاسم صاحب جن وٽ تعليم شروع ڪيم -
۽ پورا چار سال گڙهي ياسين ۾ رهيس جناب خانبهادر محمد
خان جو خاص مريد مان هوس ۽ سندس والد صاحب خاص اسان
جي قبله گاه صاحب جي مريد هئا تنهن ڪري منهنجون حد درجي
خدمتون ڪيون - خداوند تعالى اجر سندس مثال ڪين آهي

خدمت جي عوض آخرت ۾ صلو عطا فرمائي. باقي احقر وارا اصحاب

هوا ته قدرت الله تعاليٰ اڄ مولانا موصوف صاحب جن رحلت ڪئي.

مولانا صاحب جن جهڙو عالم رباني هوا. سندن تصنيف لکڻ کان

باهر آهي سندن تعليم جو مثال دنيا ۾ مشڪل هوندو. ننڍي

عمر ۾ رحلت ڪيائون. سندن بيماري اڪثر حال سعيد ڏيڻ هلي

آخر بيماري ۾ جيڪي ڪجهه ڳالهائيندا هو سو عربي ۾. اتفاقاً

جناب حضرت اخوي آقا عبدالستار جان صاحب جن خانبهادر وٽ

آيا ۽ اُن رات مولانا صاحب رحلت ڪئي. ۽ جنازه جي نماز

حضرت اخوي صاحب پڙهائي. جنهن اخوي صاحب "الله اڪبر" چيو

ته جنازه مان به مولانا صاحب الله اڪبر جو ڪلمو بلند آواز

سان چيو. مولانا صاحب جي رحلت جي ڪري دل ۾ بيحد ڀي -

جيڪا موڙ ۾ مزو مولانا صاحب مرحوم جي تعليم ۾ هيو سو

ٻئي هنڌ نه هيو جهڙي گرج هي پاڻ ۾ مانجهه طرح خيال ڪيم

۽ حبڙه ۾ حضرت مرشديم صاحب عليه الرحمة جن مولانا صاحب جن
جي فاتحه خواني ۾ آيا ته حضور ساڻ حال منهنجي عرض ڪيم
پاڻ فرمايائون ته درگاهه شريف ساڻين دادتي مولوي ميان عبدالقيوم
صاحب صاحبزادن کي تعليم ڏيندي هيو آهي تون به اتي وڃي باقي
رهيل نصاب پورو ڪر. ته مان موٽي هت گهر اچي مولوي صاحب
موصوف جن وٽ رهيل آخرين نصاب دعوا انگ پڙهي پورو ڪيم
انهي وچ ۾ حضرت والده صاحبه جن مون کي حڪم ڪري فرمايو
ته تون وڃي حضرت مرشدنا صاحب جن جي خليفن وٽ سلسله
جي بيعت وٺي مريد ٿي. رمضان شريف جو مهينو هو صبح
جو ڏهين بجه ڌاري درگاهه شريف ساڻين دادتي آيو حضرت
صاحب جن جي خدمت اقدس ۾ عرض ڪيم ته مون کي سلسله ۾
داخل فرمايو. حضرت صاحب جن جو احسان جي حد درجه کان زياده
مهربان هوا عرض قبول فرمائي چيائون ته جمعه ڏينهن اچ
ته نماز بعد توکي سلسله ۾ داخل ڪنداسين.

الحمد لله والشڪر لله جنهن اها ڳالهه مشهور ٿي ته منهنجي ماسٽي
مرحوم غلام احمد جان به حضرت صاحبن جي خدمت ۾ سلسلي ۾
داخل ٿيڻ لاءِ استدعا ڪئي. حضرت صاحبن ان کي بعض اوقات
تون به فلاڻ مسان گڏجي جڏهن ڏينهن اچي سلسلي ۾ داخل ٿيءُ. اسان
ٻئي جڏهن ڏينهن منازڪان اڳ اچي درگاه شريف تي حاضر ٿياسون
۽ جناب حضرت مرشدنا صاحب عليه الرحمت جن جي انتظار ۾ سندن
دروازي تي ويٺاسون. ڪجهه ٿوري ۾ هلنديا تحفا مائيءَ
ماجا ڳالهين ٿي هت حضرت صاحبن جي خدمت ۾ اندر ڪلهيم
۾ حاضري جي اطلاع عرض ڪيم. اتفاقاً ان وقت مرحوم قاضي
ميان عبدالڪريم ميٺو ڏيرو به درگاه شريف تي آيل هو جنهن کي
اسان جي داخلي سلسلي جي خبر پيئي ته قاضي عبدالڪريم به پنهنجي پٽ
مولوي غلام محمد جي مريد ڪرائڻ لاءِ اچي حضرت جن جي دروازي
تي عرض ڪرڻ لاءِ ويٺو. باهر صحبت شريف ۾ علي محمد افغان ملڪ
جي حضرت قبله مرشدنا صاحب عليه الرحمت جن دروازي تي تشريف

فرمائيا - اسان سندن قدم بوسي ڪئي تہ قاضي صاحب مرحوم بہ عرض
ڪيو تہ قبلہ ما بہ جيڪڏهن نوازش فرمائي صاحبزادن سان گڏ
مون مريدزادي کي بہ سلسلہ ۾ داخل فرمايو تہ نوازش ٿيندي -
حضرت صاحب جن کي جوش آيو ۽ فرمايائون تہ هرگز نہ... قاضي
مرحوم چپ ٿي ويو - اسان بہ ششدر ٿياسون تہ اسان کي بہ
هاڻي شرف داخل سلسلہ جو ملي يا نہ ملي - اهڙي حوض ۾ جناب
حضرت صاحب عليہ الرحمة جن جي بنيان هلندي مسجد شريف
۾ آياسون - حضرت صاحب جن جي نفل وسنت پڙهڻ بعد خطبہ
جناب حضرت اخي عبدالستار جان صاحب پڙهيو - نماز لاءِ
پيش امام جناب حضرت قبلہ آقا شالا آغا صاحب ٿيا -
نماز بعد ۾ سنتن ادا ڪرڻ بعد سموري خلق هلي وئي
باقي فقط اسان ٻہ اميد ۾ ويٺا رهياسون - حضرت مرشدي
صاحب جن اصول بعد وظيفہ دلائل الخيرات جو شروع ڪيو -
فقير علي محمد افغان بہ اتي ويٺو هو - اسان ٻاهر مسجد شريف

جي ورائڻ ۾ ويٺا هوا سون. ختم بعد جناب حضرت صاحبن
اسان کي اشاري سان طلب فرمايو ۽ اسان کي اعوذ بالله ۽ بسم الله
سان گڏ تلقين شروع فرمائي آخر ۾ قلبي توجه اسان جي قلب
ڏانهن فرمائي ۽ هنن لفظن سان خطاب فرمايائون ته آءٌ اوهان
کي ڪن گهڙين جي صحبت ڏيکاريان ته هلندي ڦلندي ڪم ڪار
ڪندي هميشه دل ۾ ذڪر "الله" جلشانه ڪندا رهو. اهو
ذڪر هر دم آهي جو آخر انشاء الله تعالى اوهان کي آخر تائين نڀائيندو
۽ باقي وڌيڪ ترقي بخشي عطا فرمايائون. تلقين وقت مون تي هڪ
اهڙي حالت طاري ٿي جو مدهوشي ۾ مون حضرت صاحبن کي
هيبت کان ٿي نه ٿي ڏٺو بلڪ تمام مستي ٿي ڏس ۾ آيا. وڌيڪ
جيڪا ڪيفيت گذري اها ظاهر ڪرڻ ۽ لکڻ کان ٻاهر آهي. مون
کي ڪا به طاقت نه آهي جو بيان ڪري ساڳيو. ان کان بعد حضرت
قبله مرشديم صاحب عليه الرحمة جن حرم سرائي ڏانهن روانا
ٿيا ۽ اسان سندن قدم بوسي ڪري فخر سان موٽياسون.

گھر ڏنھن حضرت والد صاحب جن جي قدمبوسيءَ لئي ويون. حضرت والد صاحب اسان کي مبارڪون جو شرف عطا ڪيو ۽ هر طرف کان مبارڪ، مبارڪ جو آواز بلند ٿيو. الحمد لله والشڪر له هي راقم عاصي فخر سان اعلان ٿو ڪري ته رب تعالى جل شانه پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان جيڪو مون کي مرشد عطا فرمايو انهن جو مثال مغرب کان مشرق ۽ جنوب کان شمال تائين جيڪڏهن وڏي نظر سان ڏسبو ته ملڻ محال آهي.

ذَٰلِكَ فَضْلُ اللَّهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَشَاءُ وَاللَّهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ ۝

جنهن زماني جي لاءِ هيءُ اسان انتظار ڪيل آهيون جو اها عرشي هلندي هلندي آخر حضور رسالت مآب سرور ڪائنات صلي الله تعالى عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم تائين ۽ پوءِ حضرت ربّ العزت جل شانه تائين انتظار ڪيل آهيون، ڪهڙي نه برڪت هوندي. اميدوار رحمت الاهيءَ آهيون -

مولانا سعدي رحمت الله عليه فرمائي ٿو ته -

شنيدم كه در روز اميد و بيم — بدان را به نيكان ببخشد كريم

هي ستائش منهنجي مريدي جو ذكر كيم - ڀائي! منهنجي قبله گاهه حضرت والد صاحب جا آخرين حالات ۽ رحلت بابت لکندس - حضرت قبله گاهه صاحب جن ننگر ٺٽي جو سفر ڪري هليا ۽ اتان ساکره مان قاضي وٽان ٿيندا کراچي هليا ۽ اسان به پاڻ يعني اخوي محمد عمر جان ۽ هي عاجز بنده ساڻن سفر ساڳيءَ ۾ گڏ هئاسون. ڪراچيءَ پهچڻ تي استقبال لاءِ مريد اسٽيشن مٿي تي آيل هوا - اسٽيشن تان حاجي قاسم جي گهوڙي گاڏيءَ تي سوار ٿي کڏي ۾ آياسون. ته حضرت قبله گاهه صاحب جن مريدن کي فرمايو ته بابا منهنجو هاڻ وٽ هي آخرين سفر آهي - مون خواب ڏٺو آهي ته ڪنهن شخص منهنجي ساڄي هٿ تي ٻارهن جو انگ لکيو آهي - توهان معلوم آهي ته هاڻي سال ته ڪونه باقي ڪي مهينا يا هفتا منهنجي عمر رهندي - ائين گفتگو ڪري مريد دلگير ٿيا

۽ رُنو لڳا. حضرت صاحبن ڪين دلاسا ڏنا ته اوهان دل ڳير نه
ڪيو الله پاڪ جلد ئي اوهان جو حافظ ۽ ناصر آهي. ڪراچيءَ
کان گهر موٽي بعد شوال واري مهيني ۾ ويا حضرت جن سيوهڻ
۽ سيتجهر طرف روانا ٿيا ۽ اسان به ساڻن سفر ۾ گڏ هئاسون.
جڏهن سيتجهر ڳوٺ جون دعوتون پوريون ڪري گهاٽ ۾ آيا ته ٽيهه
آيا هئون ۽ اتان ٽيئن ڏينهن جي دعوت تي سيوهڻ پهتاسون ۽
عصر جو وقت هو ته هڪڙو دوست محمد بوءِ عرض ڪيو ته قبلا
منهنجو پٽ سخت بيمار آهي. مهرباني ڪري ان لاءِ شفا جي دعا
فرمايو. حضرت قبله ڪاهه طب جي اندر ويا ۽ ٿوري وقت بعد موٽي
آيا ۽ مون کي فرمايائون ته بابا مون هڪ اهڙي صورت ڏٺي
آهي جو منهن ۾ مشرق کان مغرب تائين هوا ۾ الٽي پيئي مان
هڪ پوڙهي ڪي مٽي تي لڳو آهي. جنهن ڪري مٽي ۾ ذرا سوز
ٿيو آهي. جنهن ڪري هن پوڙهي کي اها صورت ڏسي ها ته سخت ۽
بيهوش ٿي ويو هو. ۽ بيمار جو ڪرو حضرت صاحبن جي

اوطاق تائين ٻڌي جي وقت ۾ ختم ٿيو. اڳي رات جناب حضرت قبله
گادي وارا صاحب جن جي طبع عليل ٿي - پوءِ به سفر بند ڪري دادو ۾
آخوند عبدالله مختيار پوري ۾ جي دعوت تي آيا هئون - ٻي ڏينهن
به ڏينهن حضرت صاحب جن رهيا، سڀني طبع ناساز رهي. قبله
سيوهڻ جا مريد آيا مگر حضرت جن فرمايو ته منهنجي طبع خوش نه آهي
هنن کي هلڻ نه ٿيندو - دادو کان گهر آيا هئون - مون حضرت
والده صاحبه کي چيو ته حضرت صاحب جن جي طبع مبارڪ
خوش نه آهي - پوءِ آهسته آهسته اهو جيڪي جو سڄي ڏينهن وڌندو رهيو
جيئن جو شام کان ڏيڍ صبح جو اشراق تائين سخت سور رهندو
هو - ٻي مهينا برابر اهو سور رهيو آخري هفتي ۾ فرمايائون
ته حضرت مرشد رحمت الله تعاليٰ عليه جيڪي ان وقت سفر
تي هيا انهن کي لکو ته سفر بند ڪري اچو ۽ منهنجي جنازه جي
نماز اوهان اچي پڙهايو. حضرت قبله مرشد صاحب جن
الهجي پيغام پهچڻ شرط سفر بند ڪري گهر آيا ۽ سڌو اسان

کان اسان جي گهر آيا سيد حضرت صاحبن جي ان وقت غشي طاري
هئي - حضرت مرشديم صاحبن السلام عليكم چيو ته
اسان جي والد صاحب به آخرين ڪلام وعليكم السلام ڏنو
ان کان پوءِ بيو ڪو به ڪلام نه ڪيائون - خميس رات نماز
مغرب بعد رحلت فرمايائون جمعه محرم سنه جو هو، تاريخ چوٿين
هئي - ان وقت سواري جو بندوبست نه هو - هي جنازو ڪلهن
تي مقبره شريف ڏانهن وٺون هو - سيد عبدالله شاه صاحب
جي هٿن حضرت صاحبن جو جنازو مبارڪ مٿي تي ڪيو
هو ۽ سيد عبدالله شاه پيرين اگهاڙو جنازه مبارڪ
سان ڊوڙندو ٿي هليو - حضرت مرشديم صاحب عليه رحمت
جن مشڪي گهوڙي تي سوار هيا - گهوڙو پوري رفتار سان
جنازه سان گڏ هو - جنازه مبارڪ اڌ منزل تي پهتو
بيا ان ۽ گهوڙن تي سوار پوئتي رهجي ويا فقط حضرت
مرشديم صاحب رحمت الله تعالى عليه جن پنهنجي گهوڙي تي

جنازه سان گڏ هوا - مدفن قبر مبارڪ حضرت خواجه صاحب
رحمت الله تعاليٰ عليه جن جي چوڪنڊي کان ٻاهر اولهه طرف
متصل آهي جو اڄ جناب حضرت قبله خواجه صاحب جن جي گنبد
مبارڪ کان ٻاهر ورانڊي ۾ اولهه طرف تي آهي ۽ اها برخوردار
صاحبزادي عبدالباقي جان سنگ مرمر سان ٺهرائي آهي.
رب تعاليٰ ڪين اولاد سميت دين دنيا جون نعمتون عطا فرمائي آمين
مدفن قبر مبارڪ تي سنگ مرمر جي تختي مٿان جناب حضرت قبله
مخدوم رحمت الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي چيل قطعه تاريخ پنهنجن
هٿن مبارڪن سان لکي آهي - اها قطعه تاريخ هي آهي

شيخ عبدالقدوس حق آگاه — کرد زين دار بي بقا رحلت
شب پنجشنبه چارم عاشور — روح پاڪش روان سوي جنت
سال ترحيل او بگفت حسن — لفظ مغفور با سر حسرت

۱۳ ۳۴

حضرت قبله گاه صاحب جن جو اولاد هن ريت آهي - ڪين
جملي پنجن فرزند تولد ٿيا ۽ جملي ڇهه ڄڻا ٿيون -

سندن وڏو فرزند نمبر ١ آغا عبدالسلام جان صاحب - ان کان بعد
ٻيو بالغ فرزند ۽ ٻيون نمبر ٣ فرزند صغر سنيءَ ۾ فوت ٿيا - ٽيون
جنالو عبداللطيف جان ۽ ٻيو جو عبدالفتاح جان هو - هي ٻئي
صاحبزادا ننڍپڻ ۾ فوت ٿيا ۽ اُتي ئي مدفون ٿيا - فرزند نمبر
چوٿون آغا محمد عمر جان صاحب هو هي صاحب حسن ٻڪمه ۽ صاحب
جلال جو هو - پنجون نمبر ٥ هي مسڪين عاصي عبدالغفار جان عفي الله تعاليٰ
عنه آهي - حضرت آغا عبدالسلام جان صاحب جن کي ڇهه
فرزند ۽ ٻه نياڻيون هيون نمبر ١ وڏي فرزند جو نالو غلام محمد جان
هو جو صغر سنيءَ ۾ فوت ٿيو - نمبر ٢ ٻيو غلام احمد جان نمبر ٣ ٽيون
غلام قيوم جان نمبر ٤ چوٿون حبيب الله جان نمبر ٥ پنجون
غلام محمد جان نمبر ٦ ڇهون صفي الله جان - حضرت قبله گاهه صاحب
جن جو فرزند نمبر چوٿون محمد عمر جان صاحب آهي ان کي ٻه
فرزند ۽ ٻه نياڻيون نمبر ١ پهريون فرزند عبداللطيف جان نمبر ٢
ٻيو فرزند عبدالجبار جان جي نالن سان آهن -

من پنجين نمبر راقم العاصي عبيد الغفار کي عفي الله تعالى عنه
پنج فرزند تولد ٿيا نمبر پهريون عبدالباقي جان نمبر ٻيو
عظيم الله جان نمبر ٽيون امين الله جان نمبر چوٿون
هي فرزند ذهن باهوش ننڍپڻ جي عمر ۾ فوت ٿيو نمبر چوٿون
ثاني حافظ امين الله جان نمبر پنجين حافظ محمد الزمان
عبدالباقي جان کي هڪ فرزند ۽ پنج ڌيئرون آهن -
فرزند ارجمند ابو محمد عاصم جان آهي طول عمره جو هن وقت پيساري
علاج ۾ ڊاڪٽري ۽ جو ڇهون سال ٿي ويو آهي ربّ تعالى
جلّ شانه شاگردن کي عمر با صلاحيت وهدايت فرمائي - عظيم الله
جان کي ٻه فرزند ۽ چار ڌيئرون آهن . فرزند نمبر پهريون عزيز الله
جان ۽ ٻيو نمبر حفيظ الله جان طول عمرها آهن . حافظ امين الله
جان کي چار فرزند ۽ ٻه ڌيئرون آهن نمبر پهريون غلام عمر جان
نمبر ٻيو محمد سالم جان نمبر ٽيون مسلم جان نمبر چوٿون سلمان جان
طول عمرها آهن ۽ حافظ محمد الزمان کي ٻه فرزند ۽ ٻه ڌيئرون آهن

منهنجي پوين منور احمد جان ۽ سيد محمد نعمان جان طول عمرهم بالهداية
والصلاحية بحرمت النبي عليه التحية والسلام. ۽ آخر دعوانا
انِ الحمدُ للهِ ربِّ العالمينَ ۝ اَللّٰهُمَّ مغفرتُكَ اَوسعُ
مِنْ ذُنوبِي وَرَحمتُكَ اَرجىٰ عِندِي مِنْ عَمَلِي ۝
هاڻي جناب مشاهه حضرت شاهه فضل الله صاحب عليه الرحمت
جن جي والد صاحب جو احوال ۽ آخر ۾ حضرت شاهه صفي الله
رضي الله عنه
صاحب جن جي مناجات ۽ ٽهڪ ۾ نعت ۾ سمجهالي ته قيوم
جاڳي جيئنڻ آهي لکجي ٿو سچل جو حضرت پير صاحب جن قيوم
وقت جاهوا ۽ ڀائيجي حضرت قيوم جهان رضي الله تعالى عنه
جن جي آهي ۾ سندن والد صاحب سادات بخاري مان آهي
حضرت شاهه فضل الله صاحب عليه الرحمت جي والد صاحب جي
صاحب ۾ جناب قدوة الاولياء حضرت شاهه غلام النبي صاحب
جاهليه مبارڪ ۾ حضرت شاهه صفي الله صاحب رضي الله تعالى
عنه جا اول نمبر خليفه ۽ نيڪ بخت ۾ حضرت قدوة الاولياء

حضرت شاهه غلام محمد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن کان به ليکي
فيض عطا ٿيل آهي - جد بزرگوار حضرت شاهه صفي الله صاحب جن کي
رب تعالیٰ جل شانه قيوميت جو رتبو عطا فرمايو هو. تن کي جي صاحب
جميع حضرت قيوم زمان ڏانهن ڪري اعلیٰ درجات کي پهتا ۽
آخر واري سارو وقت سندن خدمت مبارڪ ۾ رهيا. سندن
والد صاحب جن جو نالو حضرت شاهه عطاء الله صاحب بخاري
سادات مان آهي - شاهه عطاء الله صاحب جن حضرت شاهه
حاجي عبدالوهاب شاهه جي اولاد مان آهن. قدس سرهٔ - جناب
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن جي وقت ۾ دهلي ۽
۾ رهندا هوا ۽ اتي ارشاد ڪندا هوا - جناب حضرت مجدد صاحب
رضي الله تعالیٰ عنه جن ڪن هڪ مڪتوب ۾ سندن مدح به لکي آهي
حضرت شاهه عبد الله صاحب جن قدس سره جو نسب جناب حضرت مخدوم
جهانيان سان ملي ٿو - حضرت حاجي عبدالوهاب شاهه جي اولاد
مان جناب حضرت سيد حاجي عبدالرحيم شاهه حج بيت الله شريف

کان فارغ ٿي مدينه منوره ۾ جڏهن زيارت حضرت سرورِ ڪائنات
صلي الله تعاليٰ عليه وعليٰ آله وصحبه وبارڪ وسلم کان مشرف
ٿيا ته حضور جن کين حڪم فرمايو ته سرهند شريف وڃو ۽ حضرت
"خازن" صاحب خلف جناب حضرت مجدد الف ثاني جن کان سندن نياڻي
جو رشتو طلب ڪيو. جو انهيءَ مان توکي فرزند صالح پيدا ٿيندو
حضرت عبدالرحيم شاهه صاحب حڪم موجب سرهند شريف ۾ اچي
حضرت محمد سعيد صاحب "خازن" کان رشتي جي طلب ڪئي ۽
حضور جن جو امر به کين ٻڌايو. حضرت "خازن" صاحب عليه الرحمة
جن فرمايو ته انهيءَ خاطر ترسجو جڏهن مون کي به حڪم ملي ته مان
اکين سان توکي رشتو ڏيندس. رات جو خواب ۾ حضرت خازن
صاحب جن کي جناب سيدة النساء حضرت بي بي صاحبه فاطمه رضي الله
جھولي ۾ تعاليٰ عنها حضرت خازن کي فرمايو ته پنهنجي نياڻي منهنجي جهولي
۾ ڏي. جڏهن حضرت خازن صاحب جن اهو حڪم ٻڌو ته
صبح جو وڏي خوشيءَ ۾ فخر سان پنهنجي نياڻي حضرت عبدالرحيم شاهه

صاحب جي عقد ۾ ڏنائون. هن بي بي صاحبہ مان حضرت عبدالرحيم شاه

صاحب کي فرزند پيدا ٿيو تہ اُن کي حضرت "وحدت" صاحب رضي الله

تعاليٰ عنہ پنهنجي ڀائٽيءَ جي عقد ۾ ڏني. اهڙيءَ طرح اهو رشتو سلسلو رهيو

تان جو جناب حضرت حاجي غلام محمد معصوم صاحب "معصوم ثاني"

بہ پنهنجي ڀائٽي حضرت عطاءُ الله شاه صاحب کي عقد ۾ ڏني جا حقيقي همشيره

شاه صفي الله صاحب رضي الله تعاليٰ عنہ جي هئي. جنهن مان هي ڏ

بي بي صاحبہ جن کي شاه فضل الله صاحب جي والده صاحبہ آهي

تڪلفي. رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين. حضرت بي بي صاحبہ

جو مثال زالن ۾ تہ ڇا مگر مردن ۾ ملڻ بہ مشڪل آهي.

قيوم زمانہ جا هوا. سندن مامي ۽ مرشد قيوم جهان صاحب

جن کين ارشاد جي اجازت ڏني هئي. حضرت قيوم جهان جن

فرمائيندا هوا تہ بي بي صاحبہ ۾ ظاهري فرق آهي باقي باطن

جي ڪمالات ۾ مون سان شامل آهن. حضرت قيوم جهان

صاحب جن پنهنجي امداد کي بلڪہ مخلصن کي بہ سندن لاءِ رجوع

جمع فرمايو - ۽ پنهنجي اولاد کي سند مريدي ۽ پيري لکي فرمايائون -

بي بي صاحبه موصوفه رضي الله تعالىٰ عنها اندران حجره مان ٻاهر

وڃي مريدن جي توجه حلقه ۾ فرمائيندا هوا - سندن نالو مبارڪ

امة المعصوم آهي رضي الله تعالىٰ عنها -

حضرت قيوم جهان صاحب جن کين خلافت جي سند لکي ڏني آهي

جڏهن حضرت قيوم جهان صاحب جن ڪابل مان حرمين شريفين روانا

ٿيا ته حضرت بي بي صاحبه جن به ساڻن انهن سفر ۾ گڏ هيا -

جڏهن مڪي ملڪ ۾ "حدوره" ۾ حضرت قيوم جهان صاحب جن

خلعت عطا ڪئي ته سندن لاءِ احاطه، مسجد وغيره لاءِ، مخلصن

کي رقم ڏني پاڻ حرم پاڪ ڪعبة الله شريف ڏانهن روانا

ٿيا ۽ اتي حج جا ارڪان بجا آڻي رب تعالىٰ کان انعامات حاصل

فرمائي مدينه منوره ڏانهن هليا - اُتي جناب حضرت سرور ڪونين

صلي الله تعالىٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جن پنهنجي خليفن سميت

کين قيوميت واري سبز پوشاڪ (خلعت) عطا فرمائي ۽

لوڙي جي موجب لوڙا ست ڇهنا مدينه منوره ۾ رهيا. لوڙي جڏهن
ڪين موٽڻ جي اجازت ملي تڏهن بابه جبره ڪان عمري جو احرام ٻڌي
مڪه معظمه ۾ آيا. ۽ وري حج ڪري آيا ۽ آتان جڏهن سنڌ ۾
حدودن ۾ آيا ته پهرين مرشد جي زيارت لاءِ شهر ۾ آيا ۽ جيڪا
رقم احاطي ۽ مسجد جي ٺاهڻ لاءِ اڳي ڏني هئائون ان مان ٿيل ڪم
جو معائنو فرمائي باقي ڪم لاءِ رقم ڏيئي پنهنجي رستي سفر ڪري
سنڌ ۾ آيا. جڏهن شهر مٽياريءَ ۾ هئا ته اُت سندن نانيءَ
رحلت ڪئي. سندن نانيءَ جي عمر اُن وقت سورهن (١٦) سال هوئي. رهي
معصومه رب تعالى جل شانهٗ جي عجائبات مان هئي. سندن تاريخ
وفات حضرت شاه فضل الله صاحب جن هن طرح لکي آهي. وڏ

بازبه جنات رفت و آن گل باغ جنان
١٣١٤ ١٣١٤

۽ مخدوم صاحب مادهٔ تاريخ "رضي الله عنها" مان ڪڍيو آهي
١٣١٤
اڳي مٽيارين ۾ مسجد شريف ٺهرايائون ۽ مٽيارين جي خلاص
مرحومه حضرت بي بي طيبه جي گنبد ٺهرايو. جو اڄ تائين قائم آهي.

۽ حضرات سياري وارا اتي متمڪن آهن. پوءِ سنڌ کان ماڻهو روانه
ٿي ڪابل ويندا. هڪ سال اُتي رهي پوءِ زيارت لاءِ سرهند شريف آيا
زيارت کان مشرف ٿي وري ڪابل ويندا ۽ اتان زيارات ماوراءُ
النهر بخارا ڏانهن روانا ٿيا. بخارا ۾ حضرت شاهه نقشبند رضي الله
تعالیٰ عنه جن جي زيارت ڪري ڏاڍا باطني انعامات حاصل ڪيائون -
حضرت شاهه نقشبند صاحب جن کين فرمايو ته اسان تو لاءِ رب تعالیٰ
جلشانهٗ کان وڌيڪ عمر لاءِ سوال ڪيو سون رب تعالیٰ اهو قبول
فرمايو. اوهان کي ٽيهه (٣٠) سال وڌيڪ عمر عطا ٿي آهي. پوءِ
عرض ڪيائون ته اهل سلسلو منهنجي پٽن فرزندن هڪ حضرت
شاهه فضل الله صاحب ۽ ٻيو حضرت شاهه ضياءالحق صاحب کي ملي
اهو سوال به منظور قبول ٿيو. اتان حضرت شاهه ڪمالُ صاحب
رضي الله تعالیٰ عنه جن جي زيارت لاءِ آيا ۽ اتان انعامات
باطني حاصل ڪري مزار شريف حضرت امير المؤمنين سيدنا
حضرت علي رضي الله تعالیٰ عنه جي درگاه عاليجاه تي ويٺا -

حضرت شيرِ خدا رضي الله تعاليٰ عنه جن کين وڌا انعامات ۽ عنايات
عطا فرمايا ۽ کين سندن قبر مبارڪ بہ اُتي ڏيکاريائون .
۽ پوءِ پاڻ اتي مزار شريف ۾ رحلت ڪيائون - سندن قبر
مبارڪ حضرت شيرِ خدا رضي الله تعاليٰ عنه جي گنبد مبارڪ جي متصل
هڪ ڪنڊ ۾ ننڍي گنبد ۾ واقع آهي - جا اڄ تائين اُتي قائم آهي
هي مختصر احوال مون سندن الله لکيو آهي ۽ ڪالي بہ هاڻي جي
خير مسان پڙهي ٿي - هاڻي ڪجهه ڪماليش ۽ مناجات ۽ نعتون
حضرت شاه قيوم ڪماڻ جا لکيل آهن - مختصر ڪري حضرت بي بي
صاحبه ثانيه "رابعه بصري" جو احوال مختصر لکيو اٿم جيڪڏهن
شائقين کي تفصيل سان ڏسڻ جو شوق آهي ته اهو جناب حضرت
شاه فضل الله صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جيڪو سندن فرزند
ارجمند لکيو اٿن جي ڪتاب "عمدة المقامات" مان ڏسڻ گهرجي.
دعا آهي ته مون کي ۽ منهنجي اولاد کي بلڪ سڀني مخلصان محبين
جن کي رب تعاليٰ جل شانه حضرت بي بي صاحبه جي طفيل

هدايت صالحيت سبب آخر الايمان عطا فرمائي - آمين ثم آمين

هاڻي سمجهائجي ٿو ته "قيوم" ڇا آهي. ۽ قيوم جو درجو ڇا آهي.

حضرت قدوة الله شيخنا و مرشدنا حضرت شاه محمد معصوم صاحب
مشهور به حضرت "عروة الوثقىٰ" صاحب رضي الله تعالىٰ عنه
جن پنهنجي خليفه مولانا حضرت محمد حنيف ڪابلي کي هڪ وڏو
مڪتوب لکيو آهي جنهن جي آخر ۾ "قيوم" بابت لکن ٿا
قيوم هن جهان عالم ۾ خليفة الله ۽ جانشين جو آهي.
۽ نائب مناب انجو اقطاب آهي ۽ ابدال وقت دائره ظلال
۾ مندرج آهي ۽ افراد ۽ اوتاد محيط عمال انجي آهن
مطلب ته قيام عالم جو رب تعالىٰ پنهنجي قدرت ڪامله سان
قيوم کي عطا فرمايو آهي. ۽ سمجهڻ گهرجي ته عالم دنيا جي اندروني
حڪومت قيوم کي عطا ٿيل آهي. مڪتوب شريف تمام وڏو
آهي. هت عوام جي سمجهائڻ لاءِ مختصر لکيو اٿم. تم مڪتوب الشريف بالاختصار

خدايا بحق بني فاطمه ۝ ڪه بر قول ايمان ڪنم خاتمه ۝ اگر دعوتم رد ڪني يا قبول
من و دست و دامان آل رسول ۝ صلي الله تعالىٰ عليه و آله و بارڪ و سلم

۱۱

مناجات در درگاه عالی حق سبحانه و تعالیٰ

الهی گرچه بدکام عقوبت را سزاوارم ۝ امید از حضرتت دارم توئی رحمٰن یا الله

نه شد صوم و صلوٰة از من نه حج و نه زکوٰة از من ۝ نه سعی در ثبات از من بجز بطلان یا الله

من از حسن عمل دورم، بداغ فسق ناسورم ۝ عیان چون قصر معمورم، نهان ویران یا الله

بصورت شیخ صنعانم، بمعنی ننگ گبرانم ۝ نه زراه کفر رادانم، نه از ایمان یا الله

منم حادث قدیمی تو، رجیم من رحیمی تو ۝ لئیم من کریمی تو، بصد برهان یا الله

بکردار خراب من، بفعل ناصواب من ۝ رخ احسان متاب از من، توئی منان یا الله

بمعنی آل پیغمبر، بکوی کعبهٔ انور ۝ ز تقصیرات من بگذر، بامین و آن یا الله

بصدیق و عمر عادل، بعثمان و علی عامل ۝ عیان کن با من جاهل ره عرفان یا الله

بوقت نزع من باری، بعشق خویش کن یاری ۝ مرا بی شوق نگذاری دران آوان یا الله

چو سکراتم قریب آید، اگر لطفی کنی شاید ۝ مرا بوی حبیب آید، ز عرستان یا الله

دران حالم ثباتم ده، برات حسن خاتم ده ۝ زگنج خود زکواتم ده، ز زر ایمان یا الله

ز بعد مردنم خویشان، زن و فرزند دلریشان ۝ بنالند ساعتی ایشان چو غم کیشان یا الله

پس آنگه حیله پردازند، به تکفینم هنر سازند ۝ به گورستان روان سازند مرا ایشان یا الله

به قبرِ من فرود آرند، به خاکِ تیره بسپارند ۞ به تنهایم بگذارند، در آن زندان یا الله

ز منکر و ز نکیرِ من، به فریاد و نفیرِ من ۞ تو باشی دستگیرِ من، به هر عنوان یا الله

به حشرم چون برانگیزی، به جسمم جان در آویزی ۞ مرا از لطف نامیزی ز غضبوضان یا الله

من از اندیشهٔ آن دم، به گردابِ غم افتادم ۞ ز عمرِ خویش ناشادم، اجل خواهان یا الله

دلی مشکل بود آن دم، که گر صد مرگ را خوانم ۞ خلاصی نیست از آنم به هیچ عنوان یا الله

مگر لطفت شود شامل، به این فرسوده مشتِ گل ۞ که آید بر لبِ ساحل از آن طوفان یا الله

در آن وادی چو درمانم، کنی دشوار آسانم ۞ کشی بر لوحِ عصیانم، خطِ غفران یا الله

صفی گو زشت کردار است، به بخشایش سزاوار است
ترا از جان طلبگار است، به دل جویان یا الله

نعت شریف حضور سرورِ کائنات

صلی الله تعالیٰ علیه وآله وصحبه وسلم

روشن ز مهرِ عارضت قندیلِ ماه و مشتری ۞ محوِ مهرِ رخسارِ تو چون ذره شمسِ خاوری

نامِ خدا بر طورِ دل پیوسته حق را مظهری ۞ در محفلِ جمعِ رسل تابان چو شمعِ انوری

حیرانم از وصفت تو کز هر چه گویم برتری

ای مهر مشرق والضحی وی بدر اوج هل اتی نجم سپهر ما غوی شمع شبستان سبحی
شهباز اوج فاستوی عنقای غرب قبه‌ای لبدار قد دلی و دنی از سمت ای نور العلی
زاغ البصر شد ما طغی تا غیر حق را ننگری

عرش معظم جای تو بر فرق کرسی پای تو اوج دنی ادنای تو بزم ترآی ماوای تو
روح القدس شیدای تو رضوان چمن آرای تو فردوس خاک پای تو طوبی قد رعنای تو
رخسارهٔ زیبای تو دید حق است ای انوری

ای سرور دنیا و دین وی رهبر ملک یقین از حق ترا صد آفرین بوده است باد اهم قرین
کوی تو فردوس برین پیک درت روح الامین نقاش کلک ویان چنین نقش جمالش را ببین
ناید ز تو مانند این گر صد کنی صورتگری

ای مهر اوج لامکان بدر سپهر عز و شان شمع شبستان جهان نجم منیر آسمان
ختم الرسل صاحب قران مرآت نور مستعان از هجرت ای جان جهان جان در بدن دارد فغان
کم ناید از لطف شهان گر بر غریبان ننگری

من سوالِ روئی توام دیوانۂ بوئی توام   جان دوز ابروئی توام دلبند گیسوئی توام
مستسقئِ جوئی توام بیمار داروئی توام   آشفتۂ ہموئی توام سرگشتہ کوئی توام
آشفتۂ

درہائی درسوئی توام   افتان وخیزان ہرگھڑی

ای شافعِ روزِ جزا ای والئی ملکِ عطا   ہردم صلواۃ ومرحبا پیوستہ بادا مر ترا
کلبت صفیِ بے نوا گم کردہ درگاہِ وفا   از شومئ حرص وہوا دارد بہر در التجی

باحرمتِ نامِ خدا سوئی خودت کن رہبری

حضرت قیم سجان صاحب رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن جا مناجات ہِن

نعت کافی آھن ھت فقط ھک مناجات ۽ ھک نعت تبرّکاً

لکی اتم ۽ الھی تی اکتفا کیل آھ ۔ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ

اَنْتَ الْمُجِيْبُ الدَّعْوَاتِ ٥

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

ھت مجھ مجرب نسخا حدیث شریف مان ۽ کی علماء کرام دین جا

لکن ٿا. ڪو به شخص ولي عقيدہ صادق سان جيڪڏهن هي دعا
يا درود شريف پڙهندو ته ان کي خواب ۾ جناب حضور سرور
ڪونين صلي الله تعاليٰ عليه وعليٰ آله واصحابه وبارڪ وسلم
جن جي زيارت مبارڪ جو شرف حاصل ٿيندو. هي حديث شريف
حضرت ابوهريرہ رضي الله تعاليٰ عنه جن کان روايت ڪيل آهي ته:
عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ
رَاٰنِيْ فِي الْمَنَامِ فَسَيَرَانِيْ فِي الْيَقْظَةِ وَلَا يَتَمَثَّلُ
الشَّيْطَانُ بِيْ ○ متفق عليه بخاري ۽ مسلم. جيڪو به شخص
حضور اڪرم جن جي زيارت خواب ۾ حاصل ڪندو ته عنقريب سجاڳيءَ
۾ زيارت کان مشرف ٿيندو. صدق رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم
جڏهن اهڙا ڪامل حديث شريف سان ثابت ٿي ته پوءِ حتي الوسعت
سالم عقيدي سان ڪوشش ڪجي ته اها سعادت حاصل ٿئي.
حضرت شيخ عبدالحق صاحب محدث دهلوي لکي آهي ته
اولياء الله تعاليٰ کي ديدار جي سعادت بيداريءَ ۾ حاصل رهي ٿي

حضرت شيخ امام غزالي رحمة الله تعالى عليه جن فرمائين ٿا ته
حضرات اهل دل وارن کي مشاهدو ملائڪن ۽ ارواح حضرات
انبياء على نبينا عليه الصلوات والسلام جو حاصل رهي ٿو.
هن باري ۾ حضرت ~~عباس~~ عبدالله ابن عباس رضي الله تعالى عنه جو
واقعو عجيب آهي. حضرت عبدالله صاحب رضي الله تعالى عنه
کي خواب ۾ حضور اکرم صلي الله عليه وعلى آله واصحابه وبارڪ وسلم
جن جي زيارت نصيب ٿي. هو صاحب هن حديث ۾ متفڪر هو
جو حضور جن فرمايو آهي ته جنهن کي منهنجي زيارت خواب ۾ حاصل
ٿيندي ته عنقريب بيداري يا سجاڳي جي حالت ۾ به زيارت جو
شرف حاصل ڪندو. پوءِ هو صاحب پنهنجي خاله صاحبه حضرت
ام المؤمنين ميمونه صاحبه رضي الله تعالى عنها جي خدمت
۾ ويا ۽ اهو واقعو بيان ڪيائون. حضرت ام المؤمنين اهو
آئينو مبارڪ جنهن ۾ حضور انور صلى الله تعالى عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم
جن پنهنجو منهن مبارڪ ڏسندا هوا، حاضر ڪيائون. ۽ حضرت عبدالله

صاحب کي فرمايائون ته هن آئيني ۾ مشاهدو ڪريو حضرت عبدالله

صاحب انهي آئيني ۾ مشاهدو ڪيو ته صورت پاڪ جناب

حضور سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وعلىٰ آله وصحبه وبارڪ وسلم

بعينه ڏٺائين. انهي آئيني ۾ اصول مطابق جهڙي صورت نه ڏٺائين

تبارڪ الله تعاليٰ سالڪين طريقت وارن کي رب تعاليٰ جل شانه

جهڙي فضل ۽ ڪرم سان زيارت حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم

جن جي خواب ۾ يا بيداري ۾ عطا فرمائي ٿو هن سلسلي ۾

بزرگان دين رحمهم الله تعاليٰ بعض درود شريف ۽ وظائف

انتخاب ڪيا آهن جيڪي هن ڪو حسن عقيدت سان پڙهندو ته

رب تعاليٰ جل شانه ڪين جهڙي فضل ۽ ڪرم سان حضور اڪرم

صلي الله تعاليٰ عليه وعلىٰ آله واصحابه وبارڪ وسلم جن جي

زيارت مبارڪ جو شرف عطا فرمائيندو. باليقين ۽

ڪتاب جذب القلوب الىٰ ديار المحبوب صلي الله عليه وبارڪ وسلم

۾ حضرت شيخ عبدالحق صاحب محدث دهلوي انهيءَ بابت ۾

پڙهڻ نه گهرجي . وهو هذا

① اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَسَلِّمْ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ = انهيءَ قسم ۾ هي درود شريف جي خاصيت ساڳي آهي .

② اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى رُوْحِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِي الْاَرْوَاحِ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى جَسَدِهٖ فِي الْاَجْسَادِ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى قَبْرِهٖ فِي الْقُبُوْرِ

③ جيڪڏهن ڪو به شخص جمعي جي ڏينهن هي درود شريف هڪ هزار مرتبه پڙهندو ته ان کي انشاء الله تعالىٰ حضور اڪرم صلي الله تعالىٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جي زيارت رب تعالىٰ جل شانه جي فضل سان نصيب ٿيندي ۽ ان کي جاءِ بهشت ۾ ڏسندو هي درود شريف پنج جمع پڙهي انشاء الله تعالىٰ انهيءَ درجي ۾ زيارت کان مشرف ٿيندو . وهو هذا

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ .

④ جمعرات عشاء جي نماز کان پوءِ وضو ڪري صاف ڪپڙا ڍڪي
خوشبو لڳائي گهر ڪان فارغ ٿي خدا کان ڊڄي هيئن حب
حضور جن جو وسيلو ڏيئي ٻه رڪعتون نماز نفل پڙهي -
اول رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ يارهن دفعا آيت الڪرسي ۽
يارهن دفعا سورة مبارڪ قل هو الله - ساڳي طرح ٻي رڪعت به پڙهي
سلام بعد صدق دل سان هيئون درود شريف پڙهي دعا گهري
درود شريف هڪ سئو دفعا پڙهي پوءِ دعا گهري ته يارب مون کي
حضور جن صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت جو شرف عطا فرماءِ
اهو عمل ٽي جمعا ڪندو ته انشاء الله تعاليٰ زيارت کان مشرف
ٿيندو - اهو درود شريف هي آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ وَسَلِّمْ ۝

⑤ جمعرات فرضي نماز کان فارغ ٿي ڪا گهڙي پوءِ غسل ڪري
ته بهتر ٻي صورت ۾ فقط وضو ڪري خوشبو لڳائي دل سان
زيارت لاءِ نيت ڪري ٻه رڪعتون نفل پڙهي -

هر هڪ رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ سورة شريف قُل هو الله احد - پنجويهه
دفعه پڙهي ۽ سلام بعد هڪ هزار دفعا هي درود شريف پڙهي
صَلَّى اللهُ عَلَى النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ ٥ انشاء الله تعالىٰ
زيارت کان مشرف ٿيندو۔

حضرت شيخ عبدالحق صاحب دهلوي فرمائين ٿا ته مٿين درود
مان ڪو به پڙهي پر شرط اهو آهي ته اول صدق دل بعد ۾ غسل
ڪري ۽ عنبر يا الڪحل پاڪ صاف پاڻي ۽ باوضو پاڪ
بستري تي قبله طرف منهن ڪري سمهڻ سمهڻ کان هيٺان ڏني
هيءَ دعا پڙهندو هي انشاء الله تعالىٰ ضرور زيارت کان
مشرف ٿيندو - اها دعا هيءَ آهي۔

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ بِجَلَالِ وَجْهِكَ الْكَرِيْمِ
اَنْ تُرِيَنِيْ فِيْ مَنَامِيْ وَجْهَ نَبِيِّكَ سَيِّدِنَا وجهه
مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رُؤْيَةً تُقِرُّ بِهَا عَيْنِيْ
وَتَشْرَحُ بِهَا صَدْرِيْ وَتَجْمَعُ بِهَا شَمْلِيْ وَتُفَرِّجُ

بِهَا كُرَبِيْ وَتَجْمَعُ بِهَا بَيْنِيْ وَبَيْنَهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ
فِيْ الدَّرَجَاتِ الْعُلٰى ثُمَّ لَا تُفَرِّقُ بَيْنِيْ وَبَيْنَهُ
الْكَرِيْمُ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ٥ تم الدعا - يا ارحم

هي دعا مٿين ٻنهي درود شريفن مان جيڪو بہ پڙهجي
ان لاءِ مٿين لکيل ترتيب سان ضرور پڙهجي - والسلام
هن عاصي مجسمه گنهگار راقم کي باوجود گناهن جي
رب تعالى جلشانہ پنهنجي خاص فضل ۽ ڪرم سان خواب
۾ حضور ڪريم سرور ڪائنات صلي الله تعالى عليه
وعلى آله واصحابه وبارڪ وسلم جن جي زيارتن کان مشرف
فرمايو آهي - اهي خواب هڪ بندي تي لکيا اٿم . هت
اهي خوف کان نہ لکيم مبادا نفس کي فخر ٿئي -

دارم اميد شفاعت روز محشر يا رسول
لطفي عاصي کہ در دنيا سگ ڪوئي شماست

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين - ربنا تقبل منا انک

انت المجيب الدعوات ۔

آخر ۾ پڙهندڙن کي منهنجي التجا آهي ته هن رسالي جي لکڻ ۾
جيڪڏهن مون کان ڪا غلطي ٿي هجي ته نظر لطف سان صحيح
ڪري مون کي پنهنجي دعاءِ خير و سلامتي ايمان لاءِ دعا ڪن.

والسلام تم بالخير

تاريخ ١٥ پندرهين ماهه جمادي الثاني سنه ١٤٠٠ھ هڪ هزار
چار سو هجري ۔ يوم الخميس ۔

فقير عاصي عبدالغفار مجددي عفي عنه

ٽنڊو محمد خان ۔ ضلع حيدرآباد ۔ سنڌ

آخر ۾ مناجات سلسلهٔ نقشبنديه ۽ مجدديه جو
جناب حضرت قبله شاهه آغا صاحب رحمة الله تعالى عليه جو
مطبوع ۽ مناجات ۾ رهيل نالا انجا ابيات مناجات بند مطابق
جناب حضرت محمد صاحب ۽ حافظ صاحب دامت برڪاتهم جا لکيل آهن

مناجات ؛ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؛ مناجات

؛ حمد اول م چوان رب العلیٰ جي واسطي ؛
؛ شعر بيو خالق وارض وسما جي واسطي ؛
؛ پو چوان دل وجان سان الله الصلاة تون ۽ سلام ؛
؛ سيد الكونين ختم الانبياء جي واسطي ؛
؛ كر كرم مون تي خدايا مصطفیٰ جي واسطي ؛
؛ حضرت صديق اكبر با صفا جي واسطي ؛
؛ ذكر سلامت دين ۽ ايمان منهنجو يا خدا ؛
؛ حضرت سلمان فارس پارسا جي واسطي ؛
؛ شيكو قسمت اسان جي ۽ سعادت جو نصيب ؛
؛ حضرت قاسم امام الاتقيا جي واسطي ؛
؛ صادقن سان حشر كر منهنجو الٰه العالمين ؛
؛ حضرت صادق امام الاولياء جي واسطي ؛
؛ كر زياده دين ۽ ايمان اسان جو باليقين ؛
؛ بايزيد بسطامي پيشواء جي واسطي ؛
؛ بوالحسن سو خارقاني شيخ جو ساعين نيو ؛
؛ صاحب كشف وكرامت مقتدا جي واسطي ؛

؛ حضرت شاه بوعلي عالي حسب عالي نسب ؛
صاحب علم و عمل نور الهدیٰ جي واسطي
حسن ظاهر حسن باطن شيخ يوسف کي هيو
ڏي اسان کي حسن بخي ان مه لقا جي واسطي
عبدالخالق غجدواني هو امام العارفين
خلق جو رهبر ٿيو خاصو خدا جي واسطي
معرفت بخشي عطا عارف محبت ڪر نصيب
پير ڪامل عارف ريوگر خدا جي واسطي
نيڪ بختي ڪر عطا ڪر عاقبت محمود ڪر
حضرت محمود شاه اصفياء جي واسطي
سلسلي جو پير ڪامل هو علي رامتني ؛
حضرت بابا سماسي باصفا جي واسطي
پير پيرن جو وڏو هو سيد مير ڪلال ؛
عشق عشق ڪنيا ڪو هو بخريا جي واسطي
نقشبندي نقشبندن هو بهاء الدين ولي
فيض ڪيو روشن طريقو هي خدا جي واسطي
دل ۾ ذڪر حق جو جئي جو جيان روز شب
حضرت يعقوب چرخي پيشواء جي واسطي

ٻڌ نفس و قيد شيطان کان ياخدا آزاد ڪر
خواجهٔ احرار شاهه جي ريا جي واسطي
زهد ۽ تقوىٰ طهارت علم ۽ حلم و حيا
زاهد درويش خواجه امڪنا جي واسطي
ڪر بقا بالله سان موصوف فاني غير کان
شيخ عبدالباقي باقي بقا جي واسطي
فيض جيئو روشن شريعت ۽ طريقت جو ڏيو
شيخ مجدد الف ثاني مقتدا جي واسطي
ڏي اسان کي يا الاهي تون گناهن کان پناهه
خواجهٔ معصوم اهل حق نما جي واسطي
رنگ سان ڪي دين ۽ ايمان جو ڏي ياخدا
صبغة الله شاهه جي رنگ و ريا جي واسطي
شاهه اسماعيل جو هو صاحب تقوا عجيب
فيض کي قربان جان شهن جان فدا جي واسطي
خواجهٔ معصوم ثاني ۽ شاهه غلام محمد ولي
صاحب فيض و ڪرامت با صفا جي واسطي
دل اسان جي صاف ڪر ۽ زنگ ظلمت دور ڪر
شاهه صفي الله امام الاصفياء جي واسطي

شاهه فضل الله جو ٿيو فيض جاري مسند ۾ ؛
فضل بحر ياد ٻ سانتي اولياءَ آ جي واسطي
حضرت شاهه عبدالقيوم هو انهيءَ جاءِ نشين ؛
صاحب علم ۽ عمل فيض و هُدا جي واسطي
حضرت شاهه عبدالرحمٰن هو سراج الاولياءَ ؛
آ قنا معرفت نور الهدىٰ جي واسطي ؛
هو ٻيو پيرا ساڳو مخلص حق محمر بان ؛
حضرت خواجه محمد حسن جانؒ رحمهما جي واسطي
هيترن ٻين جي واقف ڪي الله العالمين ؛
تنهنجي درتي ميڙ آنم التجاء جي واسطي
آسيان ٻيهار ۾ ٻيهار ڏاڍو ٻي عمل ؛
ڪون ڪيو ڪو عمل خالص خدا جي واسطي
نفس پوري بجا ترڪ اهل ڪمينو آسيان
ڏي مونکي توفيق تون حمد و ثناء جي واسطي
نااميدي جا مجراي شاهه آغا شاد رکي ؛
فضل تنهنجو آهي دافع هر بلاء جي واسطي
سڀ مرادون پوريون ڪر ڪيو دعائون مستجاب
تنهنجي رحمت آهي واسع هر گدا جي واسطي

اهل اولاد اسان جو شاد رکه آباد ٻي کئي

اهل بيت مصطفيٰ خير الوريٰ جي واسطي

پڻ مڙي کڻ يارب اسان جون ننگ ۽ ناموس پڻ

فاطمه بنت النبي خير النساءٓ جي واسطي

سڀ مريدن مخلصن کي رکه سلامت يا خدا

غازين بدر و حنين و ڪربلا جي واسطي

آهن سڀ ڏور ڏکڙا گهر سندن معمور ڪر

۽ دل سندن مسرور ڪر حمد و ثناءٓ جي واسطي

مشڪلات آسان ڪر دشمن کان ڏي پناهه

حرمت شير خدا مشڪل ڪشاءٓ جي واسطي

تمت

حضرت قبله شاهه آغا صاحب رحمة الله عليه جا ابيات

ٻيا ابيات = ساڳي بحر ۾ ذيل ابيات جناب حضرت
ميرو صاحب جي حافظي دست آغا جا مڪمل نه ٿا

شان شاهي شاهه آغا جي شهادت جو مليو ١

عيو ڪرم شفقتي خدا خير الوريٰ جي واسطي

حضرت شه شاهه آغا صاحب فيض سخا

مرد ولي الله ڪامل - با صفا جي واسطي

حضرت شه غلام علي - جو هو سدا صابر علي
تنهنکي حاصل ٿي شهادت - نورالعلا جي واسطي
تون غوث غفار آهين هي بنده عاجز عليل ؛
قرب قادر تون ڪندي نورالهديٰ جي واسطي
ڪر نبين ۾ ولين جي محلن يا خدا ؤ ؤ ؛
معاف ڪر منهنجون مدايون مصطفيٰ جي واسطي
محو منهنجي سار جو هوڪي حافظ جي رحم ڪر ؛
عاقبت محمود ڪر حضرت محمد مقتديٰ جي واسطي

ختم

نعت مناجات جا ابيات پورا ٿيا = خاص جناب حضرت غلام علي شاهه

جي شان ۾ - جناب حبيبه صاحب جي ۽ حافظ دات جا
چيل ابيات لکجن ٿا = ونهو هڏا - سي

ٿو - منهنجا پيارا علي جان تون جيڪو اهين تيو رحمان ؤ
1. نه صورت نه سيرت نه ڪجهه هئي عجيب
اعليٰ ۽ افضل شان تيو درجو مليو توکي عجيب
2. روح پاڪ پرواز ٿي ويو منهنجي مرشد تون شهيد
غم زده غمگين آهن منهنجا مخلص ۽ مريد

٣ وعدو ڏني پورو ڪيو انعام جنت مليئي
سردار سرور جي ڪجالي اما توکي راحت مليئي

٤ اعلى شان شهادت جو ملي تو پا ڳئا رتبي
طفيل هن ٻارن جي خدايا بخش بنده گنهگار کي

٥ شل مجي سلامت باسعادت نوي نظر عبدالحميد مان
هي التجا حافظ سندي مقبول ڪر داور ڏيان

تمت بالخير

نوٽ: آخر ۾ الڳ ۾ سڀ ڪامون مناجات حضرت قبله شاهه صاحب
صاحب رحمة الله عليه جي ڪلام مان باقي آخر ۾ رسيل ٻن حضرات
يعني حضرت قبله شاهه آغا صاحب رحمة الله عليه ۽ جناب
حضرت غلام علي شاهه صاحب شهيد رحمة الله عليه جا رسيل آهن
مان ڪي دعائون بي خبر حضرت محبوب صاحب جي حافظ رات ۾ عاجز
جا چيل ڪلام هي مناجات رب تعالى جي فضل ﷺ سان سلسله
وار بلڪل مڪمل پوري ٿيو - آخر دعوانا الحمد لله
رب العالمين والصلوة والسلام على سيد المرسلين
وآله وصحبه اجمعين - والسلام ٢٩ ربيع الاول ١٤٠٠ھ

عبده عبدالغفار عفي الله عنه
نفر محمد صالح

التماس

مون کي هن رسالہ مبارڪ جي نقل ڪرڻ جي سعادت جناب فيضمآب حضرت بابرڪت مرشدنا ومولانا ووسيلتنا في الدارين حضرت پير عبدالغفار جان صاحب سرهندي نقشبندي مجددي فاروقي جن جي ارشاد گرامي سان نصيب ٿي. مان پنهنجي هن ادنيٰ خدمت کي دارين جي فلاح تصور ٿو سمجهان. اميد ته حضرات ڪرام مجدديہ جي رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين مهلي اسان سڀني مريدن ۽ خادمن جي عاقبت محمود ٿيندي ۽ آخرت ۾ عفو ۽ بخشش ۽ رحمت حاصل ٿيندي.

آمين ثم آمين

طلب الباب درگاه حضرات مجدديہ رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين

ناچيز معاصي عبدالعزيز (عزيز)


ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻہ - سنڌ

دعا.


الهي به بخشائي اين رسالہ را مصنف ونويسنده وخواننده را

آمين

تاريخ يارهين ربيع الثاني معظم شعبان المعظم سن ١٤٠٠ هه مطابق چارشنبه ٢٥ جون سن ١٩٨٠ عيسوي



اهل الله حضرت حاجی محمد صفو الله صاحب رضی الله تعالی عنه
حضرت حاجی محمد صفو الله صاحب
رضی الله تعالی عنه
حضرت امین الله صاحب
میاں مطیع الله
حضرت میاں عبدالباقی صاحب
حضرت عزیز الله
عبدالجبار جان
لاولد
طول عمرهم بالهدایة مع الاهل والاولاد



حضرت محمد صفی اللہ صاحب
رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ
حضرت امین اللہ صاحب
میاں قدرۃ اللہ
جناب آغا عبد السلام جان
غلام قیوم جان
حبیب اللہ جان
امین اللہ جان
عظیم اللہ جان
عبد الباقی جان
عزیز اللہ
حفیظ اللہ